# سنڌوءَ جو سفر

# 1831

## اليگزينڊر برنس



Sindhica

# سنڌوءَ جو سفر

1831ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌوءَ جو سفر

# 1831ع

اليگزينڊر برنس

سنڌيڪار
عطا محمد ڀنڀرو

سنڌيڪا اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر
19

ڇپائيندڙ جا هر قسم حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: سنڌوءَ جو سفر (1826ع)
ليکڪ: اليگزينڊر برنس
ڇاپو پهريون: جولاءِ 1994ع
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نياز حسين ڳبول
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ملهه: 100 رپيا

All rights are reserved for the publisher
**'SINDUA JO SAFAR'**
Sindhi Tranlation of Book "Journey into Bokhara' Vol. II
by Alexandar Brunes
First edition: July 1994
Printed at Azad Communications
Karachi Ph: 7737290
Published by: Sindhica Academy
Karachi, P.O Box No:7363

Price: Rs. 100.00

لکيڙهه لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
پوسٽ باڪس نمبر 7363 ڪراچي 74400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ

پبلشر پاران
تعارف
**باب پهريون**
سفر جي شروعات 13
**باب ٻيو**
ٺٽي کان حيدرآباد 31
**باب ٽيون**
بکر جو سفر 44
**باب چوٿون**
بهاول خان جو ملڪ 62
**باب پنجون**
سنڌوءَ جو درياهي سفر 77
**باب ڇهون**
لاهور 100

# واڌارا

**باب پهريون**
سنڌوءَ متعلق لکيل يادگيريون 131
**باب ٻيون**
سنڌوءَ گنگا وچ ۾ ڀيٽ 133
**باب ٽيون**
سنڌ جي سرزمين 139
**باب چوٿون**
سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو 148
**باب پنجون**
سنڌوءَ جو درياهي سفر 160

**باب ڇهون**
ٺٽي کان حيدرآباد تائين سنڌوءَ جو احوال 164
**باب ستون**
حيدرآباد کان سيوهڻ تائين سفر 167
**باب اٺون**
سيوهڻ کان بکر تائين سنڌوءَ جو سفر 171
**باب نائون**
سنڌو بکر کان وٺي پنجاب جي ندين جي ملڻ واري جاءِ تائين 176
**باب ڏهون**
سنڌو مٺڻ ڪوٽ کان اٽڪ تائين 180
**باب يارهون**
چناب جو ستلج سان سنگم 183
**باب ٻارهون**
بهاول خان جو ملڪ 185
**باب تيرهون**
پنجاب 188
**باب چوڏهون**
چناب (Acesines) ۽ راويءَ (Hydroates) جو سنگم 191
**باب پندرهون**
لاهور کان هيٺ راويءَ جو احوال 194
**باب سورهون**
سنڌوءَ جي اوڀرندي شاخ ۽ ڪڇ متعلق يادگيرن تان ورتل احوال ۽ ڪڇ ۾
1819ع ۾ آيل زلزلي ڪري آيل تبديلين ۽ رڻ متعلق ٻه چار ڳالهيون 196

**ضميمو**
باب پهريون 213
باب ٻيو 228
باب ٽيون 245

## سنڌوءَ جو درياهي سفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

سنڌيڪا جي اشاعتي سلسلو شروع ڪندي ٽي سال مڪمل ٿي چڪا آهن، ان عرصي ۾ اسان سنڌ، سنڌي ثقافت، سنڌ جي تاريخ، لطيفيات ۽ ٻين علمي ۽ ادبي موضوعن تي پنهنجي حال سارو جيترا ڪتاب شايع ڪيا آهن، تنهن لاءِ سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن جي طرفان سوين خطن ۽ روبرو ملاقاتن جي ذريعي نيڪ جذبن ۽ تمنائن جي اظهار سان سچ پچ ته اسان جي سفر جا سينئي ٿڪ لهي ويندا آهن ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهه اها ته هي علمي ۽ ادبي ذوق پنهنجي ماڻهن جي لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي احساس ۾ سيني ڏکيائين کي اورانگهي سفر کي پوري همت سان جاري رکڻ ۾ مصروف رکندو پئي آيو آهي. ساڳي وقت ائين به ٿيو آهي ته ڪجهه مهربانن هن ڪم ۾ ريس ڪرڻ جي سٺي روايت بجاءِ حسد جو سهارو وٺي پاڻ کان ڪجهه سرانجام نه ٿيڻ جي محروميءَ کي تاتيندي اداري کي لوڙڻ جون ڪوششون ڪيون آهن. انهن ڪوششن ۾ اهي ماڻهو پيش پيش رهيا آهن، جن ماڻهن جي شاعري، ناولن، ڪهاڻين ۽ سفرنامن کي، اسان پنهنجي لاءِ منتخب تحقيقي موضوعن جي مجبوري پيش ڪندي ڇاپڻ کان معذوري ڏيکاري.

اسان هيستائين انهن ماڻهن کان ڪابه شڪايت ڪونه ڪئي آهي ۽ ان کي غلامن جي نفسيات جو مظهر سمجهي پنهنجي سفر کي جاري رکيو آهي، بلڪ اسان کي پنهنجي سوسائٽيءَ جي لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي وڏيڪ موضوع سامهون آيا آهن، جن تي تحقيق ۽ تشريح جي ضرورت آهي.

محترم بدر ابڙي صاحب جڏهن 'سنڌوءَ جو سفر ١٩٨٩ع' جو مسودو اسان جي حوالي ڪيو ته انهن ڏينهن ۾ ئي Travels into Bukhara ڪتاب اسان جي نظر مان گذريو، جنهن جي ٽئي حصي کي ترجمو ڪري، ان کي 'سنڌوءَ جو سفر ١٨٢٦ع' جي نالي سان پڌرو ڪرڻ جو عزم ڪيو ۽ محترم عطا محمد ڀنڀري ان جي ترجمي لاءِ هائوڪار ڪري معاملو سولو ڪري ڏنو. انهيءَ عرصي ۾ اليگزينڊر برنس ٽئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب "Quabul" جو مطالعو ٿيو ته ان ۾ ڪابل جي سفارت لاءِ ويندي سنڌ مان سندس گذرڻ جو احوال پنجن بابن تي مشتمل هو، تنهن کي پڻ ترجمو ڪري ضميمي طور هن ڪتاب ۾ شامل ڪري رهيا آهيون ته جيئن اليگزينڊر برنس جو سنڌ متعلق احوال هڪ ئي ڪتاب ۾ يڪجاءِ پڙهندڙن کي ملي وڃي.

اهو حصو پڻ محترم عطا محمد ڀنڀري مختصر نوٽيس تي ترجمو ڪري ڏنو، جنهن لاءِ هن ڪيرون لهڻيون. ترجمن جي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس خدمتون هميشه يادگار رهنديون. محترم علي حسن چانڊيو ڪتاب جي پروفن ڏسڻ ۽ محترم طارق هيسباڻي ڪمپوزنگ ۾ هميشه وانگر پاڻ ملهايو، ان لاءِ هنن ٻنهي جس لهڻي.

نور احمد ميمڻ

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

سنڌا دوست ڪنهن ڀاڳ واري کي ملندا آهن. منهنجي خوش قسمتي آهي جو اسان جي چئوياريءَ سان سيد محسن علي شاه بخاري، مرحوم محمد زمضان اعوان ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق شامل آهن. انهن سان هوندئن ته ازل جو انگ هو، پر اهو 1956ع ۾ ممتاز ڪاليج خيرپور ۾ پڙهائي دوران پڌرو ٿيو، جڏهن اسان چئني جو اٿڻ ويهڻ مڪا ميلو ٿيو.

انهن دوستن جي صحبت ۾ علم ۽ ادب سان دلچسپي ان دور کان ئي قائم رهي. حيدرآباد اچڻ کانپوءِ سنڌ جي متعلق انگريزي ڪتابن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو عزم ڪيو ۽ مون ٻسم الله سورلي جي ڪتاب 'Shah Abdul Latif of Bhitt' جي ترجمي سان ڪئي، جيڪو سنڌ جي معروف اداري 'سنڌيڪا' پاران 'ڀٽ جو شاهه' نالي سان ڇپجي چڪو آهي. ان کان پوءِ سنڌيڪا جي چيئرمين نور احمد ميمڻ جي چوڻ تي برنس جي ڪتاب 'Travels in to Bokhara' جو ترجمو ڪيم، جيڪو هينئر اوهان جي هٿن ۾ آهي. ڪجهه ٻيا ڪتاب ترجمو ڪيا اٿم، جيڪي مختلف ادارا ڇاپي رهيا آهن.

هي حقيقت آهي ته ارڙهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ روس ايراني دربار ۾ اثر رسائي حاصل ڪري چڪو هو. ان دور ۾ انگريز هندستان ۾ پنهنجا پير وڌيڪ پختا ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. روس اڳتي سمنڊ ڏانهن وڌڻ تي گهريو. روس جي ان ارادي انگريزن کي پڙڪائي ڇڏيو هو. ڪين اهو به ٻڌ پ وڪوڙي ويو ته متان روس، افغانستان، پنجاب ۽ سنڌ رستي اڳي وڌڻ شروع ڪري. نيپولين بوناپارٽ کان پوءِ روس، انگريز جي آفريڪي پاليسي هندستان تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي. ان ڪري هنن افغانستان جي وڳوڙي صورتحال مان فائدو وٺي، اتي پنهنجا پير پختا ڪري روس کي روڪڻ جو منصوبو ٺاهيو، جنهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هنن پنهنجو لشڪر سنڌ وسيلي افغانستان وٺي وڃڻ پئي چاهيو. ان کان سواءِ دهلي تي پوري ريت قبضي ڪرڻ کان اڳ سنڌ ۽ پنجاب کي فتح ڪري پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪرڻ ٿي چاهيو.

تاريخ پڙهڻ سان اسان کي پتو پوي ٿو ته تُرڪ دور ۾ دهليءَ جي بچاءَ واسطي سنڌ جا هميشه طاقتور گورنر مقرر ڪيا ويندا هئا. اڪبر بادشاهه به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعارف

ڪڇ صوبي جي ڪوارٽر ماسٽر جنرل واري کاتي ۾ ڪيپٽن سالن کان وٺي، مان هڪ آفيسر طور نوڪريءَ ۾ هوس. تاريخ ۽ جاگرافيءَ سان لاڳاپيل معلومات هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ پڇا ڳاڇا ڪندي، مان سنڌوءَ جي صفا اوڀارين منهن وٽ وڃي نڪتو هوس. سنڌوءَ جو اهو ڦاٽ هن ملڪ (ڪڇ) جي دنگ سان وهندو آهي. سنڌ کان سواءِ ڪڇ جو رڻ ئي هڪ واحد علائقو آهي، جنهن مان هن درياه جي هڪ مکيه ڇاڙهه وهي ٿي، جنهن بابت اسان وٽ ڪافي معلومات موجود هئي ۽ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اڻ تڻ به ڏاڍي هئي، هن ڏس ۾، بمبئيءَ جي فوجي ڪمانڊر- ان- چيف، ليفٽيننٽ جنرل ٿامس براڊ فورڊ منهنجي همت افزائي ڪئي. سندس ترغيب مون کي گهڻو اتساه ڏياريو: هن فوجي آفيسر اتر- اولهه هندستان جي سرحدي علائقن متعلق مون ساڻ، کُليءَ دل سان پنهنجي راءِ جو اظهار به ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته برطانيا جي مفادن واسطي انهن علائقن جي ڄاڻ وڏيءَ اهميت واري هئي، منهنجيءَ گذارش تي مون کي، هن، اهڙي منظوري ڏني منهنجيءَ دل کيس وڏو ڏيڍ ڏنو هو، جنهن لاءِ مان سندس ڏاڍو ٿورائتو آهيان. ان ڪم لاءِ مون پنهنجون خدمتون رضاڪارانه پيش ڪيون هيون. سونپيل فرض کي اڪلائڻ واسطي مون کي، 1829ع ۾، هندستان ۾ سنڌوءَ جي وچ وارو ٽر جو رڻ اڪري، ڪوشش ڪري درياه رستي سمنڊ تائين پهچڻو هو. اهڙي طرح سفر سبب سياسي معاملا مونجهاري ۾ پئجي سگهيا ٿي: پر ان زماني ۾ بمبئيءَ جي حڪومت اهڙي فرد جي هٿن ۾ هئي، جنهن کي هِن ماڻهن کان وڌيڪ، ايشيا جي جاگرافيءَ ۽ ادب لاءِ ڏاڍو شوق هو. ان مقصد جي موتيءَ هٿ ڪرڻ واسطي بمبئيءَ جي حاڪم سر جان مالڪم مون کي ان سفر تي روانو ڪيو هو ۽ مون کي کاتي جي سياسي شاخ ۾ بدلي ڪرائي هو ڏاڍو خوش به ٿيو هو. سندس خيال هو ته جن حڪمرانن جي ملڪ منجهان گذران ته ساڻن ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ ڪو طاقتور اثر ضرور موجود هجي. اهو اثر سندن ڪاوڙ ۽ ڪيني کي ماٺي ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ويندو، نه ته ٻيءَ صورت ۾ هو ڪوجنا واري ڪشالي کي بند ڪري ڇڏيندا يا پيا اجايون سجايون رنڊڪون وجهندا.

1830ع ۾ خيرن سان ٿر جي رڻ ۾ داخل ٿيس. سفر ۾ ليفٽيننٽ جيمس هالينڊ مون سان پاڻهن هيلي هو. هو به مون جيان ڪوارٽر ماسٽر جنرل جي کاتي ۾ آفيسر طور نوڪريءَ ۾ هو. ڏاڍو هوشيار هو ۽ منهنجي مدد واسطي هڪ لائق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيسر ثابت ٿيو هو.

جيسلمير وٽ پهتاسين تہ اسان کي هندستان جي سپريم گورنمينٽ وٽان هڪ نهايت اهم پيغام اچي مليو، جنهن ۾ اسان جي واپس ورڻ جي خواهش ڏيکاريل هئي. چاڪاڻ تہ ان زماني ۾ سنڌ جي حڪمران کي ڪاوڙائڻ جي خطري ڪٽڻ جو موقعو ڪونہ هو. اهو بہ امڪان هو تہ هن سفر جي ڪري هيا ملڪ بہ مٿ ڦوڪ ڪن ها. ان ڪري واپس تہ موٽياسين، پر اهڙيءَ مايوسيءَ کي مون محسوس ڏاڍو ڪيو. ٻئي سال اها چپ پاٺي چيتيون ٿي وئي. ٿيو هيئن جو برطانيہ جي بادشاهہ وٽان، لاهور جي سک حڪمران راجا رنجيت سنگهہ لاءِ ڪي سوکڙيون پاکڙيون اچي پهتيون هيون. ان معاملي سان گڏ، اها بہ خواهش ڏيکاري وئي هئي تہ لاهور وينديء، سنڌوءَ جي صحيح معلومات حاصل ڪرڻ واسطي، سندس گهري ايپاس کي ڪڏهن بہ نظرانداز نہ ڪريون. هيءُ ڪتاب ان فرض جي پوئواريءَ جي ڏس ۾ هڪ مفصل احوال آهي، جيڪو مون سنڌوءَ رستي لاهور ويندي قلمبند ڪيو آهي. جيسلمير ۽ هندستان جي اتر- اولهہ وارن سرحدي مُلڪن مان لنگهندي، مون جيڪا بہ متعلق معلومات حاصل ڪئي هئي، سا هاڻي رايل جاگرافيڪل سوسائٽي آف لنڊن طرفان شايع ڪئي وئي آهي.

لنڊن- جون7- 1934ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

# سفر جي شروعات

سن 1830ع ۾ هڪ جهاز اچي بمبئيءَ جي بندر تي بيٺو. هن جهاز ذريعي برطانيہ جي بادشاه طرفان، لاهور جي سک حڪمران، راجا رنجيت سنگھ لاءِ سوکڙيءَ طور موڪليل پنج گھوڙا اچي پهتا هئا. بادشاه سلامت جي وزير(1) طرفان سک حڪمران ڏانهن لکيل هڪ دوستاڻو خط بہ هن سوغات سان گڏ هو. ان وقت جي بمبئيءَ جو گورنر ميجر جنرل سر جان مالڪم جي سفارش سان، هندستان جي سپريم گورنمينٽ، سنڌوءَ درياه رستي، سکن جي صدر مقام لاهور وچي سوکڙين پهچائڻ جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو، جيڪو مون لاءِ هڪ اعزاز هو. ان وقت ڪڇ ۾ مون کي هڪ سياسي عهدو هو. ڪڇ، هندستان اندر انگريز سرڪار جو اهو اڪيلو حصو آهي، جيڪو سنڌوءَ جي بلڪل ويجهو آهي.

ان وقت انگلينڊ ۾ هندستان جي اعليٰ اختياري وارن کي فقط اها هورا ڪورا لڳل هئي تہ ڪيئن بہ ڪري هن سفر دوران، سياست ۽ جاگرافيءَ سان لاڳاپيل اهم معلومات هٿ ڪئي وڃي. سنڌوءَ متعلق، اسان وٽ معلومات منجهيل ۽ اڻپوري هئي. سندس وهڪرن جو گهڻو تڻو احوال آرين (Arrain) ڪرٽس ۽ سڪندر اعظم جي فوجي مهم سان لاڳاپيل مورخن جي لکڻين تان ورتل هو.

ان ڏس ۾، سرجان مالڪم، آگسٽ 1830ع ۾ سرڪاري رڪارڊ ۾ هن طرح جو ٿورو ڪجھ واڌارو ڪيو. "سنڌو جهازرانيءَ لائق هڪ وڏو ۽ اهم درياه آهي. ٺٽي کان وٺي حيدرآباد ستر ميل بيگھ متعلق اسان وٽ معلومات آهي. باقي ان پاڻي کان هيٺ يا مٿي ڪا پروسي جوڳي جاڻ پاڻ وٽ ڪانهي، سندس چوڙ واري علائقي متعلق، اسان وٽ فقط مقامي ماڻهن وٽان هٿ ڪيل احوال آهن، جن مان اسان ڪي حقيقتون سمجهي وٺون ٿا تہ ٺٽي کان هيٺ سنڌوءَ جا ڦاٽ گهڻي لٽ سبب، پنهنجا وهڪرا بدلائيندا رهيا آهن. انهن مشڪلاتن هوندي بہ ننڍي قسم جا بيڙا هاڪاري سنڌوءَ جي وڏي وهڪري تائين پهچي سگهجي ٿو ۽ جيستائين سنڌوءَ جو تعلق آهي تہ هي درياه، بنا ڪنهن شڪ شبهي جي، حيدرآبا کان مٿان، هن

---

(1) Lord Eden brough, Then president of the India Board Vole. III



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، پر هو ائين سمجهي ها ته دشمن جي هارايل فوج آهي، جيڪا جنگ جا سانياها پئي ڪري... هاڻي سمنڊ جي وير پر وارن گول هيٺن کان سواءِ سڄي علائقي کي ٻوڙي ڇڏيو هو ۽ اهي وڏا ٻيٽ به ننڍڙيون ٽيڪريون معلوم ٿي رهيا هئا. ٻڄ ۾ لٿل جنگي سپاهين جي گهڻائي پنهنجا هوش حواس وڃائي پريشانيءَ جي حالت ۾ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ترڪي ۽ ترڪي رهي هئي. جنگي ٻيڙي جا ڪي جهاز سمنڊ جي اونهي پاڻيءَ ۾ ته ڪي ٽانگهي ۾ بيٺا هئا. وير سامونڊي پوڻن کي پسائي ڇڏيو.

مقدونين مٿان نئينءَ مصيبت منهن ڪيو، جيڪا اڳئين کان وڌيڪ ڏکي ۽ خطرناڪ هئي. سمنڊ لهڻ شروع ڪيو هو. مهان وڏي وير پوئتي هٽي وئي هئي. اها هر چيز ظاهر ٿي پئي هئي، جيڪا سوا گهڙي اڳ تار پاڻيءَ هيٺ لڪل هئي. جهاز ڪنارن کان گهڻو پوئتي هليا ويا هئا. ڪن جهازن جون اڳليون ڪپ ۾ ڪتل ۽ پاڇيلون مٿي آسمان ڏي اڀيون هيون. ڪي جهاز وري پاسا ڪوڙيو سڪيءَ زمين تي آهليا پيا هئا. جنهن جاءِ تان پاڻي ڇڏي ويو هو، اتي يوناني لشڪر جو سامان سڙو چوڌس پکڙيو پيو هو. هٿيار پنهوار به چوڌاري ڪنڊڙيا پيا هئا. جيڏانهن نهار تيڏانهن يونانين جي ڀڳل جهازن جا تختا پکڙيل هئا ۽ جاڏي اک کڻ اوڏاهين ڀڳل اون جا ٽوٽا ۽ پرزا پيل هئا. جيڪو وهيو واپريو، تنهن جو يونان جي جنگي سپاهين کي اعتبار نئي ڪونه ٿي آيو. جيڪو اکئين ڏٺو هئائون تنهن تي به ويساهه ڪونه ٿي ڪيائون. سمنڊ ۾ نظر ڪر ته ڀڳل جهاز، اکين آڏو واريا سن ڪنارن ڏي ڏس ته به ڀڳل جهاز، درياهه ڏي اک وڌاءِ ته به ڀڳل جهاز؛ کين پڪو ويساهه ٿي ويو ته سندن بدبختي اتي ختم ڪانه ٿي آهي. پنهنجي لاءِ هر شيءِ جي کوٽ ۽ موت لاءِ اڳڪٿي ڪيو ويٺا هئا. سندن خيالن ۾ ساموندي لهريون جيڪي ڪنارن تي موت جا راڪاس ڇڏي ويون هيون، سي اڃا به هنن لاءِ رانيانٽ ڪندا ڦري رهيا هئا. پر انهن اڻ ڄاڻن کي اها ڪل ڪانه هئي ته واپس موٽندڙ ساموندي وير، سندن جهازن کي اونڌي مان سنئون ڪري تاري به سگهي ٿي."

اسان جو هي ننڍڙو جنگي ٻيڙو نيرڪوس جي پيدا ڪيل آفت سان ڪڏهن به پورو پئجي ڪونه سگهيو. ڪُئنٽس ڪرٽس جا چيل لفظ به سانگي سان ٻڌندا هلو: "سمنڊ جو پاڻي آهستي آهستي پکڙجڻ لڳو. چوڌاري اٿل ٿيڻ لڳي. جهازن مٿي ٿيڻ شروع ڪيو. پاڻيءَ جو اهڙو ته چاڙهه ٿيو جو جهاز پاڻ مرادو هلڻ شروع ٿي ويا."

مان هن قسم جي عنوانن تي هاڻي ڪونه لکندس، جيتوڻيڪ اهي ڏاڍا دلچسپ آهن، پر هن ڪتاب ذريعي مان پراڻي دور جي ناتي سان موجوده سنڌوءَ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندس. جيڪڏهن مان هن ڳالهه ۾ سوڀارو ٿيس ته بيحد خوشي ٿيندي ۽ ڪتاب به بذات خود ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو. جڏهن ماڻهو سنڌوءَ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي برطانيہ حڪومت جيٰ پلين پاڳين، مردن جيان منهن ڏئي وڃي پار پياسين. اهي ساموَنڊي آپدائون ڪنهن انسان جي هٿ وس ڪونہ هيون، جو انهن کي ڦيرائي سگهجي. ”لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙي نہ وڃي.“ اسان الله تعاليٰ جي مهربانين سان انهن سيني لهرين ۾ لوڏن مان نڪري، اچي ڪناري سان لڳا آهيون. مون کي پورو ويساه آهي تہ اهي اعليٰ اختياري وارا جن جو آءٌ نوڪر آهيان، اوهان جي ڏنل هن آجياڻي سبب ايتروئي گهڻو خوش ٿيندا، جيترو آءٌ هينئر خوش ۽ سرهو آهيان.

هلندڙ ملاقات ختم ٿي وئي. هزهاءِ نيس ايندڙ صبح جو وري ٻيءَ ملاقات لاءِ اڳ ۾ ئي وقت رکي ڇڏيو هو. جنهن ۾ برطانيہ سرڪار طرفان سياسي نوعيت جون ڳالهيون ٻولهيون ساڻس ڪيون وينديون. منهنجيِ ياءُ جي تصنيف (1) ڪرنل پاٽنگر جي لکيل تذڪري ۾ سنڌ جي دربار متعلق سندن لاتعلقي ڏيکاري وئي آهي. ساڳيءَ ريت سنڌ جي دربار سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي سان منهنجو ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي. امير ۽ سندس خاندان وارن کي ڪي اوچي قسم جا جواهر موتي پاتل ڪونہ هئا. جيڪڏهن پاتل هجن بہ ها تہ اها سندن شاهي شان ۾ گهٽتائي سمجهي وڃي ها. دربار ۾ سندن شاهي محلات ٻئي ساديون هيون، جن اسان جو ڌيان ڪونہ ڇڪايو. اسان جي آجيان هڪ صفحي ۾ ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪو غاليچو بہ وڇايل ڪونہ هو. امير بہ هڪ اهڙي ڪمري ۾ ويٺا هئا، جتي گدلا ميرا سپاهي ميڙاڪو ڪيو مٿان بيٺا هئا. گوڙ شور ۾ مٿي ايڏي هئي، جيڪا سهڻ جهڙي نہ هئي. ڪين ماڻ رهڻ واسطي امير پاڻ وري وري آواز ڏئي تاڪيد پئي ڪيو، پر ان جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿي ٿيو. ان گوڙ ۾ شور ڪري بعضي تہ خود امير جو پنهنجو آواز بہ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. اسان کي ٻڌايو ويو تہ اهو گوڙ ان ڪري آهي جو اسان کي اميرن سنڌ جيِ فوجي طاقت ڏيکارڻ پئي چاهي. رستا ۾ گهٽيون ماڻهن سان پريون پيون هيون. سردارن جي ڪوشش کان سواءِ اسان جو قلعي کان ٻاهر نڪرڻ ئي ممڪن ڪونہ هو. اهي سردار قلعي کان ٻاهر نڪرڻ واسطي اسان جا پيشوا مقرر ٿيل هئا.

مان ملاقات کان پوءِ سرڪار طرفان هزهاءِ نيس لاءِ ڏنل سوکڙيون، جيڪي گهڻو ڪري يورپ جون ٺهيل هيون، جهڙوڪ: بندوق، پستول جو پٽو، سوني واچ، ٻہ دوربينيون، هڪ گهڙيال، انگريزي شالون، شيشي جي شمعدانن جا ٻہ عاليشان جوڙا، ڪجھ بمبئي ۾ ڇاپيل فارسي ڪتاب ۽ فارسي نوعيت جو دنيا جو ۽ هندستان جو نقشو هئا. اسان اهي سڀ سوکڙيون هزهاءِ نيس جي حوالي ڪيون. سنڌ جي امير اسان ڏانهن اڳ ۾ ئي ٻہ قاصد ان مقصد لاءِ موڪليا هئا تہ جيئن مان تحفي واريون شيون هنن کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي نہ ڏيان، ۽ پندرهن ملين اسٽرنگ پائونڊ فقط سندس گهر جي ڀاتين ۾ ورهايان ۽ هوڏانهن سيني سوکڙين

(1) Narrative of the visit to the court of Sinde - Edin 1821



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلومات مطابق وٽ آهر اسان جي ملاقات جي مخالفت ڪري رهيو هو ۽ بعد ۾ اسان گفتگو جي موضوع کي بدلائي ڇڏيو. امير اسان کان انگلينڊ متعلق گهڻا ئي سوال پڇيا ۽ اهو پڻ ٻڌايو تہ "اسان بنيادي طور تي فوجي ذهنيت رکندڙ ڪوم هئاسون. صدي سوا اڳ اسان بنا ڪپڙن جي اگهاڙا گهمندا هئاسون ۽ پنهنجي جان کي مختلف رنگن سان رنگيندا هئاسين." اسان جي مذهب متعلق بہ هن گهڻو ڪجهہ ڄاڻڻ ٿي چاهيو. جڏهن مان کيس ٻڌايو تہ مان قرآن پڙهيو آهي تہ هن بي انتها خوشي مان مون کي ڪلمو پاڪ پڙهڻ لاءِ چيو. هن چيو تہ اسان جي عظمت انسان ذات جي سڃاڻپ ڪري آهي ۽ ان ڪري بہ آهي جو پنهنجن ماڻهن سان گڏ ٻين ماڻهن جي ڏکن سکن ۾ شريڪ آهيون. هن منهنجي تلوار کي پرکي ڏٺو ۽ چيو تہ هيءَ گهڻو ڪم ڪري ڪانہ سگهندي. مان کيس جواب ۾ چيو تہ هن هٿيار هلائڻ جي منهنجي عمر هاڻي گذري چڪي آهي. ڏنم تہ ڪچهريءَ ۾ گهڻن ماڻهن ڪان ٿڌو ساهہ کڄي ويو. جيڪو ڪجهہ هن امير چيو هو ان ۾ ڏاڍي نهٺائي نماڻائي هئي ۽ اعتبار ئي ڪونہ پئي آيو تہ مان ڪنهن بلوچ سردار جي دربار ۾ آهيان. هن گهڻي افسوس جو اظهار ٿي ڪيو تہ اسان سائس مهينو ڪن تہ گڏ گذاريون ها.
اسان جيئن تہ اڳتي سفر ڪرڻ جو پڪو پہ ڪري چڪا هئاسون، ان ڪري هن پنهنجي جهمٽي (ٻيڙي) ۽ پنهنجي وزير جو پٽ پنهنجي ملڪ جي سرحد تائين گڏ ڏنو ۽ هن جي چوڻ مطابق جيستائين اسان خيرپور جي سرحدن اندر هجئون، هڪ بلوچ سپاهيءَ جي غريباڻي دعوت قبول ڪندا رهون. نياز ۽ نوڙت سان جنهن کي هن 'غريباڻي دعوت' پئي سڏيو، تنهن ۾ نوَ يا ڏهہ ريڍون ۽ 150 ماڻهن جي روزانو ماني هئي.

جيترو وقت خيرپور ۾ موجود هئاسون، تہ 72 قسمن جا طعام بہ پيرا ڏهاڙي ايندا رهندا هئا. جن ۾ پلاءُ ۽ ٻيا کيترائي سنڌي کاڌا شامل هئا. رڌپچاءُ بہ ڏاڍي ناهوڪي نموني سان ٿيل هو. انهن مان ڪي کاڌا تہ ڏاڍا ساءَ سواد وارا هئا. سڀ کاڌا چانديءَ جي ٿانون ۾ ڏنا ويندا هئا. اسان جڏهن خيرپور ڇڏي تہ دل ۾ ڏاڍو ڏک محسوس ٿيو. خيرپورين اسان جي ڏاڍي عزت ۽ مان رکيو. ڏاڍا محبتي مڙس هئا. سفر تي اسهڻ کان اڳ ۾، اسان کي مير صاحب جي خاندان طرفان بہ خنجر مياڻن سميت ۽ بہ خوبصورت تلوارون مليون، جن مٿان سون جو ڏاڍو سهڻو ڪم ٿيل هو. هڪ تلوار جو قُر تہ 80 پائونڊن جيترو قيمتي هو. ان کان سواءِ سنڌ جا کيترائي پٽ مان نُهيل ڪپڙا، هڪ هزار رپيا روڪ پڻ موڪليا ويا. جيڪي مون واپس موٽائي ڇڏيا ۽ چورائي موڪليو تہ مير صاحب جيڪي توهان اسان تي مهربانيون ڪيون آهن، سي اڳي ئي ڪافي آهن.
مسٽر ايلفن اسٽون پنهنجو رايو هن ريت ظاهر ڪيو آهي تہ: "سنڌ جا سردار سخت قسم جا جهنگلي ماڻهو آهن." پر اها راءِ غلط آهي، منهنجي خيال ۾ هو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بهاول خان جو ملڪ

21 مئي تي اسان بکر مان سڙهه سنباهيا. اڳين ٻيڙين بدران اسان کي زُروڪ نالي ٻيون ٻيڙيون استعمال لاءِ ڏنيون ويون. لاڙ سنڌ ۾ اهڙيون ٻيڙيون اِستعمال ۾ ڪونه ايندڙيون آهن. شڪل صورت ذري گهٽ چوڪنڊي ۽ اڳيان ۽ پاڇلي گولائتي اٿن. ٿالهيءَ جي ڪاٺ مان جوڙيون وينديون آهن. ميخن بدران لوهه جا ٽڪرا استعمال ڪيا ويندا آهن. هلائڻ ۾ ڏاڍي سولي ۽ سهٽي ٿئي ٿي. ڪن ٻيڙين جي ڊيگهه 80 فوٽن کان به وڌيڪ هوندي آهي ۽ ويڪر 20 فوٽ کن هوندي اٿن: سنڌن ترو تراڪڙو ٿئي، ۽ ٻوڙندي ٻيڙيءَ کان وڌيڪ سولائي سان پاڻيءَ تان ترڪنديون وينديون آهن. ڪين کوهر فقط هڪ ٿئي ٿو. سڪندر جن ٻيڙين رستي پنهنجي لشڪر سان ڪڏ سفر پئي ڪيو، تن جون وصفون اهڙيون بيان ڪيل آهن، جو پائنجي ٿو ته اهي 'زروڪ' قسم جون ٻيڙيون هيون، جن کي لشڪر جي آمد ورفت لاءِ بهتر نموني استعمال ڪري سگهجي ٿو. آرين ان کي 'گول قسم جي' ٻيڙي سڏي ٿو، ۽ چوي ٿو ته جڏهن جهلم درياه مان چناب ۾ پهتيون ته ڪين ڪوبه جوکو ڪونه رسيو پر وڏيون ٻيڙيون ڀڃي ڪنا ڪيڙا ٿي ويون. سنڌن بناوت، جهلم ۽ چناب جي پاڻيءَ جي سنگم وقت ٻيڙين جي حادثن کي نظر ۾ رکي تيار ڪئي وئي هئي.

سنڌوءَ جي ڪنارن سان بيٺل ماڻهن جي اسان جي باري ۾ پڇ پڇ تمام گهڻي هئي. ماڻهن جي ميڙ مان هڪ ماڻهو، ٻيڙي جهلي اسان کي ٻاهر اچڻ لاءِ گذارش ڪئي. ڇاڪاڻ ته هتان جي ماڻهن ڪڏهن سفيد چمڙيءَ وارا يورپي ماڻهو ڪونه ڏٺا هئا. اهو حال ڏسي اسان ڪي ٻاهر اچڻو پيو. ماڻهن جي ميڙاڪي اسان جو ڏاڍو آدرڀاءُ ڪيو. اهو ماڻهو ميڙاڪي جو جڻ نمائندو ٿي معلوم ٿيو، تنهن اسان کي چيو ته هن ڪابل جو بادشاه شاه شجاع ڏٺو آهي، پر ڪو انگريز ڪونه ڏٺو آهي. مان سنڌس ٿورا مڃيا، ٻيڙيءَ مان ٻاهر اچي ظاهر ٿي بيهڻ تي ماڻهن 'بسم الله' چئي اسان جي مرحبا ڪئي.

جتان لنگهندا هئاسون ته ماڻهو اسان کي بادشاه يا شهزادا سمجهندي اسان جي آجيان ڪندا هئا. هن معاملي ۾ عورتون پنهنجي مردن کان، به اڳريون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پنجون

جون جي 12 تاريخ تي اسان دريائي سفر جون تياريون مڪمل ڪري ڇڏيون. وري چناب رستي هاڪاريوسين. هن وقت اسان جي استعمال لاءِ سٽيون ٻيڙيون ڪونه هيون. پر پوءِ بہ سندن نالو 'زروڪ' هو. ڪين سڙه وغيره بہ ڪونہ هئا. ننڍي ڪوهي يا مستول تي تڏن مان ڪم ورتو ٿي ويو. سندن لَڪُ، پاڻيءَ کان هڪ فوٽ ڪن مٿي هو. اسان جي سفر واسطي جيڪي خاص ٻيڙيون آنديون ويون هيون، سي مختلف قسم جون پاٽي ٻيڙيون هيون. هن علائقي ۾ درياه رستي تجارت ڪانہ ٿيندي آهي، تنهن ڪري ٻيڙيون بہ ڪونہ آهن. ڪجھ ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ شجاع آباد جي سامهون هڪ پتڻ وٽ پهتاسون ۽ ڪجھ وقت اتي ترسياسين. هيءُ علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي. زراعت جا ذريعا تمام گهڻا آهن. وڏن واهن ۽ ڪڙين ذريعي پاڻي تمام ڏورانهن علائقن ڏانهن نيو وڃي ٿو.

• 13 تاريخ شام جو اسان شجاع آباد شهر ڏٺو. جيڪو درياه کان 4 ميل اوڀر طرف آهي. ڏاڍو ترقي پذير ماڳ آهي. چوڌاري پڪين سرن جو قلعو اٿس. ڀت جي اوچائي 30 فوٽ کن ٿيندي. شهر جي شڪل بيضوي قسم جي چوڪنڊي نموني تي آهي. قلعي جي ڀت کي مضبوط رکڻ لاءِ هڪ جيترن وٿين تي اٺ ڪُنڊا برج هنيا ويا آهن. قلعو گهڻ سان ڀريل آهي. جن جي تعمير گهٽين جي پاسن تي هڪ ٻئي جي سامهون گونيءَ ڪنڊ تي ڪيل ڏسجي ٿي. قلعي جي ڀت جي چوڌاري ڪچا گهر ٺهيل آهن. شجاع آباد جو قلعو ملتان جي نواب 1808ع ۾ تعمير ڪرايو هو. هو عوامي جذبو رکندڙ انسان هو ۽ وڏو پئسو خرچ ڪري ڏهن سالن جي عرصي ۾ اهو قعلو ٺهرائي پورو ڪيائين. قلعو تمام خوبصورت علائقي ۾ ٺاهيل آهي. ٻہ وڏا واه، هڪ شهر کان مٿان، هڪ شهر جي هيٺان وهي هن علائقي کي آباد ڪن ٿا.

سکن ملتان سان گڏ هن قلعي کي بہ فتح ڪيو هو. هاڻي هيءُ سِکا شاهيءَ جو سرحدي قلعو آهي. اسان پنهنجي مهماندار سان گڏجي شجاع آباد جو قلعو ڏسڻ وياسون. ان وقت هو شاهي پرواني موجب پنهنجي فرض جي بجا آوري ڪري رهيو هو. هو هاٿيءَ تي سوار هو، جنهن تي چانديءَ جي هودي رکيل هئي. سندس اڳيان ٻہ گهوڙيسوار هلي رهيا هئا. جن مان هڪ جي زين ڦڪي ۽ ٻئي جي ڳاڙهي هئي. هڪ نوڪر کي سندس ڪمان ۽ تيرن جي ٻٽي هئي ۽ ٻئي کي سندس تلوار هئي. ڪيس جواهرن سان جڙيل قيمتي پوشاڪ پاتل هئي. شهر جي شاهي محلات ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڀنڊون ۽ تلاءَ بنائي ڇڏيندو آهي. گرم موسم وارو اجا درياهه ۾ چاڙهه ئي ڪونه آيو آهي. پر پروڪو پاڻي اجا ملتان جي اوسي پاسي ڇڙ ڪيو بيٺو آهي. قلعي جي ڀتين کي مٽيءَ جا ٿلهه ڏٺي قلعي کي ٻن هنڌن تان ٽيڪ ڏني وئي آهي. ملتان جو موجوده قلعو شاهجهان جي پٽ مراد بخش پراڻي شهر جي پڊن تي اڏايو آهي. سندس تعمير جو سال 1640ع آهي. ان کان پوءِ هيءُ علائقو هن شهزادي جي ڀائرن، بدنصيب دارا ۽ شڪوه اورنگزيب جي جاگير ٿي رهيو. احمد شاهه ابدالي جي زماني ۾ هن قلعي تي پٺاڻن قبضو ڪيو ۽ گهڻي جدوجهد کان پوءِ سکن افغانن کان هيءُ قلعو 1818ع ۾ فتح ڪيو. قلعي جي فتح کان پوءِ اتان جي گورنر جي روش بيان ڪرڻ جوڳي آهي. جڏهن سائس بااخلاق ۽ سهڻي ورتاءَ جي واعدي کان پوءِ پيش پوڻ ۽ قلعي جون ڪنجيون حوالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته هن وراڻيو ته اهي منهنجي دل ۾ آهن ۽ ڪڏهن به ڪافرن جي حوالي ڪونه ڪندس. پوءِ هن قلعي جي ڦاٽ ۾ ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻي ڇڏيو. سندس نالو مظفر خان هو. ڪيس هاڻي بزرگ مڃيو ويندو آهي ۽ سندس مقبرو ملتان جي متبرڪ جاين ۾ شمار ٿيندو آهي.

سکن ڪيترن هنڌن تان قلعي جون ڀتيون ڀڃرائي وري نيون اڏايون آهن. ٿوله چه فوٽ کن ٿيندس. توب جي گولي جي پهچ اندر آهي. سرن پچائڻ وارن کورن سبب ٻڄي ويل مٽيءَ جي دڙن تي توبون بيهاري ڀتين کي سولائي سان ڊاهي سگهجي ٿو.

ملتان هندستان جي قديم شهرن مان هڪ آهي. 1 هجريءَ ۾ هن شهر کي محمد بن قاسم فتح ڪيو. سندس شاهوڪاريءَ ۽ خوشحاليءَ غزنين، غورين ۽ هندستان جي مغلن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو. پر سڪندر جي حملي وقت هن شهر کي 'مالي' قوم جي دارالسلطنت سمجهڻ ۾ اسان کي ٿورو ڪجهه شڪ ٿئي ٿو. ميجر رنيل ان زماني ۾ هن شهر کي ڪجهه مٿي راويءَ جي ڪناري سان سمجهي ٿو. جاڪاڻ ته آرين Arrian جو ذڪر آهي ته ملتان جا شهري راوي درياهه پٺتي ڀڄي ويا. اها هڪ وڏي سند آهي. پر ملتان جي بدران 'مالي ٿان' يا مالي ٿارن لکيل آهي. جنهنجو مطلب اسان اڄ 'مالي جو آستان' يا مالي جي رهڻ جي جاءِ ڪيون ٿا. پر هن ۾ وڏي خامي اها معلوم ٿئي ٿي ته تلمبا پرسان ڪي پراڻا کنڊر موجود ڪونه آهن، جن ماڳن تي ميجر رنيل، ان دارالسلطنت هجڻ جو اشارو ڪيو هو. اهو چٽو ۽ واضح بيان آهي ته سڪندر راوي درياهه پٺتي به شهر فتح ڪيا ۽ بعد ۾ لشڪر وٺي مالي جي دارالسلطنت تي حملو ڪيو. درياهه کان فاصلو 30 ميل کن آهي، ملتان هڪ قديم شهر آهي.

اسان قديم شهر کي ڳوليندي موجوده ملتان جي وجود کي ڇو وساري ڇڏيو. اسان کي پورو ويساهه آهي ته ملتان تمام قديم دور سان واسطو رکي ٿو. سندس ڏسڻ مان به پتو پوندو ته واقعي هي هڪ پراڻو شهر آهي. موجوده دور جا گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺ هوندي بہ سندس اونهائي ٻارهن فوٽ آهي. راوي چناب ۾ فقط ٽي مهينا وهندي آهي ۽ ٻئي ڪجھ فاصلي تائين هڪ ٻئي جي ويجهو وهنديون آهن. راوي تمام ننڍي ندي آهي. جڏهن تہ واھ پئي ڏسڻ ۾ ايندي ۽ ڪٿي بہ 150 گزن کان موڪري ڪانہ آهي. سنڌس ڪنارا ايڪيرا هوندا آهن، تنهن ڪري اها ويڪر ۾ وڪرجڻ کان لڳ ۾ گهري ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. سنڌس وهڪري ۾ ور وڪڙ تمام گهڻا هوندا آهن، ان ڪري درياهي سفر ۾ ڏاڍي ڏکي آهي. اسان اڌ ڏينهن جو سفر ڪري جو حساب لڳايو تہ معلوم ٿيو تہ اسان شروع واري جاءِ کان فقط ٻہ ميل اڳتي وڌي سگهيا هئاسين. راويءَ جو پاڻي چناب جي پاڻيءَ کان وڌيڪ ڳاڙهو آهي. سال جا اٺ مهينا ماڻهو منجهانئس پيا لنگهندا آهن. سنڌس ڪنڌيون ڪنارا ٻوڙن ۽ لون سان ڀريا پيا آهن. چوڙ واري جاءِ جي اڌ پنڌ کان وٺي دارالسلطنت تائين ڪابہ آبادي نظر ڪانہ ٿي اچي. لاهور کان هيٺان هن درياه ۾ ڪي واھ کوٽيل ڪونہ آهن ۽ نہ وري ڪنڊن پوڻ جا نشان آهن. شهر کان مٿان هڪ وڏي ڪنڊ پوڻ جو نشان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جو ڪنهن مناسب جاءِ تي ذڪر ڪندس.

27 تاريخ تي تلمبا پهتاسين. هيءُ شهر راويءَ کان ٽي ميل ڏکڻ طرف، ڪجيءَ جي وڻن جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ پئي آيو. تيمور جو مؤرخ شريف الدين اسان کي ٻڌائي ٿو تہ فاتح تيمور دهلي ڏانهن ويندي تلمبا وٽان راوي اُڪريو هو. اسان هاڻي ٻئي فاتح جي رستي تي پهچي چڪا هئاسون.

هن تاتاري حملہ آور کي آس پاس جي درگاهُن تي نذرانن ڏيڻ سبب اڃا تائين ياد ڪيو ويندو آهي. هن ڳوٺ کان هيٺئين پاسي درياءُ 12 ميل سڌو رخ اختيار ڪري ٿو. ان ايراضيءَ ۾ درياه جي ٻنهي ڪنارن تي ڏاڍو خوبصورت منظر هوندو آهي ۽ ٻگها وڻ درياه تي ڳاٽ ڏيو بيٺا هوندا آهن. هتان جا ماڻهو هن نظاري کي راوي جي ڪرامتي ڏيک ڏانهن منسوب ڪندا آهن. ڳالھ هيئن ڪندا آهن تہ درياه ۾ وهنجندي هڪ درويش جا ڪپڙا لڙهي ويا هئا. جڏهن درويش ڪپڙن جي ڳولا واسطي درياه ۾ واجهايو تہ درياه پنهنجا وڪڙ وڃائي سڌو ٿي ويو. جهلم ويجهو هئي. چناب سان سنڌس سنگم وارو مقام فقط 45 ميل پري هو.

هتي سڪندر جي جنگي ٻيڙي کي درياه جي تڪ، تباهيءَ جي منهن ۾ ڏنو هو ۽ هن ئي جاءِ تي تيمور جي لشڪر کي ٻنهي پاڻين جي ڪولاهل، دهشت، دم ۽ راڳي جهڙين راڙين وائڙو ڪري ڇڏيو هو. اسان جي سڪ دوستن کي تعجب ٿيو پر ڪين اسان جي جستجو جي مقصد جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. اسان گهوڙن تي چڙهي انهن ٻنهي واقعن جي حوالي سان ٻنهي پاڻين جي سنگم کي ڏسڻ وياسين، ۽ ٻئي ڏينهن شام جو اسان جهلم جي ڪناري تي پهتاسين. ان وقت اسان جا جذبا ڏسڻ وٽان هئا. هي طلسمي جهلم درياه، منهنجي تصور ۾ ڪيڏو عظيم هو. هيءَ جاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لاهور

جولاءِ جي 18 تاريخ اسان لاهور ۾ داخل ٿياسون. اعزازالدين فقير(1) ۽ راجا گلاب سنگھ، شهر کان ٽي ميل پري اسان جي آجيان ڪئي. ساڻس ملڪ جا چونڊ نواب ۽ امير ماڻهو گڏ هئا. رهبري طور اسان جي آڏو گهوڙيسوار ۽ پيادل فوج جو دستو هو. لڌيانه جي پوليٽيڪل ايجنٽ ڪئپٽن ويڊ (Captain Wade)، انهن ماڻهن جو اسان سان تعارف ڪرايو. هن موقعي لاءِ ڊاڪٽر اي. مُري (Dr. A. Mŭrray) کي ڪئپٽن ويڊ سان گڏ لڌيانه مان موڪليو ويو هو. يورپي معاشري جي ماڻهن کان جدا ٿئي به گهڻو وقت گذري ويو هو. جڏهن ڪين ڏٺم ته دل يڇي پئي. اسان جو آدرياءُ واه جو ڪيو ويو هو. وڏيءَ سرهائيءَ جي ڳالھ اها هئي تہ جيڪو ڪم اسان جي ذمي ڪيو ويو هو سو وڏيءَ سوڀ ۽ ساک سان پڄاڻيءَ کي پهتو هو. اسان کي، ايم چيواليئر آلرڊ جي رهائش گاه پرسان هڪ باغ ۾ ترسايو ويو. مسٽر چيواليئر آلرڊ راڄ ڄڳو مڙس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ منڙو ۽ ڏاڍي ٻاجهاري طبيعت وارو انسان هو. هن جاءِ تي ڇڏي وفد اسان کان موڪلايو. هيءُ وفد مهاراجا طرفان اسان لاءِ روڪ رقم ۽ کوڙ ساڙيءَ مٺائي کڻي آيو هو.

بعد ۾ مسٽر چيواليئر اسان کي جاءِ جي مٿئين ڪمري ۾ وٺي ويو. جتي هر پُر تڪلف دعوت اسان جي منتظر هئي. ٻيو بہ هڪڙو فرينچ، مسٽر ايم. ڪورٽ اسان سان هن دعوت ۾ شريڪ ٿيو.

ڪمري جي ڀتين ۽ ڇت ۾ شيشي جو بهترين ڪم ٿيل هو. اسان جي واسطي اهو ڪم ۽ منجهس رکيل سنجٽ ۽ سونهن جو ڏيک بلڪل نئون هو. دعوت ۾ شمپين جي بدران چانھ ۽ ڪافي رکي وئي هئي. ايم آلرڊ گهوڙيسوار فوج جو ڪمانڊر آهي. ناشتي وقت هن ٻوڙن جا ڪجھ سوار منهنجا اردلي رکيا ويا هئا. انگريز سرڪار جي نوبت وڄائڻ لاءِ هن ٻوڙن جو بگل بہ منهنجيءَ ڪئمپ ۾ رکيو ويو هو. ٻيو ڏينهن بہ اسان هن ميزبان سان گڏ گذاريو. اهو ڏينهن مهاراجا سان 20 تاريخ تي رکيل ملاقات واسطي تياريون ڪندي لهي ويو.

---

(1) نور الدين فقير سندس پٽ هو. سنڌ دشمنيءَ ۾ بہ نورالدين فقير جو پيءُ هو. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چمڪدار اڪيون مثال هيون ۽ هرهڪ جوڪريءَ اڪين جي چوڌاري سون جو ڀورو هٽي پنهنجي قدرتي خوبصورتي کي جڻ بگيڙي ڇڏيو هو. مهاراجا رنجيت سنگهه چيو ”هي به منهنجي ريجمينٽ آهي. پر هي چونڊيون آهن ته هي اهڙي ريجمينٽ آهي جن سان تنظيمي اصول لاڳو نه ٿو ڪري سگهجي.“ مهاراجا جي هن راءِ ڏيڻ تي اسان ته کلياسين، پر سڀ ميڙاڪي ڪان به ڪل نڪري وئي. هن هن عورتن ڏانهن اشارو ڪري چيو ته اهي هن هٿيار بند دستي جون ڪمانڊر آهن. جن کي هن انعام ۾ ڳوٺ ڏئي ڇڏيا آهن ۽ ڪن کي پنج ته ڪن کي ڏهه رپيا ڏهاڙي وڙءِ ملندي آهي. ان ڪان پوءِ جلدي هن چار پنج هاٿي گهرايا ته ڳائڻين جي هن هٿيار بند جٿوڳ دستي کي پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ڪري سگهجي. ان ڪان پوءِ رنجيت سنگهه اهم موضوعن تي ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ برطانيه سرڪار سان لاڳاپن جي ’تاريخ واري ميدان ڊوڙندو رهيو.‘ هن چيو ته ”انگريز سرڪار جي حڪمت عملين گهڻن سک سردارن کي شڪ ۽ شبهي جو شڪار بنايو هو. پر مان شروع ڪان وٺي ڪانئن راضي هوس.“ هن سلسلي کي جاري رکندي چيو ته: ”سرجان مالڪم پهريون ماڻهو هو، جنهن 1805ع ۾ دوستيءَ جو نانءُ نيايو. سر چارلس ميٽڪاف به مُرسيءَ سان پنهنجو وارو وڄائي ويو. سر ڊيوڊ آڪٽرلوني ٻنهي طرفن جي دوستيءَ کي مضبوط بنيادن تي بيهاري ويو. مان هاٿي جيڪو خط انگلينڊ بادشاه سلامت جي وزير طرفان ڪيس ڏنو، سو به هڪ عام خط ڪان وڌيڪ جڻ ته ڪو دوستيءَ جو عهدنامون هو. جنهن راجا رنجيت سنگهه کي ايترو خوش ڪيو هو جو بيان ڪري ئي ڪونه ٿو سگهجي. هو ڦرڻي ڦري سنڌ جي شاهوڪاري ۽ ان جي دولت ڏانهن ٿي آيو. سنڌ جي دولت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيس چريائي جي حد تائين شوق هو. سندس تمنا هئي ته سنڌ مان دولت جو پئسو پئسو هٿ ڪري پنهنجي خواهش مطابق خرچ ڪري ۽ هن سنڌ جي موضوع تي انگريز سرڪار جي ارادن متعلق هڪ ڳنڀير سوال مون ڪان پڇي ورتو. راجا رنجيت سنگهه کي هنن سوالن پڇڻ جو به شوق هوندو هو ته يورپي قومن مان وڌيڪ طاقتور ڪير آهي. هن موقعي تي مون ڪان پڇيائين ته فرانس ۽ انگلينڊ مان طاقتور ڪهڙو ملڪ آهي؟ ڪيس وراڻيم ته ٻئي طاقتور ملڪ آهن ۽ ڪيس فقط اهو ياد رکڻ گهرجي ته هندستان ۾ انگريزن جي طاقت برطانيه جي نمائندگي ڪري ٿي.

هن وڌيڪ چيو ته سندس فرينچ آفيسرن متعلق منهنجو ڪهڙو خيال آهي. ان ڪان پوءِ مون ڪان اهو ٻڌڻ چاهيائين ته مان سنڌوءَ جي هن پار مسلمان غازين جي خلاف سندس هلايل جنگي مهم متعلق ڇا ڇا ٻڌو آهي. هن ٻڌايو ته اهي سڀ فتحون سندس قوم جي بهادريءَ جي طفيل آهن، جن کي ڪنهن جي لاءِ به بُغض ڪونه آهي. اهي انهن ڏينهن جو ڪاڌو ڇيله سان ٻڌي هلندا آهن. جتي پاڻي نه هوندو آهي اتي کوهه کوٽيندا آهن. ضرورت پوندي آهي ته قلعو تعمير ڪري وٺندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. هندستان جي هيءَ اهڙي قسم جي خدمت آهي، جنهن جهڙي خدمت هن ڪاٿي به ڪانہ ڏني آهي. ”توهان منهنجيءَ فوج جي بهادري متعلق تہ ڄاڻندا هوندا. هن ڪشمير وڏيءَ بهادريءَ سان فتح ڪيو. مان هاڻي ان ملڪ جون شالون ۽ ٻي پيداوار تجارتي مال طور استعمال ڪريان ٿو، مان پنهنجي فوجن کي بہ اتان جون تيار ٿيل شالون ۽ ٻيو مال پگهار ۾ ڏيندو آهيان. هڪ سردار جنهنجا مون ڏانهن 300 رپيہ ٿيندا آهن تہ آءٌ کيس 500 روپين جون شالون ڏئي ڇڏيندو آهيان. ۽ هو ڏاڍو خوش ٿي ويندو آهي. ۽ ملڪ کي بہ فائدو رسندو آهي.“
ڪشمير جي شالن کان گفتگو هلندي اچي شراب تي بيٺي، ۽ شراب جي ڏاڍي تعريف ڪرڻ لڳو. خاص طور تي تيز شراب جي جنهنجو هيءَ پاڻ بہ شوقين آهي. ان کان پوءِ هن مون کي اهو هدايت لاءِ التجا ڪئي تہ جيڪو شراب هن مون ڏانهن موڪليو سو اسان پيتو هو يا نہ؟ جنهن ۾ حڪيمن جا سفارش ڪيل موتي ۽ رتن وجهرائي موڪليو ويو هو. هن قسم جو شراب مشرق ۾ جام هوندو آهي. شراب جو اهو هڪ نمونو آهي. جنهن جي اصل حقيقت اها آهي تہ ڪلال پنهنجي شراب کي مقبول عام ڪرڻ لاءِ منجهس اهڙيون طاقتور شيون ملائيندا آهن، جن کي اتان جا ماڻهو تمام گهڻو پسند ڪندا آهن. موتين ملائڻ سان بہ شراب ڏاڍو مقوي بڻجي پوندو آهي. راجا رنجيت سنگهہ سان اڪيلائيءَ ۾ گهڻي دير تائين ويٺا رهياسون. پوءِ هن هڪ خوبصورت ڪمان، تيرن جي جٽي، ڪشمير جي قيمتي شال جي جُهل ۽ سهڻن سنجن سان هڪ گهوڙو، سنگ سليماني جي ميٽن جو سندس ڳچيءَ وارو پاتل هار، سائي پڪيءَ جي ڪُلنگي جيڪا سندس مٿي ۾ پاتل هئي، سڀ مون کي تحفي ۾ ڏنا ۽ چيائين تہ ”هي منهنجي سواريءَ جي گهوڙن مان هڪ آهي. منهنجي گذارش آهي تہ قبول ڪريو.“ هن اهڙو گهوڙو مسٽر ليڪيءَ کي بہ ڏنو.
اسان گهوڙن کي ڏسي رهيا هياسون تہ هڪ لاڏو گهوڙو (Dray horse) آندو ويو. مٿانئس سونيءَ تند واري ڪپڙي جي جُهل ۽ هاٿيءَ وارو هودو پيل هوس. ان گهوڙي کي ڏسي مان ڪل روڪي ڪونہ سگهيس. ان کان پوءِ راجا رنجيت سنگهہ، صندل جو تيل ۽ گلاب جو پاڻي پنهنجي هٿن سان اسان جي مٿان ڇڙڪيو. ان بعد اسان جي ملاقات جي پڄاڻي ٿي. اسان ڪانئس موڪلائي وڃي رهيا هئاسين تہ ٻئي ڏينهن صبح سويل اچڻ لاءِ چيائين ۽ اهو بہ هدايائين تہ هو ان وقت اسان جي وندر لاءِ گهوڙيسوار فوج جو مظاهرو ڪرائيندو.
اسان هڙهاءِ نيس سان مقرر وقت تي فوجي ميدان تي ملاقات ڪئي. اسان ڏٺو تہ ميدان تي 51 توبون بيٺل هيون، جن کي خاص هن موقعي لاءِ آندو ويو هو. پتل جون ٺهيل ۽ ڇهہ پائونڊ گولن اڇلڻ واريون هيون. هرهڪ توب کي ڇهہ گهوڙا ڇڪي رهيا هئا. اهو فوجي مظاهرو هڪ مقامي فوجي آفيسر جي نگرانيءَ هيٺ ٿي رهيو هو. توبن جو هلڻ ۽ چرپر گهوڙن وسيلي ٿي رهي هئي. هر طرف قطارون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪالم ٺاهيا ويا هئا. بمباري جي اِنتها تي هڪدم ڪونہ پهتا. پر سندن ڦڙتي چالاڪي ڏسڻ وٽان هئي. بمباريءَ ڪندي ڪوبہ حادثو پيش ڪونہ آيو. هن فوجي مظاهري ۾ گاڏين حصو ڪونہ ورتو. گهوڙا ۽ توبخاني وارو سامان گهٽ درجي وارو هو. توبون البت سٺيون ٺهيل هيون ۽ گاڏا جن تي توبون رکيل هيون سي بہ سٺيءَ حالت ۾ هئا ۽ لاهور جا ٺاهيل هئا. هرهڪ جو خرچ 1000 رپيہ هو. مظاهري لاءِ جيئن ئي فوجون گذريون تہ اسان کان بہ هن مظاهري متعلق پنهنجو رايو پڇيو ويو. هن جاڻ ڏيندي چيو، "هرهڪ توب تي آفيسرن، جوانن ۽ گهوڙن سميت منهنجو ساليانو 5000 رپيہ خرچ آهي. قلعن تي حملن ۽ مارٽر جي استعمال کان سواءِ مون وٽ هڪ سو توبون آهن. فرينچ آفيسر چون ٿا تہ اهي تمام گهٽيون آهن." هن وڌيڪ ٻڌايو تہ "سندن تعداد وڌائي بہ ڪونہ ٿو سگهجي." اسان اتي گهڻو وقت ڪونہ ويٺاسون تہ هن چيو، "اڄ ناشتو مون سان گڏ ڪجو." هن کان اڳ اسان کي اهڙو اعزاز ڪونہ مليو هو ۽ اسان انڪار ڪري نہ سگهياسين. ڪرسين کي سيري پري ڪيو ويو ۽ هن انتهائي سادي مهاراجا جي سامهون هيٺ هرهڪ لاءِ جدا بخمل جا گدا رکيا ويا. ڪيرٽين جا ڪيترائي نمونا هئا. انبن جي ڪٽاڻ هئي. اهي سڀ اسان کي وڻن جي پنن تي رکي ڏنا ٿي ويا. رنجيت سنگهہ پنهنجي هٿ سان سٺيون سٺيون شيون چونڊيندو اسان کي ڏيندو ٿي ويو. سندس نماڻائي ۽ حليم سڀاءَ اسان کي گهڻي کائڻ تي پئي مجبور ڪيو. اسان جي لاءِ چاقوءَ ڪانٽي کان سواءِ آڱريون جڻ تہ بيڪار هيون. ناشتي ڪرڻ کان پوءِ هن اسان کي ساڻس ٽيهري جي ماني کائڻ جي نيند ڏني ۽ هڪدم پنهنجي ماڻهن کي ان جي تياري لاءِ هدايتون ڏيڻ لڳو. اسان کي مقرر وقت تي گهرايو ويو. اها ماني بہ ناشتي جهڙي ۽ ان ئي طريقي سان اسان کي کارائي وئي.

رنجيت سنگهہ هر نقطہ نگاهہ کان هڪ عجيب و غريب ڪردار آهي. مان سندس فرينچ آفيسرن جي واتان ٻڌو آهي تہ هن جهڙو انسان قسطنطيہ کان هندستان تائين ڪاٿي بہ ڪونہ ملندو ۽ اهي سندس اندروني طاقت ڏسي چڪا آهن.

اسان 16 آگسٽ تائين مهاراجا جي مهمان جي حيثيت ۾ لاهور ۾ رهيا پيا هياسين. ان عرصي دوران ساڻس ملڻ جا مونکي ڪيترائي موقعا مليا. پر مان نہ ٿو سمجهان تہ سندس اقتدار ۾ اچڻ جي تاريخ کي انبالا جي پوليٽيڪل ايجنٽ ڪئپٽن وليم مُري جيان ڪجهہ وڌائي سگهان ٿو. رنجيت سنگهہ ۾ جيڪا ساراهڻ جوڳي خاصيت آهي، سا سندس انسانيت آهي. تخت نشين ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن ڪونہ ٻڌو هوندو تہ هن ڪنهن بني بشر کي موت جي سزا ڏني. هو ڏوهيءَ جو عضوو ڪپي ڇڏيندو هو. پر گهڻو ڪري جبلن ڏانهن ملڪ نيڪالي ڏئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان ٻنهي ملڪن جي تعلقات کي وڌائڻ ۾ قائم رکڻ ۾ مشغول آهي ۽ اهو سنڌس اعليٰ خوبين جي ڪري آهي ۽ مون کي قوي اميد آهي تہ هو هن موضوع تي اڳين گورنر جنرلن کان وڌيڪ ڌيان ڏيندو.

مسٽر برنس ۽ جان ليڪي جن جو آءٌ اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري آيو آهيان، سي بادشاه سلامت طرفان موڪليل سوکڙيون کڻي پهتا، تن کان آءٌ دوستاڻي قسم جي گفتگو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. انگريز سرڪار جي مهربانين ۾ سنڌن خاص ڌيان، جنهن اهڙن آفيسرن جهڙي سفارت موڪلي. ٻنهي ملڪن جي دوستيءَ کي سو دفعا وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي. هن قسم جي خوشخبري ڏيهان ڏيهہ مشهور ٿي وئي آهي، جيڪا دوستن احبابن لاءِ تہ خوشين جو باعث آهي، پر دشمن جا ساه ساڙ ۾ سڙي رک ٿي ويا آهن. مون کي پوري اميد آهي تہ هن خط جا خاص ٽڪرا بادشاه سلامت جي ڌيان تي آڻيندا.

مون کي پوري اميد آهي تہ الله جي مهربانين سان اسان جي دوستي ۽ اسان جا تعلقات ڏينهن جي سج جيان چِٽا پڌرا آهن ۽ بادشاه سلامت جي نيڪ ستاري طفيل ڏينهون ڏينهن وڌندا رهندا.

مان، مسٽر برنس ۽ جان ليڪي کي، توهان ڏانهن هيءَ دوستاڻي جوابي خط کڻي اچڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ مون کي پورو ويساه آهي تہ اهي ٻئي آفيسر پنهنجي منزل تي سلامتيءَ سان پهچي اوهان کي اسان جي نيڪ جذبن جون سڀ ڳالهيون ٻڌائيندا. مون کي پورو اعتماد آهي تہ توهان اهو ضرور سمجهندا هوندا تہ بادشاه سلامت ۽ اوهان جي صحت جي مون کي ڏاڍي ڳڻتي هوندي آهي، تنهن ڪري اوهان پنهنجي ۽ بادشاه سلامت طرفان خط لکندا رهندا تہ مهرباني ٿيندي.

(صحي)

E. Reaven Shaw

Depy. Pol. Secretary

هي خط ڏئي مهاراجا رنجيت سنگهہ مون کي پاڪر پاتو ۽ گورنر جنرل آف انڊيا وٽ سنڌس نيڪ جذبن جي اظهار لاءِ مون کي گذارش ڪئي. پوءِ مان راجا کان اجازت وٺي ساڳي ڏينهن شام جو، سنڌس دارالسلطنت لاهور کي الوداع چئي ۽ هماليہ جبل تي واقع سملا ڏانهن رواني ٿيس. جتي ان وقت لارڊ بينٽڪ رهيل هو ۽ مون کي پنهنجي سفارت جي حال احوال ڏيڻ لاءِ اتي گهرايو ويو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ ٽيهہ ميل پري سکن جي مقدس مقام امرتسر ۾ موجود هيس. وچ واري علائقي کي مانجا (Manja) ٿي سڏيائون. ڏاڍو سر سبز ۽ خوشحال خطو آهي. هندستان جي هڪ شهنشاه راوِيءَ مان 80 ميل ڊگهو هڪ واه کوٽايو هو، جيڪو لاهور واري رستي سان پور-وچوٽ تي امرتسر کي پاسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏئي وهندو آهي. سندس ٻاٽي تانگهو آهي. ڪاٺي سندس ويڪر 8 فوٽ مس ٿيندي. پوءِ بہ منجهس ننڍڙيون ھيڙيون هلنديون رهنديون آهن. هڪڙو ڏينهن امرتسر ۾ رهي پيم. سندن رسم ۽ رواج اکين ڏٺم ۽ منهنجي پڇ پڇ واري اِڇا گهٽي ختم ٿي وئي. شام جو شهر جي مکيءَ اسان کي پنهنجو قومي گردوارو ڏيکاريو. سندس تعمير وچ ڍنڍ ۾ ٿيل آهي. سڄي عمارت مٿان سون جو تهہ چاڙهيو ويو آهي. اسان سندس طواف ڪري اندر داخل ٿياسون. مقدس ڪتاب گُرنٿ صاحب هڪ سک گروءَ جي آڏو کليو رکيو هو. گروءَ جي هٿ ۾ ٿهيٺ جي ڳئونءَ جو پڇ هو. جيڪو مٿس وجھي جيان جَهلي رهيو هو. جڻ تہ ناپاڪائي دور ڪندو هجي.

اسان گرنٿ صاحب وٽ نذر نياز رکيوسين. اسان کي گردواري ۾ عزت سان وهاريو ويو هو. ان وقت هڪ سک اٿي بيٺو ۽ گرو گوبند سنگھ کي واکاڻ لڳو تہ سڀ موجود سک ان ۾ شريڪ ٿي ويا. هو چوندو رهيو تہ جيڪي اڄ سک پنهنجي حياتيءَ جون موجون ماڻي رهيا آهن. سو سڀ گوبند سنگھ جي يا ڪرپا سان آهي. گردواري ۾ موجود مهمان انگليند جي بادشاه طرفان سوکڙيون کڻي دوستي پڪي ڪرڻ آيو آهي ۽ هاڻي گردواري ۾ پهچي 250 رپين جي پيٽا ڏني آهي. اها پيٽا گرنٿ صاحب جي مٿان رکي وئي ۽ پوءِ "واه گروءَ جي ڪا فتح" جو نعرو هڻي جلسي جي ڪارروائي ختم ڪئي وئي. مان ان سک گروءَ کي هڪ اعلان ڪرڻ جي گذارش ڪئي تہ اسان سک قوم سان پڪي دوستي رکڻ جا خواهش مند آهيون. پوءِ بہ وري نعرا شروع ٿي ويا. "واه گرو جي ڪا فتح" خالصہ جي ڪا فتح" وڏي گرد واري جي ياترا کان پوءِ اڪالي بنگا آياسين. اڪالي بنگا امر انسانن جا گهر هئا، جن ۾ انهن عظيم انسانن پنهنجي حياتي گذاري هئي. ساڳيءَ ريت اسان اتي بہ پيٽا رکي. اسان کي اندر وڃڻ لاءِ ڪونہ ڇڏيائون. اڪالي يا نهنگ جنوني قسم جا مذهبي سک هوندا آهن، جن تي ڪنهن بہ قسم جو اعتبار ڪونہ هوندو آهي. پيٽا جي بدلي گروءَ اسان کي کنڊ ڏني. اڪالي قسم جا سک نيري رنگ جو پٽڪو ٻڌندا آهن، جيڪو هوريان هوريان مٿي چوٽي ڪندو ويندو آهي. منجهس لوه جا ڪيترا ڳوڙها لڪل هوندا آهن ۽ پنهنجي بچاءَ واسطي اڇلي استعمال ڪيا ويندا آهن. اهي پنهنجي سک برادريءَ جي توهين ۽ بي عزتي ڪندي بہ ڪونہ ٻڌندا آهن. ڏهاڙي ڪونہ ڪو دنگو فساد پيو ٿيندو آهي ۽ پنجاب ۾ اهو ڪو ڏينهن خالي ڪونهي جو مذهبي جنونين جي وٺي سان ڪو قتل نہ ٿئي.

اڪالي سک مذهب جو هڪ وڏو ٽولو آهي ۽ راجا رنجيت سنگھ بہ ان فرقي سان لاڳاپيل آهي. پر سندس ڏاڍاين کي دٻائڻ لاءِ پنهنجيءَ طاقت کي بہ استعمال ڪندو آهي. وڏا ڏوهاري يا تہ هن پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪري ڇڏيا آهن يا کين ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي. اسان جي مهماندار جو پيءُ ديسا سنگھ مجيٺيہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا فتح سنگھ الووال جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي. هيءُ سک سردارن مان آهي، جن 1805ع ۾ لارڊ لئيڪ سان گڏ هتي فوجي ڪئمپ هڻين هئي. اجا به نوجوان لڳو پيو آهي. هن اسان جي عزت آبروءَ ۽ مانَ مرجائت سان آجيان ڪئي. ويجهي اچڻ تي هن پنهنجا به پٽ اسان جي استقبال لاءِ موڪليا. شام جو ملاقات لاءِ هو اسان وٽ پاڻ ڪهي آيو. ٻئي ڏينهن جڏهن اسان ملاقات لاءِ وٽس وياسين ته هن باغ ۾ اسان جي وڏي دعوت ڪئي ۽ تمام گهڻا ڏيئا ٻاريا ويا. اسان هڪ ٽلهي تي ويهي اچرج جهڙي ڏيئاري (چراغاني) ڏسي ڏاڍا سرها ٿياسين. فتح سنگھ اهو ماڻهو آهي، جنهن جو سر جان مالڪم "اسڪيچ آف سڪس" ۾ شرانجوريءَ جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي.

سالن گذرڻ ڪان پوءِ به سندس شراب پيئڻ جي شوق ۾ گهٽتائي ڪانه آئي آهي. اسان جي وٽ ڪان هڪدم پوءِ شراب جي بوتل ڪڍي بي حجاب ٿي پيئڻ لڳو. اسان کي به پيئڻ لاءِ زور پريائين. اهو شراب انگريزن جي استعمال ڪان وڌيڪ تيز هو. هن اسان کي هر قسم جي شراب موجود هجڻ جو يقين ڏياريو. اسان پيئڻ ڪان گهڻو لهرايو پئي. سردار صاحب ۽ سندس خاندان جي صحت جي نالي اسان هڪ هڪ جام پيتو ۽ ماٺ ڪري ويهي رهياسين. هن جڏهن قيمتي سوکڙيون ڏيڻ شروع ڪيون ته اسان انڪار ڪري ڪونه سگهياسين. مون کي هن موتين جي هڪ لڙهي ۽ هيا جواهر گهوڙي سان گڏ تلوار ۽ ڪيتريون شالون ڏنيون. سردار فتح سنگھ جي شخصيت به لاجواب آهي. سندس ذهن فوجي آهي. سالياني آمدني چار لک اٿس. پنهنجو پورائو ان منجهان ڪري ويندو آهي. کيس پنهنجي نئين گهر ٺهرائڻ جو به ڏاڍو شوق آهي. پسندس اها به آرزو آهي ته سندس هنهي باغن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ججها ماڻهو هجن. هاڻي پنهنجي لاءِ انگريزي طرز تي هڪ گهر ٺاهڻ ۾ رڌل آهي. گرميءَ کان بچاءَ لاءِ هن زمين هيٺ چئن پنجن ڪمرن تي مشتمل هڪ جاءِ ان عمارت سان شامل ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ڪانئس موڪلائي هلڻ لڳاسين ته پنهنجي پراڻي دوست سرُ جان مالڪم کي گهڻن سلامن ڏيڻ جو تاڪيد ڪيائين.

اسان ڪپور ٿلا ڪان فلور تائين ٿي منزلون ڪيون. هيءُ شهر ڪپور ٿلا کان 30 ميل پري ستلج جي ڪناري تي آباد آهي. رستي سان جلندر ۽ جمشير، ٻنهي شهرن وٽان لنگهياسين. جلندر جو شهر وڏو هو. ڪنهن زماني ۾ افغانن جي منجهس گهٽائي هئي. چوڌاري پڪين سرن جو قلعو اٿس. گهٽين جي سرن سان فرش بندي ٿيل آهي. شهر تي جلندر جو نالو هڪ دو آبي ڪري پيو آهي. اهو علائقو ستلج ۽ بياس جي وچ تي آهي. ٻين دو آبين جا نالا به مرڪب لفظن ذريعي ٺهيل آهن. چناب ۽ بيهٽ جي وچ تي چينيوٽ آهي. راوي ۽ چناب جي وچ تي رچنا دو آبو آهي. بياس ۽ راوي جي وچ واري علائقي کي 'باري' سڏيو ويندو آهي. جلندر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وٺي ستلج تائين سڄو علائقو سرسبز آهي ۽ آباد آهي. ڳوٺن جي چوڌاري ڪچا ڪوٽ ڏنل آهن. ڪن ڳوٺن جي پرسان وري ڪڏون ڪنيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جنهن مان سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ اهو علائقو ايڏو گهٽو آباد ڪونه هو. گهرن ۾ ڪاٺ استعمال ٿيل آهي ۽ ڇت تراڪڙي هوندي اٿن. گهرن جي لِنبَ مٽيءَ جي گاري سان ٿيل آهي. پر ڪان جڻ ته مَنَهن پيا معلوم ٿيندا.

ستلج جي ڪناري سان فلور (Flour) لاهور جي حڪمران جو سرحدي شهر آهي. هتي ملتان مان ڪنيل سک دوستن ۽ محافظن ڪان موڪلايوسين. ڪميشنڊ ۽ نان ڪميشنڊ آفيسرن ۾ ڪپڙا ورهايا ۽ ٻين ماڻهن کي هڪ هڪ هزار رپيو ڏنو ويو. انهن انعامن ڪري هرڪو ماڻهو خوش هو. مهاراجا رنجيت سنگهه پنهنجي سخاوت آخري وقت تائين برقرار رکيو آيو. ستلج پار ڪرڻ کان اڳ، هن جا موڪليل 24,000 رپيه روڪ اسان کي مليا، توڙي جو اسان لاهور پهچڻ ڪان پوءِ ڏهاڙي وِرءَ وارا 700 رپيه وٺڻ ڪان انڪار ڪيو هو.

پنجاب جي سرحدن کي صفا ڇڏڻ ڪان اڳ، اوهان کي سندس قديم آثارن متعلق به ٿي ڳالهيون ٻڌائيندو هلان، جيڪي سياحن جو هميشه پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندڙيون آهن. اها هڪ ويساه جوڳي ڳالهه آهي ته سڪندر اعظم لاهور ۾ آيو هو. هن دارالسلطنت جي ڏکڻ- اوڀر طرف پنڊ جي مٿان سنگالا (Singala) نالي هڪ قديم شهر جا کنڊر موجود آهن. ماڻڪ والا واري A-Tope جو ذڪر مسٽر ايلفن اسٽون اڳ ۾ ئي ڪري چڪو آهي. بعد ۾ مسٽر وينچورا به ان جي ڪجهه کوجنا ڪئي آهي، جنهن جي لکڻ عالمن جو مشرق طرف ڏيان ڇڪايو هو.

فرينچ دوستن جو ويچار آهي ته اهي مذڪوره کنڊر سڪندر جي فوجي مهم ڪان گهڻا اڳاٽا آهن. چاڪاڻ ته اتان لڌل سڪن تي موجود شڪل نيپچون جي ته سولي تصوير سان ميل کائي ٿي، جيڪا پرس پولس جي پٿرن تي به نظر ايندي آهي. پنجاب مان گذرندي سڪندر جي دور سان لاڳاپيل ڪوبه سڪو مون کي هٿ ڪونه لڳو ۽ نه وري يوناني باختري سڪو مليو. فرينچ دوستن وٽ به اهڙو ڪوبه سڪو موجود ڪونه آهي. مون کي اهو بيان ڪري خوشي ٿئي ٿي ته ماڻڪ والا جي کنڊرن جهڙيون به قديم وستيون سنڌوءَ جي اولهائين ڪناري، يوسف زئي علائقي جي جبلن ۾ ڳولهي لڌيون ويون آهن. انهن ماڳن جي کوٽائي ڪرڻ ڪان پوءِ پنجاب جي قديم آثارن جو چڱيءَ ريت پتو پئجي سگهندو. (1) هتان جي ماڻهن جي بيانن مطابق سيالڪوٽ تمام پراڻو شهر آهي. لاهور ڪان سندس فاصلو 40 ميل کن ٿيندو. سندس ذڪر فارسي زبان جي سڪندر نامي ۾ موجود آهي.

---

(1) My journey to Bokhara made me better acquanted with these topes, as has already appeared in vol. I



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهلي- 6 ڊسمبر 1830ع

## ”سياسي ڪاتو“

## ليفٽيننٽ اليگزينڊر برنس ڏانهن

(1) مون کي جناب گورنر جنرل صاحب، هدايت ڪئي آهي تہ اوهان طرفان سنڌوءَ جي يادگيرين سان لاڳاپيل ڪيترن خطن ۽ لاهور جي سفر متعلق رواني ڪيل احوالن جي پهچ جي، اوهان ڏانهن رسيد موڪليان.

(2) سنڌوءَ متعلق نقشو بہ جناب اعليٰ جي خدمت ۾ پهچي چڪو آهي، جيڪو راجا رنجيت سنگھ ڏانهن بادشاه سلامت جون سوکڙيون کڻي وڃڻ دوران، لاهور تائين سنڌوءَ متعلق ورتل معلومات جي کوٽ پوري ڪري ٿو.

(3) گورنر جنرل، اوهان جي موڪليل ڪاغذن پٽن کي چڱيءَ ريت پڙهي پروڙيو آهي. جنهن اهم ڪم کي اوهان جي سپرد ڪيو ويو هو، تنهن کي اوهان ڏاڍي ٺاهوڪي نموني سان نڀاهيو آهي ۽ ان ڪري اوهان مان ڏاڍو خوش آهي. اوهان سرڪار جي خواهش پٽاندڙ هر گهربل نقطي تي تفصيلي ڄاڻ ڏني آهي، تنهن تي اوهان کي جس ۽ آفرين هجي.

(4) اوهان سنڌ جي اميرن يا سنڌ جي سفر جي حد تائين جن سردارن ۽ ٻين ماڻهن سان گفتگو ڪئي يا سفر ڪندي جن سان بہ مليو، سي سڀ ڪارگذاريون گورنر جنرل صاحب جي نظر ۾ شاباس جوڳيون آهن. اوهان جي اها حسن ڪارڪردگي هر طبقي جي ماڻهو جي دل تي ضرور پنهنجا اثر ويهاريندي ۽ سرڪار جي مقصدن کي امڪاني حد تائين اڳتيءَ وڌائيندي. پوءِ اهي مقصد ترت ۽ تڪڙا هجن يا اوهان جي سفارت سان لاڳاپيل هجن يا مستقبل سان ڳنڍيل هجن. انهن ماڻهن سان جيڪي اوهان رابطا پيدا ڪيا آهن، تن مان گهڻي معلومات ملي آهي. انهن ماڻهن جي سياسي خواهشن ۾ ڪين اجاين آسرن ڏيڻ کان عقلمنديءَ سان نيائي ويا آهيو. جيڪي اڳتي هلي ڪوڙن ڏئڻ ۽ پروسن جي منجهيل فضا پيدا ڪريٰ وجهن ها، يا اوهان کي ڪن مسئلن ۾ ڦاسائي رکن هان. سنڌوءَ ۾ سفر دوران جن حڪمرانن جي ملڪن مان اوهان گذريا آهيو، تن سان اوهان جو رويو يا جيڪا خط و ڪتابت ٿي آهي، انهن سڀني ڳالهين کي سرڪار قدر جي نگاه سان ڏسي ٿي.

(5) ساڳي ريت عالي جناب، اوهان جي جاگرافيائي ڄاڻ يا ٻي معلومات حاصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ وارين تدبيرن ۾ احتياطن کي تعريف جي لائق سمجهي ٿو. اهي به چڱيءَ ريت ڪاغذن ۾ محفوظ آهن، رڪارڊ طور رکڻ ۽ غور ڪرڻ واسطي صاف ۽ چِٽا لکيل آهن. اوهان جو تيار ڪيل نقشو هندوستان جي جاگرافيءَ ۾ اهم اضافو آهي. اهو پورهيو هن سائنس واري ڪاتي ۾ اوهان کي اهم جاءِ ڏياريندو.

(6) اوهان جي سفر جا نتيجا رپورٽن، يادگيرين ۽ نقشن جي صورت ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن، تنهن لاءِ رڳي ميجتا ڪافي نه آهي، اهي ان ڪان وڌيڪ لهڻ ٿا. اهي سڀ بنا ڪنهن دير جي انگلينڊ جي اختياريءَ وارن ڏانهن موڪليا ويندا. اوهان کي خبر آهي ته انهن جي نئي حڪمن تحت اها مشن لاهور موڪلي وئي هئي. عزتِ مآب کي پورو پورو ويساه آهي ته اوهان جنهن جذبي، فهم ۽ فراست سان پنهنجي فرض کي نڀاهيو آهي، تنهن لاءِ اختياريءَ وارا پڻ تنهنجيءَ هن تعريف ۾ ساڻس ڀڙُ ٿي بيهندا ۽ پنهنجي خوشيءَ جو ان نموني اظهار ڪندا، جهڙي احسن نموني سان سندن اميدون پوريون ٿيون آهن ۽ لاهور مشن جي نالي ۾ سندن اصلي وڏو مقصد پورو ٿيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي ٿي، جنهن اها بگهائي ڦاٽ بهاولپور مٿان بيهي قائم ڪئي هوندي. پر اهو اصول بکر سان هڪ جهڙائي ڪونہ ٿو رکي. ڇاڪاڻ تہ هن جڳهہ جي ويڪرائي ڦاٽ، پور-وچوٽ مٿئين ليڪ کان 20 منٽ هيٺ آهي. تنهن ڪري مان مٿس بيان ڪيل نتيجن کي ڪن معقول سببن ڪري صحيح سمجهان ٿو. اهڙيءَ ريت پنجاب جي ندين جو پاڻي سنڌوءَ سان مٿن ڪوٽ وٽ سنگم ڪري ٿو. اهو ماڳ، ڪابل مشن جي ورتل ماپ مطابق 28 ڊگريون 20 منٽ ويڪرائي ڦاٽ تي آهي. پر حقيقت ۾ اهو 28 ڊگريون 50 منٽ ويڪرائي ڦاٽ اتر طرف آهي. ڳالهہ اها آهي تہ ڪوبہ ماڻهو ٿورن ميلن کان سواءِ ڪابل مشن سان لاڳاپيل مذڪوره ڪاغذ جاچي ڏسي ڪونہ ٿو سگهي. سنڌن اها ننڍڙي غلطي ڏسي اچرج ٿئي ٿو. شايد اها غلطي ان ڪري ٿي آهي جو هن، شهرن جي معلومات ٻين کان ورتي آهي.

پنجاب جي ندين کي سنڌوءَ جي وهڪري مطابق رکيو ويو آهي. چناب کي غلطيءَ وچان پنجند ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ٻين ندين جي پاڻي پوڻ سان چناب جو وهڪرو ڪجهہ سڌو ٿي ويندو آهي. راويءَ ۾ ڏاڍا وَروڪڙ آهن. گهٽيءَ پائيندڙ ڪري موجوده صورت ۾ وهي رهي آهي. اسان مُنجهس 20 ڏکيا ڏينهن سفر ڪري اهتا ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. چناب سان سندس 'سنگم ويڪرائي ڦاٽ 31 ڊگريون 35 منٽ (فوٽ) ۽ انچ اتر طرف آهي. لاهور 70 ڊگريون 21 منٽ اوپر بگهائي ڦاٽ تي آهي. هن قسم جي ماپن منهنجي ڏاڍي سهائتا ڪئي آهي. مون جهلم يا بيهٽ جي چناب سان ميلاپ کي اڳئين ويڪرائي ڦاٽ کان ٻارنهن ميل مٿي ڏيکاريو آهي. هن ماڳ تي اهو سنگم' گهٽي وٽ کان وٺي رهندو آيو آهي. ستلج جي اوپر طرف سروي تہ ڪئي ئي ڪانہ وئي آهي. چو تہ سندس ڪاهو ڪيو، لڌيانہ جي فوجي ڇانوڻيءَ وٽ ختم ٿئي ٿو. جيڪا منهنجي معلومات موجب 30 ڊگريون 55 فوٽ ۽ 30 انچ ويڪرائي ڦاٽ تي موجود آهي. مان جديد اصول ۽ بهترين نقشن مطابق خبرداريءَ سان ماپون وٺي معلوم ڪيو آهي تہ اها 75 ڊگريون 54 فوٽ بگهائي ڦاٽ تي اوپر طرف آهي.

سنڌوءَ ۽ پنجاب جي درياهن سان گڏ جيلسمير جو نقشو بہ شامل ڪيو ويو آهي. اهو نقشو مان 1830ع ۾ پورو ڪيو هو. مون سان گڏ جيمس هالينڊ بہ هو ۽ ٻئي گڏ ڏکڻ راجپوتانا گهمي رهيا هياسون. ڪڇ جو نقشو بہ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ رڻ کي وڌيڪ واضح ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ڪڇ جي رڻ جي سروي، مان 1825ع، 1826ع، 1827ع ۽ 1828ع ۾ پاڻ ڪئي هئي.(1)

---

(1) Instead of gwing separate maps of the Indus and central Asia, I have now combened the whole of Geographical matter in our map as has already been explined.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واڌارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌوءَ متعلق لکيل يادگيريون

## سنڌوءَ جو عام ڏيک

سمونڊ کان وٺي لاهور تائين ساري سنڌو جهازرانيءَ جي لائق آهي. وچ تي منجهس ڪابہ روڪ رنڊڪ ڪانهي. وچون فاصلو هڪ هزار انگريزي ميل ٿيندو. هيٺ ڏنل ڪاغذن ۾ سنڌس عملي طور جهازرانيءَ بابت ذري پرزي تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. پر ايڏو گهٽو نہ جيترو هيءَ اهم موضوع لهڻي ٿو. انهن ڪاغذن ۾ سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان ڦسنڌڙ ملڪي ماڻهن جو وستار بہ آهي.

سنڌو پنجاب جي درياهن جي سنگم کان پوءِ سوڪهڙي ۾ بہ تانگهو ڪونہ رهندو آهي. تڏهن بہ سنڌس گهٽ ۾ گهٽ ويڪر اڌ ميل ۽ اونهائي 15 فوٽ هوندي اٿس. چناب جي اونهائي وچولي درجي جي آهي. ۽ تر 12 فوٽ اٿس. راوي هن ندي جي اڌ جيتري آهي. اهي حقيقتون اسان سفر دوران هٿ ڪري ورتيون آهن. عام طور تي انهن ٽنهي ندين جي اونهائي ترتيب وار سنڌو 24 فوٽ، چناب 18 فوٽ ۽ راوي 6 فوٽ آهي. سفر مطابق ڏهاڙيءَ جا انگ اکر نقشي ۾ موجود آهن.

سنڌوءَ ۾ وڏي پئماني تي جهازراني ٿي سگهي ٿي. پر منهنجي بيان مطابق استعمال ۾ ايندڙ ٻيڙيون هتي جي سنڌي طرز جهڙيون هجن. ترو هموار هجي جيئن وڏي بار سان بہ 4 فوٽ پاڻي تي اٿر وجهنديون آهن. انهن مان وڏي ٻيڙي 75 انگريزي ٽن وزن کڻي سگهندي آهي. سائنس ۽ ناٽو انهن ٻيڙين جي ٺاهڻ ۾ تبديلي ۽ ترقي آڻي سگهي ٿو. اسان جي تجارت کي وڌائڻ جي نقطئہ نگاهہ کان ۽ تجارتي ٻيڙي کي رواں دوان رکڻ لاءِ بہ انهيءَ قسم جون ٻيڙيون بہ واهہ جون ڪمائتيون ٿينديون. تکيون هلندڙ ٻيڙيون ڪناري واري واريءَ تي اونڌي ٽيڻ ۾ دير ڪونہ ڪنديون آهن. آڳبوٽ بہ هتي ڪم ڏئي ويندا، پر شرط اهو آهي تہ اهي بہ هتان جي ٻيڙين جي شڪل مطابق هجڻ گهرجن. ڪلي ٻيڙي Keeltype هتي ڪڏهن بہ ڪامياب ڪانہ ٿي سگهندي.

سمونڊ کان لاهور تائين ٻيڙي جو سفر ٻہ مهينا وٺي ٿو. پر جڏهن اسان سفر ڪيو هو تڏهن واءُ ڏاڍو سٺائو کُلي پيو هو. اتل واري موسم اچا شروع ڪانہ ٿي هئي. چاليهن ڏينهن ۾ وچي ملتان ٺڪاءُ ڪيوسين. باقي رهيل سارو سفر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيو

# سنڌوءَ گنگا وچ ۾ ڀيٽ

سنڌوءَ ۾ سندس پرتي ڪندڙ شاخن متعلق هر معلومات ڏاڍي ڏيان ۾گيان سان لکي اٿم. پر ان جي موکر کي دنيا جي ٻين وڏن درياهن سان ڀيٽائي ڏسجي ته وڌيڪ صحيح ٿيندو. هڪ يورپيءَ کي مشرق ۾ هجڻ جي ناتي سان فقط اهو ڄڃاڻي ٿو ته پنهنجي ان ڀيٽ جي دائري کي سوڙهو رکي فقط گنگا تائين محدود ڪري، جيڪا سنڌوءَ سان گڏ هڪ جاءِ تان وهي نڪري ٿي ۽ برٽش هندستان جي حڪمرانيءَ ۾ چوطرف پکڙجي وڃي ٿي. مسٽر جي- اي- پرنسيپ جي ڪلڪتي ۾ ڇاپيل پنهنجي تصنيف ۾ به هن ڪتاب جيان جهازرانيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن معاملي ۾ اسان دير ضرور ڪئي آهي، پر گنگا نديءَ سان لاڳاپيل مواد سائنسي ۽ قيمتي ڪنيو آهي. ان موضوع تي مسٽر رنيل (Rennel) ۽ ڪول بروڪ به پُر مغز مقالا لکيا هئا. انڪري هن درياه متعلق مواد اجا به گهڻو دستياب ٿيو آهي. اڻ پوري ئي سهي پر مان ڪوشش ضرور ڪئي آهي. ٻيڙين جي سفر دوران جيڪو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو اٿم ان جي حواليءَ سان مون تي اهو لازم ٿئي ٿو ته جيڪي مسئلا سامهون آيا آهن، تن کي اَڏو ترتيب سان ويهي ڪجھ لکان ۽ سنڌوءَ گنگا جي ڀيٽ ڪريان.

سنڌوءَ گنگا درياهه، ٻئي هڪ ئي جبل هماليه مان ڦٽي نڪرن ٿا. سندن ويڪرائي ڦاڪ هڪ جهڙي آهي، ديگھ مختلف اٿن. ٻئي درياهه خط استوا کان ٻاهر آهن. گهڻو ڪري سال جي ساڳي مهيني ۾ منجهن چاڙهه ايندو آهي. اهي ٻئي درياهه ترتيب وار جيڪو پاڻيءَ جو مقدار سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا آهن، ان منجهان سندن وڏي هجڻ جو اندازو سولائيءَ سان ڪري سگهبو. ان کان سواءِ اسان انهن ميدانن کي به نظر ۾ رکنداسون، جن مان سندن گذر ٿئي ٿو ته اهي ڪيترا لهوارا آهن.

ان کان پوءِ اسان کي اهو به ويچارڻو پوندو ته اهي سمونڊ ۾ ڪيتريءَ رفتار سان ڇوڙ ڪن ٿيون. ذري گهٽ ساڳي فاصلي تي گنگا تي سڪري گلي (Sicriguli) ۽ سنڌوءَ تي ٺٽو موجود آهي، اهي ٻئي اهڙا شهر آهن، جيڪي ڀيٽ ڪرڻ ۾ اسان جي وڏي سهائتا ڪندا. ٻئي شهر ٻنهي درياهن جي اهڙن ماڳن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ۽ تاتاري چين جو برف وارو پاڻي بہ سرڪي اچي سنڌوءَ ۾ پوندو آهي. سنڌس پاڻي برسات جي موسم شروع ٿيڻ کان گهٽو اڳ وڌڻ شروع ٿيندو آهي.

درياه جي دور دراز پاڻيءَ جي ذريعي تي نظر رکي اسان کي هن سويلي چاڙهہ جي سبب کي ڪيڏانهن منسوب ڪرڻ گهرجي؟ ڇا ان رجندڙ برف کي ان لاءِ ذميوار سمجهڻ گهرجي؟

سنڌو جنهن وقت سمونڊ ۾ چوڙ ڪندي آهي تہ سندس ۽ سمونڊ جي پيٽ جي سنوت ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ هوندو آهي. دنيا جي هر وڏي ندي ائين آرام سان چوڙ ڪندي آهي. جيئن مهان سنڌو ڪري ٿي. سندس وهڪرو ادائي ميل في ڪلاڪ جي حساب کان ڪڏهن بہ وڌيڪ ڪونہ هوندو آهي. پنجاب جون سڀ نديون جن ۾ اسان هيڙيون هاڪاريون آهن، سڀ سنڌوءَ کان رفتار ۾ هڪ ميل وڌيڪ آهن. سندس وهہ جي تڪ لاءِ اهو ترت سبب ڏئي سگهون ٿا تہ اهي جبلن جي بلڪل ويجهو آهن ۽ اهو نقطو نديءَ جي چوڙ ڪرڻ وقت بہ ڪارفرما نظر ايندو. لاهور جو شهر سمونڊ کان هيڏي رستي هڪ هزار انگريزي ميل پري آهي. مان ڊاڪٽر جي- جي- جيراڊ G-J Gerad جو نهايت شڪر گذار آهيان، جنهن ڪجھ عرصو اڳ امرتسر ۾ بئراميٽر وسيلي ورتل مشاهدي جي هڪ سلسلي تان قائدي وٺڻ جو موقعو ڏنو. هي شهر لاهور کان 30 ميل کن اوپر طرف آهي.

| | |
|---|---|
| اٺاويهن مشاهدن مطابق بئراميٽر جو بيٺل انگ | 28,861.3 |
| ايترو ساڳيو بئراميٽر جو ڪلڪتي ۾ ورتل | 29,711.3 |
| فرق | 850.2 |

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ بئراميٽر مطابق ڪلڪتي جي سطح سمنڊ کان اوچائي- 25 فوٽ ٿيندي. امرتسر ۽ لاهور جي سطح سمونڊ کان اوچائي ساڳي آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻئي پنجاب جي ميدانن جا شهر آهن. تنهن ڪري انهن ٻنهي شهرن جي سطح سمنڊ کان اوچائي 900 فوٽ هوندي.

اسان هن موضوع جي جاچ مطابق انگن اکرن ۾ پنهنجو بيان پيش ڪيو آهي، هاڻي ويچارڻو اهو پوندو تہ لاهور کان هيٺ واري واهہ کي ڪهڙي طور ۽ طريقي سان ونڊ ورڇ ڪجي. رينيل جي لکت مطابق گنگا ندي سان پيٽ ڪجي يا منهنجي دير سان آيل مضمون مطابق فرق سمجهائجي، جنهن ۾ اڳ هن سائنسي ذهن رکندڙ انسان جي امداد جا ٿورا مڃيا آهن. اسان مٺڻ ڪوٽ کان هيٺ سمونڊ تائين ڌرتي جو متاڇرو گهٽو لهوارو ڪونہ ٿا سمجهون. جيتوڻيڪ هن ماڳ وٽ پنجاب جا پنج درياه سنڌوءَ سان سنگم ڪن ٿا. وڌ ۾ وڌ پنج يا ڇهہ انچ في ميل جي حساب سان لاهہ آهي. نہ وري اسان هن ڳالهہ جي اجازت ڏيندا سون تہ هن ماڳ کي 900 فوٽن جي چوٽين حصي کان وڌيڪ سطح سمنڊ کان بلند سمجهيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعمير سبب اُتي اوله هندستان جي سامونڊين ويرين جيان تيزي ڪانه رهي آهي. بمبئي ۾ به گودين تعمير ٿيڻ ڪري ويرين جي چاڙهه ۾ ڪمي آئي آهي. مان ان خيال جو آهيان ته گنگا ۽ سنڌوءَ جي منهن وٽ پاڻي جو چاڙهه گهٽو ڪري ساڳيو آهي. ٻئي درياه هڪ ئي طرف کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. سامونڊي ڇوهن ۽ آنڌارين سبب منجهن هڪ جهڙو چاڙهه ايندو آهي. سنڌ سان لاڳاپيل سامونڊي ڪناري جو به ساڳيو حال آهي. ڏکڻ- اوله طرفان مارچ تائين چوماسي جون تيز هوائون گُهلنديون رهنديون آهن ۽ پاڻي ٿن کان چئن فئدمن تائين لهي ويندو آهي ۽ جهازران کي ڪنارن تي موجود ڪڏون کوها پري کان پيا نظر ايندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي سرزمين

سنڌوءَ ۾ اوڀارئين رخ تي هاڪاريندي، جنهن سرزمين تي اسان پهريون پير پاتو، سا سنڌ هئي، افغان شاهيءَ جي ستياناس ٿيڻ کان پوءِ هن ملڪ جي سياسي اهميت اجا بہ وڌي وئي آهي. جڏهن کان وٺي سنڌ جا حڪمران پناڻ جي ساليانيءَ ڏن ڏيڻ کان آجا ٿيا آهن، تڏهن کان سکيا ستابا ۽ پاڻ پرا ٿيا آهن ۽ پنهنجي ملڪي سرحدن کي وڌائڻ بہ شروع ڪيو اٿائون. هاڻي سندن بادشاهي پوري عروج تي آهي. ملڪ جي ڪل پکيڙ هڪ لک چورس ميل آهي. 79 کان 71 ڊگريون ڊگهائي ڦاڪ اوير ۽ 23 کان 29 ڊگريون اُتر ويڪرائي ڦاڪ ۾ موجود آهي. سندس ڏاکڻين دنگ تي هندو وڏو سمنڊ آهي. سندس وچ واري 400 ميل اُريب کي، سنڌوءَ ۾ پنجاب جي درياهن جي سنگم واري ماڳ کان ٿورو ڏکڻ ڪاٽيو وڃي ٿو. هن سهڻيءَ سرزمين جو اوڀاريون حصو غيرآباد آهي. سنڌو پنهنجي ڪنڌين ڪنارن وارا پٽ ۽ پاسا، اٿل واري آب سان پسائي سرڳ سمان بڻائي ڇڏيندو آهي. جاتي سندس بوڏ جو پوتر پاڻي پهچي ڪونہ سگهندو آهي انهن ميداني علائقن ڏانهن واهہ ۽ ڪڙيا کوٽي زمينون آباد ڪيو وينديون آهن.

سڄي سنڌ ٽالپرن جي ٽن گهراڻن ۾ ورهايل آهي. پنهنجي لحاظ کان هرهڪ آزاد حڪمران آهي، سندن مک گهراڻو حيدرآباد ۾ رهي ٿو. جنهن جو وڏو مير مراد علي خان آهي. ٽن وڏن ڀائرن جي وفات کان پوءِ هي اڪيلو وارث آهي.(1) ٻيو گهراڻو مير سهراب خان جي قريءَ مان آهي. هاڻي مير رستم خان خيرپور واري علائقي جو حڪمران آهي. بکر جي قلعي سان گڏ اتر سنڌ سندس حڪمرانيءَ ۾ شامل آهي. ٽيون گهراڻو مير ٺاري خان جي ڪُرم سان لاڳاپيل آهي. ان قبيلي جو سردار مير علي مراد آهي. جيڪو ميرپور ۾ رهندو آهي. سندس علائقو دارالسلطنت کان ڏکڻ– اوڀر طرف تي آهي. اهي ٽيئي ٽالپر سردار، سنڌ جا صحيح معنيٰ ۾ امير آهن. خاص طور تي امير جو لقب حيدرآباد جي مير

(1) As this work is passing through a press intelligence has reached in England of the death of this Ameer, Which has been followed by the civil war.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحفظ ڏيڻ ۾ سکن جي پيش قدمي روڪڻ واسطي حيدرآباد جي ميرن جي منصوبي جي پٺڀرائي ڪانہ ڪئي هئي. اهي خاندان هڪ ٻئي کان آزاد آهن، پر جڏهن بہ ڪم ڪندا آهن تہ گڏجي ڪندا آهن. مير رستم خان جو حيدرآباد جي مير کان وڌيڪ پاڙيسري ملڪن سان سهٺو سلوڪ آهي. سنڌس دربار ۾ جيلسمير بيڪانير جي راڄائن ۽ دائودپوٽن جا نمائندا رهندا آهن ۽ ان کان علاوه لاهور جي سکن سان بہ سندس سٺا تعلقات آهن. مير رستم سنڌ جي سرحدن جي حفاظت واسطي هڙئون ۽ وڙئون ڪونہ گهٽائيندو آهي. جڏهن افغانن شڪارپور کي دوباره فتح ڪرڻ لاءِ سنڌ تي حملو ڪيو تہ هن پنهنجي حصي جو لشڪر حيدرآباد جي مير جي مدد لاءِ بنا دير موڪلي ڏنو هو.

ميرپور وارن ٽالپرن جو وڏو مير مراد علي خان آهي. هو ٻين سنڌي اميرن جهڙو اثر رسوخ ڪونہ ٿو رکي. سندس علائقو حيدرآباد جي ويجهو آهي، ايراضيءَ ۾ وڏو آهي، پر گهڻو غيرآباد آهي، تنهن ڪري حيدرآباد جي ميرن جو ڳيجهو بہ گهڻو رهندو آهي. سندس ملڪ ڪڇ جي پرسان هجڻ ڪري سدائين حملي جي منهن ۾ رهي ٿو ۽ هيءُ امير اهڙي جنگي مهم لاءِ سدائين تيار رهندو آهي. هيءُ گهراڻو مير صوبدار خان جو هڏ ڏوکي آهي ۽ حڪومت جي تبديليءَ جي لحاظ کان هر حال ۾ سندس ئي پٺڀرائي ڪندو رهندو آهي.

ميرن جي هنن مختلف حڪومتن ۾ رهندڙ رعيتي ماڻهن جي اقتصادي حالتن جي حوالي سان گهڻن مصنفن لکيو آهي. تنهن ڪري مان سايو ڪري اکيون ٻوٽي لنوائي وڃان ها. پر ڳالهہ اها آهي تہ انهن وٽ آمدورفت جا اهڙا ذريعا ڪونہ هئا جهڙا مون وٽ آهن. مان هتي ڪيترا مهينا رهيو آهيان ۽ مشاهدي ڪرڻ جو سونهري وجهہ مليو اٿم. منهنجو خيال آهي تہ آءٌ سنڌن ڪن خيالن جي ترديد ڪريان. سنڌي بنيادي طور تي تيسيارا ۽ هٺيلا ٿيندا آهن. سيئي دوکيباز ۽ ٺڳ سمجها ويندا آهن. واعدن ڪرڻ ۽ تعريف ڪرڻ ۾ سچا ڪونہ هوندا آهن. سنڌن تيسو وحشانيت، جهالت، هٺ ۽ ساڙ ڪري هوندو آهي. سنڌن اهو دوکو پنهنجن لاءِ ڪڏهن بہ ڪونہ هوندو آهي؛ تنهن ڪري هجڻ تہ ائين گهرجي تہ ڪنهن ڌاريئي سان بہ ويساه گهاتي نہ ڪن. سنڌي جيڪي منهنجا نوڪر رهيا آهن، سي ڏاڍا ايماندار ۽ وفادار هئا. انهن سنڌين جي نگهبانيءَ هيٺ سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ سفر ڪيوسين ۽ اسان سان ڪوبہ پنهنجو پهريدار دستو ساڻ ڪونہ هو. لنگر هٽڻ وقت سنڌين جا ميڙاڪا مڙي ويندا هئا، پر اسان جي سئي بہ گم ڪانہ ٿي. سنڌين تي سنڌ جي نالي تي پنهنجا ئي حڪمران حڪومت ڪندا آهن.

جيڪڏهن سنڌ وارا هن فرق کي سمجهي سگهن تہ شهري ۽ فضيلت واري زندگي جا ڪهڙا فائدا آهن يا صنعت، فن ۽ ڪلا جهنگلي فڪر رکندڙ بادشاهت کان وڌيڪ افضل آهن، تہ اسان سنڌ ۾ اتان جي ماڻهن لاءِ جيڪر ٻيو نظريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو سيني منهن کان وڏو آهي. اهو منهن سڏو ’ساتا‘ مان پاڻي ڪٽي ٿو ۽ گهڻين ڪارين رستي (1) سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. ڪيس ’واٿيائيءَ‘ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اسان ’حجامڙي‘ مان هڪ ڪاريءَ رستي سنڌوءَ جي هن منهن ۾ داخل ٿياسين. گوڙا ۾ (جنهن کي سمنڊ وٽ واٿيائي به سڏيو وڃي ٿو) هر جاءِ تي 24 فوٽ اونهو پاڻي ڏٺوسين. سنڌس وهڪرو سڌو ڏکڻ تي وڃي ٿو. ۽ هڪ خوبصورت ڳوٺ ڪلياڻ (Kelyan) جي پرسان گذري ٿو. ’گوڙا‘ جي وهڪري ۾ هاڪارڻ جون اهڙيون سهوليتون ۽ سهنجايون موجود آهن، پر پوءِ به سمنڊ جي طرف کان ڪابه هلڪي ٻيڙي منجهس داخل ٿيڻ تي دل ڪانه ٻڌندي آهي. ڇاڪاڻ ته منجهس خطرناڪ ۽ واريا سا ڪنارا موجود آهن، جن لاءِ مان اڳ ۾ اشارو ڪري آيو آهيان. ان مان صاف ظاهر آهي ته واريا سا ڪنارا پاڻيءَ جي ڪنهن سگهاري وهڪري ڪري سرجيا آهن، ڇاڪاڻ ته ’ريچل‘ جيستائين سنڌوءَ جي وڏي وهڪري سان ڳنڍيل هئي ته منجهس واريءَ جي وڏي ٻيٽياري موجود هئي، ۽ ايڏي وڏي هئي، جيتري هاڻي ’گوڙا‘ جي سامهون موجود آهي. پر هاڻي اها درياهي پاڻيءَ نه هجڻ ڪري گهٽ تي وڃي آهي. گذريل صديءَ ۾ سنڌوءَ جي هيءَ شاخ وڏين ٻيڙين لاءِ کليل هوندي هئي. ستر ٽن ڪنندڙ هڪ وڏو ٻيڙو جنهن جي چوڏاري جهنگلو لڳل آهي، سو پرسان خشڪ زمين تي ڏريو پيو آهي، ڪيس پورالي ۽ جنوني درياه ڊيري ڪري رکيو آهي.

’گوڙا‘ کان هيٺ ڪائير Khaeer ۽ ’مل‘ Mull به منهن آهن، جيڪي ڪنهن رستي ’گوڙا‘ سان ڳنڍيل آهن. اهي ٽئي منهن 12 ميلن جي گهيري اندر سمنڊ ۾ چوڙ ڪن ٿا. ’ڪائير‘ ’گوڙا‘ جيان جهازرانيءَ جي لائق ڪونه آهي. ’مل‘ ۾ 25 ٽن واري ٻيڙي بنا ڪنهن به خطري جي داخل ٿي سگهي ٿي ۽ شاهه بندر لاءِ فقط اهو منهن وڃي بچيو آهي، تنهن ڪري ان بندر تي ٻيڙيون عام جام پيون اينديون وينديون آهن.

ٻيڙيون اتر- اوڀر طرفان بندر کان ويهه ميل سفر ڪري هترادو ناهيل ’لپتا‘ Lepta نالي ڪاريءَ ۾ اچي لنگر هڻنديون آهن. ’مل‘ کان ويهه پنجويهه ميل هيٺ ’سير‘ نالي به هڪ منهن آهي، پر منجهس درياهي پاڻيءَ بدران سمنڊ جو کارو پاڻي پريل هوندو آهي. وچ تي هيون ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون ڪاريون آهن، پر منجهن ڪوبه رابطو وغيره ڪونه آهي. سير، سنڌوءَ جي هڪ تباهه ٿيل شاخ آهي. جنهن کان پنجاه ميل مٿي ۽ مغل پين کان هيٺان، درياه جي هن شاخ ۾ مٽيءَ جو دڙو اچلائي ڇڏيو آهي. ان بند ٻڌجي وڃڻ ڪري سنڌس وهڪرو بند ٿي ويو آهي، پر پوءِ به مٿان وڏو درياهي وهڪرو اٿس ۽ پاڻ پنهنجو رستو جوڙي ننڍڙين

---

(1) ڀِڪر ۽ حجامڙو ننگرپارڪر ۾ پڻ مشهور آهي. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب پنجون

# سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو

مصر ملڪ لاءِ هيروڊوٽس جو قول آهي ته: ”هي ملڪ نيل نديءَ جي سوکڙي آهي، ۽ اها چوائي سنڌوءَ جي مُنهن واري علائقي لاءِ هوبهو ٺهڪي اچي ٿي. درياه جي ڪنارن تي مشتمل هڪ حصو آهي، جنهن ۾ واري سان هڪ ٻئي جي پٺيان لڳاتار ۾ چيڪي مٽي ۽ واري جا پور-وچوٽا ته آهن. ڌرتيءَ جو اهو ٽڪرو جڻ درياه، سمنڊ کي پوئتي ڌڪي هٽ ڪيو آهي. دزياه کي ان جدوجهد ۾ ڪو وقت ضرور لڳو هوندو. مان اها ڳالهه پڪ سان چئي نه ٿو سگهان ته ڇوڙ وارو علائقو سنڌوءَ جڻ سمنڊ کان کسي ورتو آهي. اهو صاف ظاهر آهي ته ڌرتي سمنڊ ڏانهن گهڻو وڌي آئي آهي. هن حقيقت جي ٻي ڪاٻ ثابتي پٺيرائي ڪانه ٿي ڪري، سواءِ هن جي ته سنڌوءَ جي مُنهن وٽ سمنڊ جو پاڻي تانگهو، تري ۾ چيڪي مٽي ۽ پاڻي جو رنگ لڙياڻو هوندو آهي.

ٺٽي وارو علائقو ڇوڙ واري خطي جو مٿيون ڀاڱو آهي ۽ چاڙه جي موسم ۾ اٿل کان گهڻو متاثر ٿيندو آهي. درياه جا ڦاٽ ۽ واهڙ ايترا ته گهڻا آهن جو علائقو سڄو ٻوڏ جي پاڻيءَ هيٺان اچي ويندو آهي. جن علائقن ۾ هن اتفاقي ٻوڏ جو پاڻي نه پهچندو آهي، اتي چار فوٽ ويڪرين ۽ ٽي فوٽ اونهين واهين کوٽي پاڻي زمينن تائين پهچايو ويندو آهي. چاڙهه جي موسم اپريل جي آخر ۾ شروع ٿيندي آهي ۽ جولاءِ تائين وڌندي رهندي آهي ۽ سيپٽمبر ۾ گهٽجي ويندي آهي. چيو ويندو آهي ته اتر جي واءُ ان کي وڌيڪ چاڙه ڏياريندي آهي. چاڙهه جي موسم مينهن پوڻ کان اڳ هماليه ۾ برف رجڻ سان شروع ٿيندي آهي. ٻيءَ موسم ۾ آبادي نارن تي ڪئي وڃي ٿي ۽ نارن ۾ عام طور تي اٺ يا ڏاند جوٽيا ويندا آهن. ڇوڙ واري خطي جو اڌون حصو ڦاٽن واهڙن ۽ ريٽين جي والار هيٺ اچي ويو آهي. سمنڊ کان وٺي مٿي ڏه ميل ايراضيءَ ۾ ايتري ته رقم ٿيندي ٿي Furze جي اوبڙ آهي، جو زمين آباد ڪري ئي ڪانه ٿي سگهجي. سمنڊ جي ڪناري جي وٽ پاسي ۾ وي ولهار آهن، جاتي ڍڳارو ماهيو مال پيو ساول ۾ چرندو آهي. جن مان ڍاڳين کي گهه مکڻ ته جام ملي، پر ويچارن کي مٺي پاڻيءَ جو ڏڪ آهي، جو پنهنجي پاڻ ۽ مال لاءِ کوهن تان پاڻي آڻين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڪ تمام گهڻي پوندي آهي، جيڪا صحت لاءِ هاجيڪار آهي. هي غلائقو جڻ انسانن جي عذاب لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. ان جو هن ڳالھ مان پتو پوي ٿو تہ هتان جا رهاڪو پنهنجي عمر کان اڳي ئي ڪراڙا ٿي ويندا آهن. مون ڪونہ ٻڌو آهي تہ ڪنهن کي ڪو مليريا جو بخار ٿيو يا ھوڏ کان پوءِ هتي ڪا وبائي بيماري پئي. اهي سمورا ڏک سور صبر سان سهندا رهن ٿا. ڪٽمل (مونگهڻ) ۽ مڇرن جي آزار ٿي ٿورو چڙي پوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن ڪونہ ٿو موڪليو وڃي. درآمدي مال ڪراچيءَ ۾ لهندو آهي. برآمدي مال ۾ قيمتي سامان مالوا جو آفيم آهي، جيڪو ڪراچيءَ جي بندر تان ٻاهر روانو ڪيو ويندو آهي. ان تي ڪُرو محصول في اُٺ 250- رپيہ هوندو آهي. هن اسم تي فقط اڳئين سال جيڪو محصول اڳڙيو آهي، سو چيو وڃي ٿو تہ ڏَست لک رپيہ آهي ۽ اهو حيدرآباد جي امير جي زمين تان اڳڙيل ڍل جيترو آهي.

سنڌوءَ رستي ڪنهن بہ قسم جي واپاري آمدرفت جي ڪابہ اميد نظر ڪانہ ٿي اچي. هتان جي حڪمرانن کي هن قسم جي ترقي ڏانهن ڪو لاڙو ڪونہ آهي. انهن حڪمرانن مان اهڙو ڪو روشن ضمير ۽ کليءَ دل وارو امير نڪري پوي ۽ سمجهي تہ سنڌ جي اصل شاهوڪاري ۽ دولت سنڌين جو صنعت ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڏساوري تجارت شروع ڪرڻ آهي. موجوده دور ۾ مون کي تہ سنڌ ۾ ڪابہ دولت نظر ڪانہ ٿي اچي. پر جيڪا ڪجهہ آهي ان تي سنڌ جي اميرن جو قبضو آهي ۽ ماڻهو جيڪڏهن چاهين تہ بہ يورپ جي سُهيل شين جي خريد ڪرڻ جي منجهن طاقت ڪانہ آهي.

هن صديءَ جي شروع ۾ قصو ڪجهہ ابتڙ هو. جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ٺٽي جي ڪوٺيءَ معرفت تجارت ڪرڻ شروع ڪئي هئي، ان وقت هتان جا حڪمران ڪابل جي ماتحت هئا. افغانستان يا ٻين ملڪن ڏانهن مال جي روانگيءَ تي ڪوبہ اعتراض ڪونہ ڪندا هئا. سنڌ وارن کي ايشيا جي هڪ خطي افغانستان جي وڳوڙي واري منڊل مان سبق سکڻ گهرجي؛ اسان جو اندازو آهي تہ هاڻي جيڪڏهن دراني ڪابل جي تخت تي قبضو ڪري بہ وٺن، پر سنڌ جون سياسي حالتون ايتريون مضبوط آهن جو افغانستان ۾ آيل تبديلين جو اثر سنڌ تائين پهچي ڪونہ سگهندو.

موجوده دور ۾ تجارت جي لحاظ کان سنڌوءَ ۾ ڪي خاطرخواه ٻيڙيون بہ موجود ڪونہ آهن. حيدرآباد ۽ ٺٽي جي وچ تي سندن انگ پنجاه کان مٿي ڪونہ ٿيندو. انهن مان گهڻيون تہ ننڍيون ۽ مڇي مارڻ جي استعمال هيٺ آهن. انهن مان جيڪي جهونيون آهن، سي پتڻ تان پُور ڪنيو پيون آرپار اچن وڃن. ٿوري گهڻي همت افزائي کان پوءِ فوجي ۽ تجارتي اوٺاين کي دور ڪري سگهجي ٿو. سنڌ ۾ ٻيڙين ٺاهڻ واسطي ڪاٺ ڪونہ آهي ۽ اهڙو ڪاٺ ملبار مان آڻي ٻيڙيون ٺاهيون وينديون آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندا آهن. ان ٽڪريءَ کي ڪاٽي درياهه ڏانهن اچڻ لاءِ رستو ٺاهيو ويو آهي. ان ايڪيري ٽڪريءَ کان ٺوري پر پري بکر ڏانهن ويندڙ سامان يا ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندا آهن: جڏهن درياهه ۾ چاڙهه هوندو آهي تہ مان سمجهان ٿو تہ لهڻ ۽ چڙهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هوندو. روهڙيءَ جي آدمشماري 8,000 آهي، جيڪي گهڻو ڪري هندو آهن. ان کان اوپر طرف ويران ٽڪريون ڏسڻ ۾ ايندين. پر علائقي کي ڏاڍو سگهارو ڏيک ۽ وايومنڊل ڏين ٿيون. شهر جي ڏکڻ طرف ٽن چئن ميلن ۾ کجين جا باغ آهن ۽ ٻيا بہ ڪيترن ئي قسمن جا باغ باغيچا آهن. سکر روهڙيءَ جي سامهون ٻئي ڪناري تي آباد آهي ۽ آباديءَ ۾ روهڙي جي اڌ جيترو ٿيندو. پراڻي زماني ۾ اهي ٻئي شهر چڱا مشهور هوندا هئا. هاڻي تہ منجهس مسجدين منارن جا يادگار وڃي بچيا آهن. سکر جي طرف وارو سنڌوءَ جو ڪنارو ايڪيرو ڪونہ آهي ۽ شهر درياهه جي ڪناري وٽان ئي شروع ٿئي ٿو ۽ روهڙي جي ابتڙ ڪنارن سان آباد آهي. انهن ٻنهي شهرن جو وجود بکر جي قلعي سبب آهي، جنهن ڏکئي وقت ٻنهي شهرن جي ماڻهن جو بچاءُ ڪيو هوندو.

موجوده دور سان لاڳاپيل بہ شهر، جن تي ڪجھ لکڻ جي بہ ضرورت محسوس ٿئي ٿي، سي لاڙڪاڻو ۽ خيرپور آهن. لاڙڪاڻي سنڌوءَ جي ساڄي ۽ خيرپور کاٻي ڪناري تي آباد آهي. ٻئي ساڳي پور- وچوٽي ۽ ويڪرائي ڦاڪ تي موجود آهن ۽ ٻنهي کي سنڌوءَ مان واهن ذريعي پاڻي ملندو آهي. ٻئي سنڌوءَ کان اٽڪل 14 ميلن جي فاصلي تي آباد آهن. خيرپور جديد مصر جو شهر آهي، جنهن کي ٽالپور سردار مير سهراب خان تعمير ڪرايو هو. ڪلهوڙا خاندان جي زوال کان پوءِ هن خاندان اتر سنڌ تي پنهنجو ديرو دمايو هو. آدمشماري 15000 اٿس. سي جايون ڪچيون آهن، جيڪي ڄڻ گهٽين جي پاسن ۾ اڇي ڳڏ ٿيون آهن. قلعو بہ نهيل ڪونہ اٿس. شهر وچين حصي ۾ ٿلهو ڪوٽ آهي، جو امير جي گهر جي چوڌاري ڏنو ويو آهي ۽ اهوئي ڪافي سمجهيو وڃي ٿو. شهر جي اوسي پاسي زمين تراکڙي ۽ هيٺاهين آهي، منجهس ٻوڙا ۽ ٻيو جهنگ جام آهي، ٻوڏ جي پاڻي کان بچاءُ لاءِ شهر جي چوڌاري هلڪو بند ٻڌل آهي. لاڙڪاڻو سنڌوءَ جي اولهاينءَ ڪڙ تي آهي ۽ چانڊڪي پرڳڻي جو صدر مقام آهي. آدمشماري 10000 ماڻهو اٿس ۽ سنڌ جي اميرن جو اتر- اولهہ طرف کان ڳنڍيل علائقو آهي. چوڌاري ڪچو قلعو اٿس. امن امان برقرار رکڻ ۽ جبل جي سرڪش ماڻهن کي بيچارڻ واسطي ويهارو کن توبون منجهس رکيل آهن. هتي سنڌ جي حڪمران طرفان مقرر ڪيل نواب رهندو آهي.

سنڌ جي پيداوار جتي ڪٿي هڪ جهڙي آهي. سيوهڻ ۽ هتان جو اناج هڪ جهڙو آهي. هتي هڪ ٻوٽو 'سيار' Syar آهي، شڪل وال فلاور Wall flower جهڙي هوندي اٿس. اهو ٻوٽو هن علائقي ۾ عام جام ٿئي ٿو. ان جي رس کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن جي بيماريءَ جي هڪ دوا طور استعمال ڪيو ويندو آهي. هيٺانهين زمين ۾ سارين جيان ڪٽڪ جو تمام گهڻو فصل ٿئي ٿو. روهڙيءَ پرسان تماڪ جو ڏاڍو پلو فصل ٿيندو آهي. سنڌ ۾ گاهه جي وڏي ضرورت هوندي آهي، جنهن ڪي لَوَڻ جا وڻ ٿيڻ ئي ڪونه ڏيندا آهن. ماٺهو لون جي جهنگلن ڪي باهيون ڏئي اتي فصل وغيره پوکيندا آهن. ٻٻر جو وڻ به هتي ٿلهو ڪونه ٿو ٿئي. وڏا وڻ مون کي تمام ٿورا نظر آيا. نم ۽ سرينهن جا وڻ هونءَ ته هندستان ۾ جام ٿيندا آهن. پر هتي تمام گهٽ نظر يا. ٻڙ جو وڻ هتان جو ڪونه آهي. ٽر جا وڻ جهڙوڪ ڪيجرا، ڪير، ٻير، اڪڙا ۽ لوا هتي به جام ڏسڻ ۾ ايندا. مان اڳ ۾ روهڙي ۾ کجين جي وڻن جي موجودگيءَ ڏانهن اشارو ڪيو آهي:

ٻٻر= Mimosa

Neem نم Melia azadarachta

ٻڙ Ficus Reigiosa



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏن جو روجهاڻ سان تعلق آهي ۽ ديري غازي خان ۾ بہ جام آهن. اڳي پٺاڻن جي فوجن تي وچي راتاها هڻندا هئا، پر هاڻي سندن زور ختم ٿي ويو آهي. بگٽي ۽ ڪلفر جندراڻي جي ٽاڪرو علائقي سان تعلق رکن ٿا، جنهنجي وڪرائي ڦاڪ منڻ ڪوٽ ڪان هيٺان آهي ۽ سنڌوءَ سان ڪڏ پور-وچوٽ هلندو اچي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌو منڻ ڪوٽ کان اٽڪ تائين

اسان چناب رستي ملتان روانا ٿيا هئاسين. مان منڻ ڪوٽ کان مٿي سنڌوءَ جي وهڪري متعلق ڪيترين پڇائون ڳاڇائون ڪيون ۽ تفصيلي معلومات وٺڻ لاءِ ڪيترا ئي ماڻهو ڳولي ڪيا هئا. 1809ع ۾ ڪابل ويندڙ سفارت منڻ ڪوٽ کان هڪ سو ميل تي ادو ڪوٽ وٽ پهتي هئي. منهنجي مرضي به اها آهي ته پنهنجي جاچ پڙتال کي ان شهر سان ملايان ۽ سنڌوءَ متعلق جاڻ سمنڊ کان وٺي اٽڪ سان ڳنڍي ڇڏيان.

سنڌو هن وهڪري واري جاءِ تان بلڪل سڌوسنئون آهي ۽ ڏکڻ وهي ٿو ۽ منجهس سفر ڪرڻ جو ڪو خطرو موجود ڪونهي آهي. جهازرانيءَ ۾ به ڪا تڪليف ڪانه آهي. هن جاءِ تي سنڌس نالو اٽڪ يا سنڌو آهي ۽ اهڙي علائقي مان گذري ٿو. جيڪو منڻ ڪوٽ جي پسگردائي جهڙو آهي. ڪنارن ننڍن هجڻ سبب سنڌس پاڻي چوڌاري پکڙجي ويندو آهي. 'ڪاهري' (Kaheree) وٽ سندس هيٺ ڪجه سوڙهو آهي. اتان جنوريءَ جي مهيني ۾ مسٽر ايلفن اسٽون ٽپيو هو. اونهائي 12 فوٽن کان وڌيڪ ڪانه اٿس. ۽ ويڪر 1000 گز ٿيندس. ان کان پوءِ منجهن پنجاب جي درياهن جو پاڻي پوي ٿو. پوءِ سنڌو گوڙون ۽ گجڪارون ڪندي منڻ ڪوٽ کان لنگهندي آهي. ان وقت سندس ويڪر 2000 گز تائين وڃي پهچي ٿي. ڪاهي ڪناري جي ماپ موجب اونهائي 24 فوٽ هئي.

سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي ديري غازي خان جو جابلو علائقو آهي. اهو هڪ سرسبز شاداب خطو آهي ۽ ديري غازي خان جو شهر سنڌوءَ جي مٿان آباد شهرن مان وڏي ۾ وڏو شهر آهي. چوڌاري باغ، کجين جا جهڳٽا ۽ ساوا کيت اٿس. هين علائقن جيان سکن هن کي فتح ڪري ڇهه لکن رپين جي عيوض بهاولپور جي حوالي ڪيو آهي. هن علائقي جي اڳين پيداوار چار لک هئي هتي زوري محصول اُگاڙڻ جا طريقا استعمال ڪيا ويا آهن، تنهن ڪري اتان جا رهواسي هن علائقي کي ڇڏڻ لڳا آهن. هي علائقو راجا رنجيت سنگهه جي حڪمرانيءَ کان گهٽ پري آهي. راجا بنا ڪنهن فوجي امداد جي هن علائقي کي پاڻ وٽ رکڻ چاهي ٿو. هن راجا، داجل ۽ هن علائقي جو ڪجه حصو، بروهين کي سندن فوجي خدمت جي عيوض ڏنو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيان موجب اهڙي قسم جي ٻيڙين مان تيار ٿيل پل سڪندر اعظم به تيار ڪرائي هئي. ڇو ته ان وقت به ڪيس اٽڪ وٽان درياهه پار ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي هئي ۽ وڏيڪ چوڻي ٿو ته سڪندر مَذَّ يا ٽُرها پاڻ ۾ جوڙي جوڙي پل تيار ڪئي هئي. جدت ۽ قدامت جو فرق سو آهي، باقي پل ٺاهڻ جي طرز ساڳي آهي: افغانن 14000 رپيا خرچ ڪري پل ٺهرائي هئي ۽ اتان ٽپي اچي ماڻهن تي ظلم ۽ ڦرلٽ ڪندا هئا. سکن اها تباهي بند ڪئي. ملڪي ماڻهن جي ڦرلٽ جو سلسلو ختم ٿيو. سکن جا 5000 ڪان وڏيڪ ماڻهو ڪونه هوندا هئا، اُن پل بجاءِ ٻيڙين رستي ٽپي ٻيءَ پر ويندا هئا ۽ جيڪو ڪجهه ڪپڙو هُنُن سو ڪٽي ايندا هئا ۽ اهڙيءَ پل ٺاهڻ جو خفو سر تي ڪڍهن به ڪونه ڪنيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ۾ پورو ڪيو هو.

چناب جا ڪنارا سندس پاڻيءَ کان ٿلي فوٽ مٿي مس هوندا آهن ۽ اهي سنڌوءَ جيان وڻن سان ڍڪيل هجڻ بدران کليل آهن. ڪنارن پرسان ڪمند جهڙا ڪانا ڏسڻ ۾ ايندا.(1) ۽ ٻيو واهَن(2) نالي هڪ وڻ آهي جنهن جا پن Beech tree جهڙا ٿيندا آهن. علائقو ڏاڍو آباد آهي ۽ منجهس واهَن جو هڪ جار وچايل آهي. زمين ڏاڍي زرخيز ۽ اپت واري آهي. فصل ڏاڍا ڀلا ٿين ٿا. چوپايو مال جام آهي. ڳوٺ تمام گهٽا ۽ وڏن وڻن سان ڇانيل آهن. هن علائقي ۾ ڏنارن ۽ سانگي ماڻهن جون ڪيتريون ئي وانڊيون آهن، جيڪي چوپائي جي چاري خاطر وتندا آهن ماڳ مڪان مٽائيندا؛ پر گهڻا ماڻهو پنهنجا پڪا ڳوٺ ٻڌي ٻنهي ڪنارن سان آباد ٿيا ويٺا آهن. سندن ڳوٺ چناب يا سنڌوءَ جي پاڻي کان متاثر ڪونه ٿيندا آهن، ڇو ته ٻنهي درياهَن جو پاڻي ٻن ميلن کان وڌيڪ ٻوڏ ڪري ڪونه سگهندو آهي.

چناب جي گهاري سان سنگم واري جاءِ کان هيٺ اهم ماڳ اُچ جو آهي. هيءُ شهر درياهه کان 4 ميل اوله طرف ۽ جهازراني لائق ٻنهي درياهَن جي سنگم واري جاءِ جي اوسي پاسي آهي. سندس چوڌاري علائقو ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي. خاص طور تي هن علائقي ۾ تماڪ جي پوکي ڏاڍي عمدي ٿيندي آهي. پاڻي جي ٻوڏ سڪي وڃڻ کان پوءِ هيءُ علائقو سڄو سائو نظر ايندو آهي. انگور، انجير، صوف، توت ۽ ڦاروا هتي جام ٿين ٿا. بيد مشڪ جو وڻ (Odori ferous wrllow) هتي گهڻو ٿيندو آهي. گلاب جي گلن (Balsam) ۽ گل سوسن جي گلزاري نظر اچي ٿي. هتي ڪيترا اهڙا گل موجود آهن، جيڪي هندستان ۾ ڪونه ٿيندا آهن. هتي شرم ٻوٽي نالي هڪ ٻوٽي ٿئي، جنهن کي هٿ لائبو ته ڪومائجي ويندي ۽ پن ڏانديءَ سان لڳي سوڙها ٿي ويندا. اها ٻوٽي ڏسي مون کي ڏاڍو اچرج لڳو. هن زمين ۾ انب پورو پچي ڪونه سگهندو آهي. شايد اسان جيئن اتر وڃون ٿا ته آبهوا انبن لاءِ جڻ خراب ٿيندي وڃي ٿي. هتي نير ڏاڍو سٺو ٿئي ٿو. سارين کان وڌيڪ هتي ڪڻڪ يا ٻيا اناج پوکيا وڃن ٿا. اتر ۽ لاڙ سنڌ ۾ ٻين اناجن کان وڌيڪ ساريون پوکيون وينديون آهن. ماڻهن جي کاڌي خوراڪ لاءِ اناج وڌيڪ پوکيو وڃي ٿو.

---

(1) ٿي سگهي ٿو ته اهي ڪانهن جا ڪانا هجن يا سَر جا ڪوڙا ڪانا هجن.

(2) ممڪن آهي ته ٻاهڻ کي مصنف واهَن سڏيندو هجي.(سنڌيڪا)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بهاول خان جو ملڪ

لاهور جي سڪ حڪمران ۽ ٽالپرن جي سنڌ جي وچ تي، سنڌوءَ جي اوڀر طرف بهاول خان دائودپوٽي جو ملڪ آهي. سندس ملڪ جي اتر ۾ ڪنهن حد تائين ستلج يا گهارو اچي وڃي ٿو، پر اها ندي بهاولپور وٽان گذري جلالپور ڏانهن وڃي ٿي. ملڪ جو ڪجهه ٽڪرو ستلج ۽ چناب ۽ ڪجهه چناب ۽ سنڌوءَ جي وچ تي اچي وڃي ٿو. راجپوتن جو بيڪانير وارو ملڪ سندس ملڪ جي اوڀر طرف ڪان ڦري اچي ٿو. ڏکڻ ۾ جيلسمير اٿس، سنڌ ۽ بهاول خان جي ملڪ جي سرحدن جي وچ تي چار ميل غيرآباد پٽو ڇڏيو ويو ته جيئن دنگ تي ڪو جهيڙو فساد نه ٿئي.

ملڪ جو گهڻو حصو ويران پٽن تي مشتمل آهي. درياهن ڀرسان زمينون ڀليون آهن ۽ ڏاڍا سٺا فصل ٿيندا آهن. انهن فصلن جي پاڻيءَ جو بندوبست سنڌوءَ جي ٻين ڪنارن جيان هتي به ساليانى ٻوڏ تي هوندو آهي. شهر تعداد ۾ تمام ٿورا آهن، پر چناب تي ڳوٺن جو تعداد گهڻو آهي. بهاولپور ستلج جي ڪاٻي ڪناري تي واقع آهي. سندس آدمشماري ويهه هزار آهي. دارالسلطنت جو هي شهر تجارت سان واسطو رکي ٿو. ٿورو ڏکڻ طرف احمدپور جو شهر آهي، جنهن جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي. ان کان اڃا به ڪجهه ڏکڻ طرف تي بهاول خان جي رهائشگاهه آهي. آدمشماري جي لحاظ کان احمدپور ان جي اڌ جيتري ٿيندي ۽ دراول جي ڀرسان آهي، جنهنجو قديم قلعو بنان ڪنهن ڀر واري آباد شهر جي اڃا سلامت آهي. سڄي ملڪ ۾ اهو اڪيلو قلعو آهي. دراول لاءِ سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر آهي ته سڪندر اعظم جي دور سان واسطو رکي ٿو. مٿس شاه حسن ارغون 931 هجريءَ ۾ حملو ڪيو هو. گهيري جي حوالن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ڏاڍو مضبوط ۽ پڪين سرن جو ٺهيل آهي.

بهاولپور جي نواب جو اثر پنهنجي ملڪ تائين محدود آهي. سڪ سندس طاقت کي ڪنا ڪيڙا ڪري ڇڏيو آهي، پر سندس سياسي وجود هڪ عهدنامي سبب بچيو پيو آهي، جنهن تحت رنجيت سنگهه کي ستلج کان پار ٽپڻو ڪونه آهي. ملڪ جي پيداوار ساليانو 10 لک رپين کان مٿي ڪانه ٿيندي. ديري غازي خان جي پيداوار ان کان سواءِ آهي. پر اهو ملڪ حقيقي طور سکن جو آهي، جنهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجاب

مهاراجا رنجيت سنگھ جو ملڪ ، ستلج ڪان وٺي سنڌوءَ ۽ ڪشمير ڪان وٺي ملتان تائين پکڙيل آهي. سنڌوءَ ڪان اوپر طرف واريون پنج نديون ان ملڪ کي پاڻي ڏين ٿيون. هن ملڪ تي مهاراجا جو اقتدار ڏاڍو سگهارو آهي. سنڌس حڪم جبلن ۽ ميدان تي جاري ۽ ساري آهي. هن سک سردار جي ڏينهن ۾ حڪومت جو دستور بدلجي ويو آهي. ويهن سالن جي عرصي اندر هڪ جمهوري حڪومت مطلق العنان بادشاهي ملڪ ۾ بدلجي وئي آهي. هن اڪيلي ماڻهوءَ جي عقل ۽ ڏاهپ هيڏي ساري تبديلي آندي آهي. مذهبي طاقت جيڪا جمهوري ۽ ٻين جذبن کان اعليٰ ۽ اتم هوندي آهي، تنهن به سنڌس ڀرپور مخالفت ڪئي هئي.

عادتن جي تبديلي به عام نظر اچي ٿي. عادتن جي اها تبديلي ڀهريون ته هن مهاراجا ۾ آئي، پر سنڌس اهم سردارن کان وڌيڪ تبديلي عام ماڻهوءَ ۾ نظر اچي ٿي، جيڪي ڪيس ڏي عزت ڏيندا آهن ۽ گهڻو احترام ڪندا آهن.

اسان جو امرتسر ۾ هاٿي ڪو ڪم ڪونه رهيو آهي. هي سکن جو مقدس شهر آهي، هن ئي شهر ۾ ملڪي سياست جا معاملا بحث هيٺ ايندا ۽ طئي ٿيندا هئا. گرو گوبند سنگھ جي چيلن هتان پنهنجي قوم جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو هو. اڄ هتي سياسي بحث مباحثي جو نالو نشان به ڪونه ملندو. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اهو هندن جي مذهبي هٺ ڌريءَ جي پراڻن اصولن کان بلڪل پري ۽ پاڙيسري يوسف زئي مسلمانن جي ضعيف اسلامي عقيدن کان گهڻو ڏور هو. سنڌس بهادري سک مذهب سان هر وک تي گڏ؛ بلڪ سک مذهب ئي سندن بهادريءَ جو بنياد هو. سکن جو سياسي اوج به مذهب جي منجهان (بدلائڻ) ڪري ٿيو. جيڪو هاٿي ته گهڻو بدلجي چڪو آهي. سکن جا اصول خاص قسم جا هوندا آهن ۽ پنهنجن مقصدن ۽ نيتن جي لحاظ کان نرالا آهن.

مهاراجا رنجيت سنگھ اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي خاص حڪمت عمليءَ سان جمائي رکيو آهي. وٽس باقاعده ۽ منظم فوج آهي. ان سان گڏ مناسب توبخانو ۽ گهوڙيسوار دستا به موجود آهن. هن ملڪ ۾ يورپي طرز جو فوجي طريقو رائج ڪونه آهي. هن قسم جي فوجي جدت ۽ جديد خيال رکندڙ ماڻهن کي سک سردار شڪ ۽ شبهي جي نظرن سان ڏسندا آهن. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو اٿس تہ متان سرڪار لاءِ مليل قيمتي شيون کسڪائي ڪائي وڃن. تنهن ڪري هيءُ پنهنجا ذاتي ماڻهو اوڏانهن موڪليندو آهي.

سنڌوءَ جي اولهہ طرف وارن علائقن کي پنجاب ۾ شامل ڪري محصول جي آمدني وڌائي سگهجي ٿي. انهن مان ڪي علائقا تہ رنجيت سنگھ فتح ڪري ورتا آهن. ائين ڪرڻ هن دوراندیشيءَ ۾ امتياز جو ثبوت ڏنو آهي. سنڌوءَ پار، سندس مقابلو يوسف زئي جهڙن جنوني مسلمانن سان ضرور ٿيندو ۽ اهي فتح ٿيڻ ۾ سندس فوج جو وڏو وقت وٺندا. تنهن ڪري راجا پشاور کان ساليانو ڪجھ گهوڙا ۽ چانور وٺڻ تي راضي ٿي ويندو آهي. سنڌوءَ جي ڏکڻ، ديري غازي خان ۽ بهاولپور جا علائقا آهن.

پنجاب ۾ فوجي رسد جا ذريعا تمام گهٽا آهن. اناج پنهنجي رعايا جي کپت کان گهٽو پيدا ٿئي ٿو. آدمشماري گهٽ هجڻ ڪري زرعي پيداوار جي وسيلن کي ڀرپور نموني استعمال ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. اٺ، خچر، گهوڙا ۽ ٻيو چوپايو مال جام آهي. قد ۾ ڪئي لاٿيرا آهن، پر ڏاڍا ڪمائتا آهن. ملڪ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين قيمتي جي آمدرفت ڪنهن سٺي رستي جي موجودگيءَ جي وڏي ثابتي آهي، پر جابلو علائقن ۾ اهڙي قسم جا رستا موجود ڪونہ آهن. سنڌو ۽ ٻيا درياهہ جهازراني جي لائق آهن، پر انهن کي هن مقصد لاءِ استعمال ڪونہ ٿو ڪيو وڃي. پٽن وارين ٻيڙيون گهٽيون موجود آهن، ۽ ٻيڙين بنائڻ لاءِ خام مال بہ موجود آهي. هتي سيٽاهہ سان درياهہ اڪرڻ جو رواج آهي، پر اهو ميدانن کان جابلو علائقن ۾ وڌيڪ مقبول آهي.

ملڪ ۾ سکن جي ٿورائي آهي. تعجب جي ڳالھ اها آهي تہ پوءِ بہ حڪومت سندن قائم آهي، هن قوم جي ماتر ڀومي دوآبو آهي، يعني راويءَ ۽ ستلج جي وچ وارو علائقو. لاهور کان 30 ميل هيٺ سک واجبي ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جهلم (Hydaspis) کان اولهہ طرف سکن جو نانءُ نشان بہ ڪونہ ملندو. لاهور کان اوپر طرف سندن گهٽائي آهي. سک پنجاب جي سڄيءَ آدمشماري جي ٽئين حصي جيترا بہ ڪونہ ٿيندا. پنجاب ۾ ماڻهو تمام ٿوري انگ ۾ آهن. ان پيٽ ۾ زرخيز ۽ آباد زمين وڌيڪ آهي ۽ موجوده حڪمران جي دور ۾ پنجاب جي آدمشماري تمام گهٽي وڌي آهي. (1)

*(1) A more full account of the Punjab has been given in Vol:II, Which was drawn up after my last visit to that Country.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب چوڏهون

# چناب (Acesines) ۽ راوي (Hydroates) جو سنگم

چناب پنجاب جي ٻگهي ۾ ٻگهي ندي آهي. سندس ويڪر کي وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. ٿالمي، سندس متئين پاسي واري موڪر 15 فرلانگ ٿو ٻڌائي. آرين چوي ٿو تہ پنجن درياهن جو پاڻي چناب جي وهڪري جي صورت ۾ سنڌوءَ سان سنگم ڪري ٿو تہ سندس ويڪر 130 اسٽاديا ڪان وڌيڪ ۽ نيل درياه ڪان گهٽي وڏي آهي. سڪندر پنهنجي جنگي مهم چوماسي جي رُت ۾ شروع ڪئي هئي. اِن وقت ندين ۾ انتها درجي جو چاڙهہ ۽ ٻن مهينن لاءِ هر طرف پاڻيءَ جي اٿل هوندي آهي. اسان هيٺئين پاسيّ جي وڌيل ويڪر جو اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري چڪا آهيون ۽ ٻڌايو اٿم تہ اتي چناب جي ويڪر 600 گز ۽ اونهائي 20 فوٽ آهي. ستلج جي سنگم ڪان مٿان هن درياه جي ويڪر ۾ ڪا گهٽتائي ڏسڻ ۾ اچڻ جهڙي ڪانهي ڪا. چاڪاڻ تہ درياه جي ويڪر ۾ واڌارو ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي، پر اونهائي وڌي وڃي ٿي. راويءَ جي ڏکڻ ۾ چناب جي اونهائي فقط 12 فوٽ آهي. سندس ڪنارا ننڍا آهن. ڪن جاين تي سنڌيس ويڪر 1200 گز آهي ۽ سنڌوءَ جهڙي موڪري پئي نظر ايندي آهي. ملتان جَي پتڻ وٽ بہ هڪ هزار گز موڪري هئي. اها جاءِ راوي جي سنگم ڪان 3/4 ميل هيٺ هئي. هي ڳالهيون عام وهڪري سان لاڳاپيل ڪونہ آهن.

راويءَ ۽ چناب جو سنگم فاضل پور ڪان هيٺ 30 ٻگريون ۽ 40 منٽ ويڪرائي ڦاڪ تي ۽ اچ ڪان 180 ميل پري ملتان ڪان 53 ميل مٿيَ درياه جي وڪڙ ۾ ٿئي ٿو. اهو وهڪرو ملتان جو پاسو ڏيو ڏکڻ- اولہ طرف موڙ کائي سنڌوءَ ڏانهن وڃي ٿو.(1) سندس پاڻيءَ جي ڳاڙهي رنگ جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. راويءَ جو پاڻي اڇا بہ گهري رنگ جو آهي. رفتار ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ ڪان وڌيڪ تکو آهي. پر پنجاب جي بہ سيني ندين ڪان تيز آهي. سندس ٻئي ڪنارا کليل آهن ۽ منجهانئس وڏا واه کوٽي زمين آباد ڪئي وڃي ٿي. ملتانَ ڪان مٿان ساجي ڪناري واري طرف ٻهون آهن، جن تي کيتي ڪانہ ٿي سگهندي آهي

---

*(1) We perform the Voyage from one junction to the Thar in six days, against the stream.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اُهي درياهه ڪان ٻه ميل پري زرعي زمينن ڏانهن وڃنديون رهن ٿيون. اهو ويساهه ڪرڻ غلط ٿيندو تہ جاٽايل ويران علائقو اُچ جيترو هيٺانهون آهي ۽ هيءُ خطو سنڌوءَ ۽ چناب جي وچ واري دوآبي ۾ شامل آهي. هن خطي ۾ ڪيترا وسندڙ ڳوٺ آهن ۽ هڪ درياهه جي ڪناري کان وٺي ٻئي تائين ڏاڍو سرسبز ۽ آباد آهي. ٻنهي درياهن جي وچ تي 25 ميلن جو مفاصلو آهي. اهو خطو ڪڏهن بہ ويران ڪونہ رهندو. پر جيڪڏهن ان بنجر علائقي ۾ ڪجھ واڌارو آيو ۽ ملتان جي هيٺئين طرف وڃندو ويو تہ پوءِ اهڙو امڪان ٿي سگهي ٿو.

ملتان وٽ چناب ۾ زروڪ طرز جون ٻيڙيون هلن ٿيون. پر اهي ٻيڙيون دائوديوٽن واري ملڪ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻيڙين ڪان ڪجھ مختلف آهن. هن ٻيڙيءَ جو لڪ پاڻيءَ ۾ رڳو هڪ فوٽ مٿي هوندو آهي. گهٽيون ننڍيون بہ هونديون آهن. ڪوهي تي ڪيڙي بدران تڏن جا سڙهه ٻڌندا آهن ۽ ڪوها بہ ننڍا ٿين، جيئن تہ درياهي آمدرفت ڪانہ آهي، تنهن ڪري ضرورت وقت جهلم مان لوڻ ڪٽي ايندڙ ٻيڙيون استعمال ڪري سگهبيون آهن. اسان جي ٻيڙين وارو قافلو ڏهن ٻيڙين تي مشتمل هو. درياهه جي هن ڀاڱي ۾ وڏيڪ ٻيڙيون حاصل ڪري ڪونہ ٿيون سگهجن. هي ٻيڙيون ديال (Cedar) مان جوڙيون وينديون آهن. هيءُ وڻ ان جاءِ تي ٿئي ٿو، جتان پنجاب جون نديون جبلن تان پاڻي ڪٽي هيٺ اينديون آهن. ديال جا وڻ ويڙي درياهن ۾ اڇلايا ويندا آهن ۽ مالڪن کان سواءِ ڪين پاڻيءَ مان هيو ڪير بہ ڪيڻي ڪونہ سگهندو آهي. اهو ڪاٺ هر مقصد لاءِ ڪم اچي ٿو. ٻيڙيون تہ خير هن ڪاٺ مان جوڙيون وڃن ٿيون، پر مرمتن ۾ ٿالهيءَ (يا سنجهيءَ) جي ڪاٺي استعمال ٿئي ٿي، جيڪا هر ڳوٺ ۾ چانو لاءِ پوکي ويندي آهي. هن ملڪ ۾ وڻ بلڪل گهٽ آهن. فوجي ماڻهو اهي وڻ ڪٽي درياهه ۾ اڇلي ڇڏيندا آهن ۽ جتي ضرورت هوندي آهي، اتان ٻاهر ڪيندا آهن، ڪين روڪڻ وارو ڪير هوندوئي ڪونہ آهي.

هتان جا رهاڪو بنا ٻيڙين جي درياهه ٽپي ويندا آهن. ترڻ ۾ سيٺاهه يا ترهو استعمال ڪن. هن قسم جي غيرمحفوظ طريقي سان خاندانن جا خاندان تار مان پار اڪري ويندا آهن. مان هڪ ماڻهو کي سنڌس زال ۽ ٽن ٻارن سان درياهه پار ڪندي ڏٺو. سنڌس زال ۽ ٻارڙا هڪ ترهي تي ويٺل هئا ۽ پاڻ سيٺاهه جي مدد سان ترندي ترهي کي ڌڪي رهيو هو. عورت کي هڪ ننڍڙو ٻار هو جيڪو سنڌس ڇاتيءَ سان چنبڙيل هو. سيٺاهه تي ترڻ وقت سامان سڙو، لٽا ڪپڙا لاهي مٿي سان ٻڌي(1) درياهه ۾ گهڙبو آهي. ڪين پڪ بہ هوندي آهي تہ پاڻيءَ ۾ واڳون بہ آهن، پوءِ ڪٿي ٿورا هوندا، پر ٻنهن هوندي بہ اهڙي قسم جا خوف ۽ خطرا ماڻهن کي وري وري ترڻ کان روڪي ڪونہ سگهندا آهن.

---

(1) ترڻ مهل مٿي سان ٻڌل ڪپڙن کي مولهيو چيو ويندو آهي. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سنڌس پاڻي اٿل ۽ ٻوڙ گهٽ ڪندو آهي. اها ڏيان ۾ رکڻ جوڳي ڳالھ آهي تہ زراعت جي مقصد واسطي لاهور کان هيٺان هن درياھ مان ڪي واھ ڪوٺيل ڪونہ آهن. سنڌس وهڪري جي تڪ ٽي ميل في ڪلاڪ آهي. چناب جي پاڻي جيان، سنڌس پاڻي بہ ڳاڙهو آهي. پر جڏهن جبلن ۾ پوندو آهي ۽ نديون وهي اچي منجهس پونديون آهن تہ پاڻيءَ جو رنگ بدلجي ويندو آهي، هن درياھ کي بعضي 'اروتي' جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ اسان يونانين جي نالي Hy-droates جي اصليت کي محسوس ڪريون ٿا.

راويءَ جا ڪنارا کليل آهن ۽ ماڻهن جي آبادي بہ سنڌس چوڙ کان مٿي ڏسڻ ۾ ايندي آهي ۽ دارالسلطنت جي اڌ پنڌ تائين آباديون ڪچيون ڏسبيون. جوڻ ۽ ڪاتيا جا سانگيٰ قبيلا مال جي ڪڍ وانديون وستيون بدلائيندا وتندا آهن، جن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. فتحپور جي علائقي ۾ سندن آبادي ڦهليل آهي ۽ اتي فصل ڪاهيا وڃن ٿا. ان هنڌ کان هيٺ زمينون غيرآباد پيون آهن. ستلج ۽ راويءَ جي وچ وارو علائقو بہ جهلم جي اترئين علائقي جيان غيرآباد آهي. راويءَ جي ٻنهي ڪنڌين سان شورو تمام گهڻو ٿيندو آهي.

راويءَ جي ڪناري تي لاهور جو هڪ ئي اهم شهر آباد آهي، پر هيءَ درياھ گهڻي وقت کان وٺي هن شهر کان گهڻو دور وهندو آهي ۽ هي پراڻو دارالسلطنت راويءَ جي هڪ واهڙ تي آباد آهي. فوجي ۽ تجارتي لحاظ کا لاهور جي حيثيت اطمينان جوڳي آهي. ڪشمير، ملتان ۽ پشاور کان هڪ جيتري مفاصلي تي واقع آهي، پر مان تہ دهليءَ کي بہ انهن شهرن ۾ شمار ڪريان ٿو. سنڌس چوڌاري سرسبز ۽ آباد علائقو آهي ۽ اسي هزار ماڻهن جي لاءِ ڪاڌو خوراڪ مهيا ڪري ٿو. پر ماڻهو چون ٿا تہ آبادي جي انگ وڌڻ سان کاڌ خوراڪ جي شرح ۾ ايڏو واڌارو ڪونہ آيو آهي. شهر جي آدمشماري اسي هزار آهي. سنڌس چوڌاري پڪين سرن جي عالم پناھ ۽ ڪاهي ڪوٺيل آهي، جنهن کي راوي درياھ جي پاڻيءَ سان پريو ويندو آهي. عالم پناھ کي چوڌاري 12 ڦاٽڪ ۽ ايترا اڌ گول چبوترا جوڙيل آهن. منجهس آباد ماڻهن جي ججهي انگ کي ڏسي سمجهي سگهجي ٿو تہ شهر گهيري جو گهڻو وقت مقابلو ڪري ڪونہ سگهندو. باقي غيرمنظم فوجي حملي خلاف پنهنجو بچاءُ ضرور ڪري سگهندو. امرتسر، لاهور کان وڏو ۽ وڌيڪ سگهارو شهر آهي. هن.جي چوڌاري وڏيءَ ويڪر سان هڪ مضبوط ڪچو قلعو موجود آهي، شهر سٺن ميلن ۾ پکڙيل آهي ۽ 'گوبند گهر' جو ڪيس وڏو بچاءُ آهي. سنڌس آدمشماري هڪ لک آهي. راويءَ جي چوڙ وٽ تلمبا جو ننڍو شهر آهي. آدمشماري 1500 اٿس. چؤطرف ڪمزور قسم جو گول پڪو قلعو آهي. راويءَ کان ٻہ ميل پري ڏکڻ ۾، ڪجين جي وڻن جي جهڳٽي ۾ هيءَ شهر ڪن ايامن کان آباد آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌوءَ جي اوڀاڀين شاخ ۽ ڪڇ متعلق يادگيرن تان ورتل احوال ۽ ڪڇ ۾ 1819ع ۾ آيل زلزلي ڪري تبديلين ۽ رڻ متعلق به چار ڳالهيون

*[مان ڪجھ وقت اڳ لکيل پنهنجي مقالي کي هن بهترين موقعي تي پيش ڪري رهيو آهيان. مان اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو ڀانئيان تہ هن مقالي ۾ ڪجھ حقيقتون اهڙيون درج ڪيل آهن، جن متعلق عوام کي اڳ ئي خبر آهي ۽ انهن متعلق پروفيسر لائل (Lyell) بہ ڪجھ لکيو آهي. (1)*

ڪڇ جي رڻ تي ڪو ٻيو مواد بہ ڇپيو آهي يا نہ، سا مون کي خبر ڪانہ آهي، هيءَ دنيا جي گولي تي پنهنجي نوعيت جو هڪ عجيب خطو آهي.

اسان جي هندستاني علائقي جي اولهہ- اتر واري ڇيڙي ۾ خط استوا جي پرسان ڪڇ جو ويران خطو آهي، پر انگريزن جي جنگي پيش قدمي واسطي وڏي اهميت رکي ٿو. انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ هڪ تاريخ جي شاگرد جو هن سبب ڪري بہ ڌيان ڇڪائي ٿو تہ سندس اولهہ واري ساموندي ڪناري سان مهان ۽ قديم سنڌوءَ (Classic Indus) جو پاڻي اچي ڇوڙ ڪندو آهي. ڪڇ جي ملڪ جو پنهنجو خاص هنڌ ۽ ماڳ آهي. سندس اولهہ پاسي کان پورالو ۽ جنوني سنڌو آهي. اتر ۽ اوڀر کان رڻ آهي، جيڪو ڪٿي واريا سو بيابان آهي تہ ڪٿي وري پاڻيءَ جون ڍنڍون آهن. ڏکڻ ڏس کان ڪڇ جي ڪاري ۽ هندي سمنڊ آهي، جيڪو سال بسال ڪنارا ڇڏيندو وڃي ٿو.

هن ملڪ جي طبعي جاگرافي ڏاڍي دلچسپ آهي. سندس سرحدون سدائين ڦرنديون گهرنديون رهن ٿيون. اهو تہ ٺهيو پر اهو ڌرتيءَ جي ڏوڏن جي بہ منهن ۾ رهيو آهي. ڌرتيءَ جي پوئين ڏوڏي هڪ نہ ڏسڻ جهڙي پيمانڪ تبديلي اها آندي، جنهن جو سنڌوءَ جي اوڀارئين شاخ تي وڏو اثر پيو. هن مقالي جو خاص مقصد اهو آهي تہ ان تبديليءَ جي خاص اثرن جو چڱيءَ ريت کولي بيان ڪجي. موجوده

---

(1) See "Prinicipl̇es of Geology" by Charles Lyell rsp., II 1832. F.R.S. London Vol II 1832.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختيار ڪري ويو ۽ جڏهن بہ سمنڊ جي وير چڙهندي آهي تہ کاري پاڻيءَ سان تار ٿي ويندي آهي.

ڪڇ جي راڻن ڪي سنڌ ۾ بدين، بالياري ۽ رحمڪي بازار ۾ ٿي فوجي چانوٽيون هيون. پر اهي پوءِ بہ پنهنجي ۽ پنهنجي رعايا جي توهين خاموشيءَ سان سهندا آيا. جن نعمتن سان قدرت سندن ملڪ کي نوازيو ۽ وري کانئن کسجي ويون هيون، تن نعمتن کي پنهنجي ملڪ جي لاءِ موٽائڻ واسطي هٿ پير بہ ڪونہ هنيائون. انهن گهرن گهاون کي چٽائڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي. اهو هڪ قدرتي قانون بہ هوندو آهي تہ مختلف قومون امن امان جي دور ۾ هڪ ٻئي سان سٺو ورتاءُ ڪنديون آهن. جنگ جي وقت وري پنهنجي مفاد خاطر ننڍي ۾ ننڍي نقصان ڪرڻ کان بہ ڪونہ ڪيٻائينديون آهن.

انساني ڪئورتا جي هن عمل سان گڏ 1819ع ۾ ڌرتيءَ جي هڪ وڏي ڌوڏي جو بہ اضافو ٿيو، جنهن ۾ سوين ڪچي مري ويا. قلعن جي چوٽيءَ کان وٺي پيڙهہ تائين سرِ سر کان الڳ ٿي ويون. ڪُوهن ۽ واهڙن جا پاڻي جيڪي مٺا هئا، سڀ کري کارا ٿي ويا، پر اهي سڀ چيها، سنڌوءَ جي اوڀارين شاخ جي سڪي وڃڻ جي پيٽ ۾ تچ سمان هئا. سچ لٿي ويل سنڌڙيءَ جي ماڳن وٽ ڌرتيءَ جا ڌوڏا ۽ لوڏا محسوس ڪيا ويا.

هيءَ دنگئي شهر، سنڌوءَ جي اوڀارين شاخ جي ڪناري تي ان جاءِ تي واقع هو، جتي ڪڇ حڪومت جي پيڍي Custom office قائم هئي ۽ ڪڇ— سنڌ وارو عام رستو بہ اتان لنگهندو هو. سنڌڙيءَ ۾ 150 فوٽ همچورس، تجارتي مال رکڻ لاءِ پڪين سرن جو قلعو ٺهيل هو. ڌرتيءَ ڌڏڻ ڪري هيءُ قلعو ٻڌهي پٽ پئجي ويو. مٿانئس سامونڊي ويرون وري ويون. تمام ٿوري وقت اندر سمنڊ جو پاڻي چوڌس چڙهي آيو. سنڌڙيءَ جي چوڌاري 16 ميل وارياسو رڻ پٽ اڪ چنبي ۾ سامونڊي ڍنڍ بڻجي ويو. گهرگهاٽ بہ سامونڊي پاڻيءَ هيٺ اچي ويا هئا. اٺ سال پوءِ، انهن گهرن واري پاڻيءَ ۾ مون ٻاڙ مڇي ڏٺي هئي. خشڪ ماڳ فقط اهي وڃي بچيا هئا، جتي قلعي جون سرون ڪري هڪ جاءِ تي ڍير ٿي ويون هيون. چئن مان فقط هڪ منارو وڃي بچيو هو، جنهن تي چڙهي پيڍيءَ جي عملدارن پنهنجون جانيون بچايون هيون. ٻئي ڏينهن تي ڪين ٻيڙين تي چاڙهي ڪنهن محفوظ ماڳ ڏانهن نيو ويو هو. (1)

---

*(1) Since my return to England, I have been so fortunate to Procure a view of Sindree, as it existed in the year 1808 from a sketeh by Captain Grendlay who visited it by that time. It has been engraved for this work and faces chapter XVI. Captain Grendlay's observations on Sindree follow in note.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ متعلق مختصر ياداشت

مان هيٺ ڪئپٽن آر- ايم گرينڊلي جي لکيل مختصر ياداشت شامل ڪري رهيو آهيان. هو سن 1808ع ۾ ڪڇ جي لکپت کان سنڌڙي رستي هڪ سفارت سان گڏ سفر ڪري سنڌ جي ميرن ڏانهن حيدرآباد آيو هو.

اها مختصر ياداشت مهرباني ڪري مون کي ڏني وئي آهي. هن اختصار ۾ ڏنو ويندو ته سنڌڙيءَ جي پسگردائي، جنهن کي مون پنهنجي بيان ۾ پاڻيءَ جي هيٺ هڏايو آهي، سا سڪل ڏيکاري وئي آهي. ان وقت اتي موجود پاڻي سڪي چڪو هوندو. اهو به ڏنو ويندو ته ان عرصي تائين سنڌڙيءَ جو قلعو صحيح سلامت هو ۽ ڪڇ جي حڪومت جي چوڪي طور استعمال ٿيندو هو.

"اسان لکپت جي بندر کان ٻيڙين ۾ چڙهي ڪاريءَ رستي ٻيڙين کي هاڪاريو. اها ڪاري 3/4 ميل ويڪري، جهن کان اڌ ميل ٻگهي آهي ۽ اتر- اوڀر طرف کان اچي ٿي. ان کان پوءِ اها سوڙهي ٿيڻ شروع ٿئي ٿي. ٻنهي ڪنارن سان پاڻي جا تلاءَ آهن، ۽ ڪين گاهه جا ٻوٽا ڏڪيو بيٺا آهن. شام جو اسان ڪناريءَ تي پهچي لنگر هنيا. ٻئي ڏينهن ٻارهين وڳي اسان سنڌڙيءَ وٽان لنگهياسين. هيءُ ماڳ لکپت کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي ۽ لکپت جي ئي حدن اندر واقع آهي. منجهس فوج جا ڪي ٿورا سپاهي رهن ٿا. هيءُ هڪ ننڍڙو قلعو آهي. ٻاهران ٿورڙيون ٻنگيون جوڙيل اٿس. پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ ڀرسان ئي کوهه موجود آهي. هن هنڌ تي ڪاي سوا ميل کن موڪري آهي. پار اڪرڻ لاءِ پتڻ تي ٻيڙيون موجود هونديون آهن. هتي سنڌ ڏانهن ويندڙ پاڻي انگ ۾ ججها ڪونه هوندا آهن ۽ هن ٻپ تي ڪنهن رستي جو نالو نشان به ڪونه ملندو آهي. رڻ وارو سارو علائقو هن تاڙي جهڙو ڀاپاڇو آهي. ڏينهن جو ڏاڍي گرمي هوندي آهي، جو

---

Conti: from last Page samblance and production of the nėghbauring country and lạrge stones are found on the shore several miles from the present Run of a disorption similiar to those used as anchors; They have hoḷes bored through for the cables. On the shore at different places, are shown small ancient buildings called Dan Derees, or honses where dan or customs were collected; and in short, it is a tradition in the country, that Khor, a village two miles east of Teekir was a sea port town. About fifty years since, the work of a vessel, of a size for beyond that of any of the craft now in use in the Gulf of Cutch was discovered wawania, sunk in the mud about fifteen feet deep"
Captain M. Murdo's MS. Memoir on Katty,war, August 1815.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو

## اليگزينڊر برنس جي هڪ ٻئي ڪتاب ۾ سنڌ جي متعلق ڏنل معلومات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب پهريون

**سفارت جو مقصد- بمبئيءَ کان روانگي- هدايتون- گپ ۾ گتل جهاز- سنڌو- ڏاريل لُڏڙو- وکر جو شهر- پيڻ پکي- پلُهڻ- نئون رواج- پيِو پٽو- جوکين جو سردار- وسوسا- رمضان شريف- هندن جي حالت- ڪلان ڪوٽ جا کنڊر- ساموئي نگر- ڪينجهر- سنڌ جي اميرن وٽ- ڳالهه ٻولهه- حيدرآباد- پراڻا جاڙو.**

سال 1836ع ۾ نومبر جي پڇاڙيءَ ڌاران، هندستان جي گورنر جنرل، ارل آف آڪلينڊ، مون کي ڪابل ڏانهن سفارت وٺي وڃڻ جي هدايت ڪئي. ليفٽيننٽ (هاٿي ميمبر) رابرٽ ليچ (Robert Leach) جنهن جو واسطو بمبئي انجنيئرس سان هو، انڊين نيويءَ جو ليفٽيننٽ جان وڊ (Jhon Wood) ۽ پرسيول- بي لارڊ اسڪائر ايم- بي (Percival B Lord, Esqr; M.B) به ان سفارت جي قافلي ۾ شامل ڪيا ويا. هن مان حڪومت جو مقصد اهو هو ته سنڌوءَ وسيلي تجارت شروع ڪرڻ لاءِ ڪا واضح حڪمت عملي جوڙي وڃي ۽ سڀني نتيجن حاصل ڪرڻ واسطي سنڌوءَ جي ڪناري پرسان ۽ اوري پري وارن ملڪن سان دوستاڻا ناتا پيدا ڪيا وڃن. اسان 26 نومبر تي خيرن سان بمبئي مان سڙھ سنڀاليا. 6 ڊسمبر اسان کي مانڊوِ جو شاهي محلات نظر آئو. ساڳئي مهيني جي 13 تاريخ تي اسان سنڌ ملڪ جي ڪناري سان لنگر هنيا. ڊاڪٽر لارڊ، مارچ مهيني تائين اسان جي هن ساٿ سان ڪو نه مليو هو.

سنڌوءَ ۾ داخل ٿيڻ سان، مان ليفٽيننٽ ليچ ۽ وڊ کي ضروري هدايتون ڏنيون. ليفٽيننٽ کي چيم ته توهان هن ملڪ ۾ فوجي اهميت رکندڙ ماڳ ۽ ٿاڪ چڱيءَ ريت اک مان ڪيندا هلو ۽ ان موضوع سان لاڳاپيل معلومات قلمبند ڪندا رهو. ليفٽيننٽ وڊ کي سنڌوءَ جي وهڪري جي جاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ چيم. ٻنهي کي اهو تاڪيد ڪيو هيم ته جن ڪمن لاءِ کين مقرر ڪيو ويو آهي، انهن متعلق وڌ کان وڌ ڄاڻ حاصل ڪن. جڏهن ڊاڪٽر اسان جي قافلي ۾ شامل ٿيو ته کيس جيالاجي ۽ جهنگلي جيوت سان لاڳاپيل موضوع حوالي ڪيو ويو.¹ هن سفارت متعلق ڇپيل معلومات مان اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته مرهيات ڊاڪٽر لارڊ هڪ سچيت ۽ سڄاڻ ڪامورو (آفيسر) هو. هن جيڪا معلومات قلمبند ڪئي، سا ڪا خاص اهم ڪانه هئي پر ٿوري وقت لاءِ ڪارائتي ضرور هئي. مان اهو ضروري ٿو سمجهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي چيڙي تائين سندس پرن جي ماپ اٺ يا نوَ فوٽ هئي. اٺ پکيءَ کان پوءِ هيءُ ٻئي وڏو پکي آهي ۽ هن جهڙو پکئ مان ڪٽي ڪو نہ ڏٺو. ايراني نار ۾ ڳاڙهي سمنڊ جو پيڻ پکي رنگ جو اڇو ٿيندو آهي. پر سنڌ جو هيءُ پکي ڪجھ ڀورو ٿيندو آهي. هيءُ پکي ڏکيائيءَ سان ڪائي سگهندو آهي. مڇي ڏٻس تہ سڄي ساري ڳهي ڇڏيندو.

ڪنارن سان گهمندي اسان ڳوٺن ۾ لنگهي وياسون، جن کي هتان جا ماڻهو 'راڄ' سڏيندا آهن. ڳوٺن جا رهواسي، اسان جي ويجهو اچڻ تي پنهنجا ڏنڊا ڏاڙي ڇڏي اسان سان ملڻ تي آيا. سندن منهن تي خوشيءَ جي مرڪ تري رهي هئي. اسان سان ڪن جڏهن اڏامندي ڪانوَ کي ماريو تي (جيڪو ڏکيو ڪم ڪبو نہ هو) تہ اسان کي چيائون تي "اوهان حاڪم يا بادشاهہ آهيو." جتن جي مٿن تي وڏا گول پٽڪا ٻڌل هئا. طبيعت ۾ ڏيرج وارا، تڏا ۽ سٻاجهڙا هئا. دل تي چيو تہ جيڪر برش کڻي سندن تصوير ٺاهجي. پنهنجي پورهئي ۾ اورچ، ڪانن جي ڪم ۽ ڪارن جوڙڻ ۾ پڙ. لاءِ جي چهن مان ڪارا ٺاهين. انهن چهن مان ڪڙون ۽ پترون جوڙي پنهنجين ٻيڙين ۾ اهڙي جوڙَ ڪن، جو سندن ٻيڙيون پاڻيءَ کان بچيل ۽ آرام واريون بڻجي پونديون آهن. اسان هڪ ڳوٺ مان پنهنجي ٻيڙائتن واسطي ٻہ ڏڙيون مڇي خريد ڪئي، جيڪي انگ ۾ اسي هيون. اهي سڀ فقط هڪ رپئي ۾ مليون. مڇيءَ جي ونڊ ورهاست بہ ڏاڍي ڏکي پئي لڳي. مڇيءَ جون ٻہ ڍيريون ڪيون ويون، هڪ ٺياڪڙ مختلف ماپن جا ٻہ پتر کڻي ڪٽا وڌا. اهڙيءَ ريت هر ڏُر کي پنهنجي ڀاڱي جي ڍيري ملي. هر هڪ ڍيريءَ جا ٽي ڀاڱا ڪيا ويا. وري بہ ٺياڪڙ ڪُٽا وجهي مڇيءَ جي ورهاست ڪئي. اهڙي نموني سان نيٺ مڇي وڃي ديڳڙي داخل ٿي. مهاڻن مڇيءَ جا ڇلر ڪهاڙيءَ سان ٿي لاٿا جيڪا ڏاڍي تکي هئي. ڇلر بہ ڏاڍيءَ مهارت سان لاٿائون، ان مڇيءَ کي ڏنيرو تي سڏيائون.

اسان سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري ۾ داخل ٿياسون، جيڪو ٻلھڻ جي قلابازين ڪري چڻ سڄاڀرو لڳو بيٺو هو. هيءُ سنڌوءَ جو مشهور جانور آهي، جنهن کي مان فقط هڪ ڀيرو جيئرو پڪڙي سگهيو آهيان. شهنشاهہ بابر هن جانور کي 'پاڻيءَ جو سوئر' سڏيو آهي ۽ سدائين پاڻي سان کيڏندو رهندو آهي ۽ فيل ماهي (Cetacea) قسم جي جانورن جي گهراڻي بسان لاڳاپو رکي ٿو. ان وقت سنڌوءَ جو گرميءَ جو درجو (ڪوسائي پد) 58 ڊگريون ۽ سندس هڪ ننڍڙيءَ شاخ جو گرميءَ جو درجو 62 ڊگريون هو.

سنڌي مهاڻا جنهن ڏيرج ۽ اعتماد سان هن مهان ۽ سگهاري سنڌوءَ مان پنهنجون ٻيڙيون هاڪاريندا آهن، سو سيلانين ۽ مسافرن کي ڏاڍو ڀلو لڳندو آهي. سنڌوءَ جي ڪنهن بہ ڀاڱي ۾ جتي ٻيڙيءَ ڇڪڻ جي ضرورت پوندي آهي تہ ٻيڙيءَ جو مالڪ يا ميربحر پنهنجي همراهن کي "شاباس بهادرو! پهلوانو" چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪئين ڏنو ۽ ان ڪان پوءِ پڇا ڳاڇا بہ ڪيم، جنهن مان مون کي پرو پيو تہ هن شهر جي ڪل آدمشماري اٺ يا ڏهہ هزار کن آهي ۽ شهر ڏينهون ڏينهن ناس ٿيندو پيو وڃي.

گوبند جو پاءُ آسومل هڪ هندو، جيڪو پنهنجن پائي بندن ۾ ڏاڍو ذهين آهي، سو هن شهر (ٺٽي) جو برک واپاري آهي، هو اسان وٽ لنگهي آيو. ڏاڍو سلجهيل ۽ مانائتو ماڻهو ٿي ڏٺو، ڪيس پنهنجي ماتر ڀومي جي هن وڏي ۽ وسندڙ شهر جي ويرانيءَ تي ڏاڍو ڏک هو. اشارن ۽ ڪناين ۾ ڳالهائيندي، هن چيو تہ ”واپاري ۽ هاري ناري سنڌ جي اصلي مٽي آهن ۽ اها مٽي تيستائين زرخيز نہ ٿي سگهندي، جيستائين ان کي واپار جي پاڻيءَ سان آباد نہ ڪيو ويندو.“

هتان جي هندن جي حالت سندن ئي بيانن مان پڌري پٽ ظاهر ٿيندي آهي. اسان ٺٽي ۾ ئي موجود هئاسون جو هندن جو هڪ چريو پرلوڪ پڌاري ويو. مسلمانن دعويٰ ڪئي تہ هن جو لاش دفن ڪرڻ لاءِ سندن حوالي ڪيو وڃي. تنهن تي هندن ٻوڙي اچي ٺٽي جي گورنر جو در جهليو. ڪن مسلمانن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو تہ مرهيات جڏهن جيئرو هو تہ ڳارين ڏيڻ ۽ پٽ پاراتا ڪيڻ سان گڏ هن ڪيترا ڀيرا پاڪ نالا بہ اچاريا هئا ۽ قرآن جي آيتن سان دليل ڏنائون تہ هو مسلمان هو. گورنر ان چريئي هندوءَ جو لاش مسلمانن کي ڏياريو، جن کڻي وڃي ان کي مسلمانن جي قبرستان مڪليءَ ۾ دفن ڪيو. اسان جي پهچڻ کان مهينو اڳ ۾ هڪ هندو عورت پنهنجن ٻن ٻارڙن سان مسلمان ٿي وئي هئي. اڙهن مهينا کن اڳ پرسان ڪنهن ڳوٺ جي هڪ هندوءَ کي ان ڏوهہ ۾ زوريءَ مسلمان ڪيو ويو هو جو سندس پاءُ ڪو ڏوهہ ڪري لڪي ويو هو. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ هندو گهٽو ڪري پنهنجي رضا خوشيءَ سان اسلام قبول نہ ڪندا آهن. مان اهو هندن جي تصديق جي آڌار تي چئي سگهان ٿو. هندو، مسلمانن جي پاڪ نالن وٺڻ کان ڏاڍو ڪيٻائيندا آهن. ٺٽي الهيار جا واپاري، هن شهر کي رڳو ٺٽو چوندا آهن ۽ ’الهيار‘ چوڻ کان لهرائيندا آهن. هتي هندو عيد جي خوشين ۾ شريڪ ڪو نہ ٿيندا آهن. هندستان ۾ وري اها حالت آهي جو مسلمانن کان وڌيڪ هندو عيدن جون خوشيون ڪندا آهن. هن پنجن ڇهن سالن جي عرصي دوران زبردستيءَ مسلمان ڪرڻ جو وڏو واقعو ٿي گذريو آهي. ڪراچيءَ جي هڪ مشهور واپاريءَ هوتچند کي سندس مرضيءَ خلاف زوريءَ مسلمان ڪيو ويو. هن واقعي کان پوءِ هو ڪچ ڏانهن ڀڄي ويو ۽ پنهنجي گهراڻي سميت لڪيت ۾ رهڻ لڳو آهي. سندس اولاد هن سان گڏجي ماني ڪو نہ کائيندو آهي، وٽس ملڪيت ۽ ڌن تہ گهڻو آهي، پر سندس هندو جاتيءَ وارا ڪيس اڳين حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نہ آهن.

ٺٽي جي قدامت اسان کي هميشہ پاڻ ڏانهن ڇڪيندي رهي آهي. اسان بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت ۽ انگريزن جي وچ ۾ دوستاڻن ناتن کي مضبوط ڪرڻ ۾ سندس پيءُ جو وڏو هٿ هو. مان ڪيس هاڪار ۾ ورائيو ۽ چيومانس ته "اها ڳالھ واقعي سچي آهي، پر اوهان به دوستيءَ جي وڻ کي وڏي اخلاص سان پاڻي ڏئي رهيا آهيو، "هاڻي اهو هڪ سگهارو وڻ بڻجي ويو آهي." امير جواب ۾ چيو، هائو سائين بروبر." "ان وڻ جا ميوا ڏسجي رهيا آهن." مان ڪيس ورائي ڏني. مان ساڻس گفتگو مشرقي آدابن مطابق ڪري رهيو هوس، جنهن جو مون کي پهرئين پيري واريءَ ملاقات جو تجربو هو. ان کان پوءِ اسان عام موضوعن تي ڳالهايو. هن مون کان اتر سنڌ متعلق رنجيت سنگھ جي نيت جي باري ۾ سوال ڪيو. مان ڪيس ورائيو ته دوست ملڪ تي، دوست جو دوست حملو ڪري ڪونہ سگهندو. ان کان پوءِ گورنر جنرل مون کي جنهن مقصد سان هيڏانهن موڪليو آهي سو ڪيس کولي ٻڌايم. مان هن کي چٽيءَ ريت سمجھايو ته مون کي اٽڪ تائين سنڌوءَ کي ماپڻ ۾ جاچ پڙتال ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ان ارادي سان هيءُ ڪشالو ڪيو اٿم. ڪيس وڌيڪ اهو به چيم ته منهنجي منزل مقصود ڪابل ۽ قنڌار آهي. جاڪاڻ ته اتان جي حاڪمن ۽ واپارين کي سنڌوءَ رستي تجارت متعلق حڪمت عمليءَ سمجھائڻي آهي. سيني کان وڌيڪ اهم نقطو اهو به آهي ته مون کي واضح هدايتون مليون آهن، ته مان سچي ۽ سگهاريءَ دوستيءَ جو اعلان ڪري سنڌوءَ جي ڪنارن سان آباد دوست ملڪن جي حڪمرانن جي اعتماد کي وڌيڪ پڪو ڪريان. جڏهن مان پنهنجي هن نقطہءِ نظر کي بيان ڪري رهيو هوس ته محسوس ڪيو هيم ته هو مون ڏانهن غور سان تڪي رهيو هو. مان جڏهن ڳالھ ختم ڪئي ته امير چيو ته، "تنهنجو سفر تمام ڏکيو آهي. سنڌ مان گذرڻ وقت اسان اوهان جي پرگھور لهنداسون ۽ جڏهن واپس ايندؤ ته اسان اوهان جي آجيان ڪنداسون." امير کان موڪلائي هلڻ کان اڳ ۾ مان هميشہ جيان ٻہ چار لفظ سنڌيءَ ٻوليءَ جا چيا ۽ جيڪي مان هلندي سکي ورتا هئا. اهي سندن خوش خيرعافيت متعلق هئا. مان کين اهو به ٻڌايو ته انگريز سرڪار جي چيف سيڪريٽري مسٽر واٿن (Mr. Wathen) سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وياڪرڻ (گرامر) تيار ڪيو آهي ۽ مان کين ان جي هڪ ڪاپي ڏيڻ جو واعدو ڪيو. ان کان پوءِ ملاقات ختم ٿي.

ٻئي ڏينهن تي امير شڪار ڪرڻ لاءِ نڪري ويا ۽ اسان حيدرآباد جون گھٽيون ۽ بازاريون گھميون. سنڌ جي دربار جي رويي ۾ وڏي تبديلي اچي وئي هئي، جنهن کي ٻين کان وڌيڪ مان محسوس ڪيو. مان سمجھان ٿو ته جيڪو سفر مان سنڌوءَ رستي ڪري لاهور پهتو هوس، سو سنڌ جي اميرن جي طبيعت ۾ نرمي، ان سفر جو نتيجو آهي.

مان حيدرآباد ۾ هوس جو ڪابل مان قاصد اچي پهتو. اهو ماڻهو منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست حيات خان قافلي باشيءَ جو ويجهو مائٽ هو. هن همراه خلوم (Khooloom) کان قنديز (Koondooz) تائين مون سان گڏ سفر ڪيو هو. مان ڏسڻ سان ڪيس سڃاتي ورتو ۽ ڪانئس دوستن جي خيرعافيت معلوم ڪئي ۽ مراد بيگ بابت پڇا ڪئي. هن تعجب مان چيو ته ”اهو شخص مراد بيگ هو؟ عظيم ديوان بيگي، خود هن جو وزير!“ ” توهان سان قرب پريا قدم کڻي پاڻ کي ڏاڍو بختاور سمجهندو آهي“ هن وڌيڪ چيو ته هو ”پنهنجي زال واسطي ڪابل ۾ ٽڪي پيو“ هيءَ اسان جو پراڻو قاصد هو. سندس نالو معصوم هو. مان کيس کائڻ لاءِ گهڻو گوشت ڏنو. هن اچرج وچان چيو، ”ڪير به هڏائي ڪونه سگهندو ته اهو ماڻهو تون هئين. جنهن هن لباس مٿان زناني چادر اوڍي لِڪ ڪيو هو. پر اسان کي پوريءَ ريت پتو هو ته اهو تون ئي هئين.“ هن گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهوءَ ڪابل ڏانهن پيغام کڻي وڃڻ جي مون کي آڇ ڪئي، جيڪا مان هڪدم قبول ڪئي. ملا نانڪ (Mollah Nanuk) به بخارا جون خبرون کڻي خيرن سان اچي پهتو هو. هو منهنجي سفر جي ساٿين الهداد ۽ سرور خان کي به ڄاڻندو سڃاڻندو هو. هن مون کان سوال ڪيو ته ”تو بخارا جهڙو اسلام ڪٿي ڏٺو آهي“ هن وڌيڪ چيو ته هو پنهنجي سونپيل ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ هن شهر جا نرمل نظارا ڏسڻ گهري ٿو.

مان سنڌ جي حڪمرانن سان ڇا ڳالهايو ٻولهايو. ان وستار ۾ وڃڻ ڪو نه ٿو گهران. مان ساڻن نهايت دوستاڻي نموني گفتگو ڪئي. هڪڙي ڏينهن مير نور محمد چيو، ”جڏهن مان توکي پهريندي ڏٺو هو ته توکي ڏاڙهي ڪو نه هئي“ کيس وراڻيم ته، ”هاڻي ته منهنجو منهن ڪارنهن سان ڍڪجي ويو آهي ۽ ٻاروتڻ جي ڏهاڳ جو ڏاڍو ڏک اٿم.“ اهو خيال مان سعديءَ وٽان چورايو هو ۽ ميرن وڏي آواز سان واه واه ڪري پسند ڪيو هو. هن وري مون کان پڇيو ته مان ڪهڙي قسم جا ڪتاب پڙهندو آهيان. کيس وراڻيم ته گهڻو تاريخ سان شوق اٿم. سندس ياءُ مون کان پڇيو ته توهان گلستان ۽ بوستان ڪتاب پڙهيا آهن يا نه؟ انهن سيني مون کان زور ڏئي پڇيو ته اسان انگريز، غلامن جي واپار جي مخالفت ڇو ڪري رهيا آهيون. مان کين سمجهايو ته غلامي وڏو ڏوهه آهي ۽ يورپ جي ملڪن غلامن جي واپار کي ختم ڪرڻ واسطي پاڻ ۾ هڪ معاهدو ڪيو آهي. موڪلائڻ وقت مير نور محمد مون کي چيو، ”توهان جهڙي ذهين ماڻهوءَ سان گفتگو ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي. جيڪو اڳلي کي باشعور بنائي ٿو ڇڏي.“ سنڌ وارن جي چاپلوسيءَ تي گهڻو ڪجهه ڳالهائي سگهجي ٿو. پر مان هاڻي حيدرآباد کان اڳتي هلڻ چاهيان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چتيو. اهو ايترو تہ ويجهو هو جو گسڻ جو امڪان گهٽ هو. هن ڪانُ پوءِ مان انهيءَ ٿانو کي ڇُتيو. ڏڪ لڳڻ سان ٿانو ٻہ دفعا لڏيو ۽ اها ڪا وڏي ڳالهہ بہ ڪانہ هئي، پر هن نشاني چٽڻ ڪري مون کي مفت ۾ توپچيءَ (Topchee) هجڻ جو خطاب مليو ويو. مسٽر ليچ کي هڪ خنجر تحفي طور ڏنو ويو ۽ ٻيو مسٽر ويڊ ڏانهن سوکڙيءَ طور موڪليو ويو. ٻنهي ڏينهن لاءِ واعدو ڪيوسين تہ اسان سنڌي لباس پائي شڪاري ٽولي سان اچي شڪار ۾ شريڪ ٿينداسين. اهو لباس مير صاحبن خاص اسان لاءِ تيار ڪرايو هو. فيصلو اهو ڪيو ويو هو تہ شڪار گاهہ ۾ 'اوسر' ڪٽي جانورن کي تڙي ايترو سوڙهو ڪجي، جيترو فرنگين جو سوڙهو لباس هوندو آهي. اهو ڏيک منهنجي لاءِ بلڪل نئون هو.

اسان هميشہ جيان، سج نڪرڻ سان اٺن تي سوار ٿياسين ۽ ٽي ميل سفر ڪري هڪ مهاڙيءَ ۾ وڃي پهتاسون. سنڌي جيڪي لڙ لُڙيات تي هريل هئا، سي هينئر ماٺ ۾ هئا. مان مير نصير خان سان گڏ هلي رهيو هوس. هتي هو پنهنجي اٺ تان لهي پيو ۽ مون کي بہ اٺ تان هيٺ لهڻ جو چيائين. پوءِ هو مون کي هٿ کان وٺي هڪ ڪڏڻي ۾ وٺي ويو، جتي اندر هڪ دڪي ٺاهيل هئي. پاڻ مٿس ويٺو ۽ مون کي پنهنجي پرسان ويهاريائين، ڪُڏڻي جي سامهون واري پاسو کليل هو. اسان ساهہ مٺ ۾ جهلي شڪار جي اوسيئڙي ۾ هڪ ڪنا ٿي ويهي رهياسين.

ماڻهو ۽ ڪتا هڪ اوسر جي شڪل ۾ جانورن کي تڙي اسان جي ڪڏڻ جي سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. گهڙي ڪن ڪان پوءِ اسان ڪتن جون ڇهڪارون ۽ پچاڙيون ٻڌيون، جيڪي سامهون واري جهنگل مان اچي رهيون هيون. ايئن ڪندي هڪ اڪيلو سوئر اچي اسان جي ڪڏڻي جي وٽ ڏئي لانگهائو ٿيو. اهو ايترو تيز هو جو اسان کي بندوق چوڙڻ جو وجهہ ئي ڪونہ ڏنائين. توڙي جو امير پنهنجين سُٺين بندوق مان هڪ جلدي ڪري منهنجي هٿن ۾ ڏني ۽ مون کي پهرين شڪار ڪرڻ جي هٿي بہ ڏنائين. اڌ ڪلاڪ کن ڪان پوءِ رڻ ۾ وهنتل ۽ هُڪيل ڪتا بہ ظاهر ٿيا. سمجهہ ۾ آيو تہ هن مهاڙيءَ ۾ شڪار بس اهو اڪيلو سوئر هو. ان ڪانپوءِ اٺن تي سوار ٿي، وڃي مير نور محمد سان گڏياسين، جيڪو شڪار جي ٻئي گودر ڏانهن وڃي رهيو هو. هتي بہ ساڳئي نموني جو بندوبست ٿيل هو. مان-وڏي مير سان ڪڏڻي ۾ ويٺس، منهنجي هٿ ۾ بندوق هئي، جيڪا هن مون کي اڳينءَ شام جو سوکڙيءَ طور ڏني هئي. هتي شڪار جام هو. ٿوري گهڙيءَ ڪان پوءِ اٺن ڏهن سوئرن منهن ڪييو. مير صاحب هڪ سچي شڪاريءَ جيان مون کي چيو تہ، "اهو پاسو تنهنجو ۽ هي منهنجو آهي". پهرين فائر مان ڪيو ۽ هڪ سوئر ماري وڌم. مان گسي بہ ڪونہ سگهان ها، ڇاڪاڻ تہ سوئر 25 يا 30 گز ويجهو هو. مان اهو سوئر رائفل سان ماريو هو ۽ وري ٻيهر فائر ڪونہ ڪيم. مير صاحب ڏاڍو خوش ٿيو. منهنجي هٿ ڪان وٺي وڏي آواز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيوهڻ چڏڻ کان اڳ ۾ لکيءَ ۾ موجود چشمن کي ڏوري وڃي ڏٺوسين، جيڪي ڇهه سؤ فوٽ اوچي ۽ ايڪيريءَ ٽڪريءَ جي سيرن ۽ ڦاٽن مان اڀرڪي ٻاهر نڪرن ٿا. هنن جهرڻن کي ڏسي مون کي هندوڪش جبل ياد اچي ويو. هن پاڻيءَ جو ڪوسائي پد 102 هو ۽ هوا جو ڪوسائي پد 70 هو. پاڻيءَ مان گندرف جي هراڄ ٿي آئي، جيڪا ٻچان جهڙي هئي. چشمن جو پاڻي وهندو رهندو آهي ۽ ان تي ٽڪريءَ پرسان پاڻيءَ سان گڏيل چونو ۽ واري وهندي گڏ ٿيندي ويندي آهي. اها ٽڪري چوني جي آهي. منجهس سنک ۽ ڪوڏ جام ڏسڻ ۾ ايندا آهن. منجهس ڦاٽ، سيرون ۽ چير به عجيب قسم جا آهن. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته اها ڪنهن ڀونچال جي ستم ظريفي آهي. قديم زماني سان واسطو رکندڙ باقيات به هتي گهڻي ڏسڻ ۾ ايندي. هتي، مرجان، هڪ قسم جو ڪوڏ (Cockle) سپون (Oyster) ۽ Nummulete قسم جون ٻيون سپون ۽ ساموندي ڪوڏ به ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي لکيءَ جي جابلو سلسلي ۾ جام آهن. ٽڪرين جي چوٽين تان مان ڪجهه هڏا لڌا هئا. منهنجي خيال ۾ اهي ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکن ٿا، جيڪي گدڙن يا ڇراخن کٽي هتي ڦٽا ڪيا آهن. هن عجيب غريب جابلو سلسلي ۾، جيڪڏهن ڪوشش ڪجي ته جيالاجي سان واسطو رکندڙ ڪيترين ئي نادر شين ملي وينديون. مون کي شڪ آهي ته اولهه واري هالار جو اتانهون جبل بناوت ۾ سيوهڻ پرسان موجود ٽڪرين سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهي سڀ اڳهاڙا آهن. اوپڙ جو مٿن ڪو نالو نشان به ڪو نه ملندو.

اسان 20 تاريخ جو اڙل ۾ وڃي لنگر هنيا ۽ سيوهڻ جو مشهور قلعو ٻيو پيرو ڏسڻ ويس، جنهن تي هڪ وڏو بحث ڇڙيل آهي. مان پهرئين پيري جيان هاڻي به ڏاڍو حيران ٿي ويس ۽ خوشي به ڏاڍي محسوس ٿي رهي هئي. لال شهباز قلندر جي مزار ڏسڻ ڪونه ويس. اها مزار ماڻهو زندگيءَ ۾ هڪ پيرو ڏسي ته به ڪافي آهي. هڪ ته اتي لڙ ۽ گوڙ ايڏو هوندو آهي جو بس پلي. ٻيو وري فقيرن جي چتي پن جو آزار. هڪ دفعو ويس، وري ڏسڻ جي هميشه لاءِ توبهه ڪري ڇڏيم. سيوهڻ جي آدمشماري اڳين کان اڌ جيتري ٿيندي. مان سمجهان ٿو پنج هزار ماڻهو به مس ٿيندا. سي به گهڻو ڪري پينو فقير ۽ مهاڻا آهن. هتي گهڻن ئي قسمن جي مڇي مرندي آهي. اسان کي مڇي ڦاسائڻ جي نظاري ڏسڻ جو موقعو مليو. هتي گهڻو ڪري اهائي مڇي هئي، جيڪا سنڌوءَ ۾ ملندي آهي، جنهن جا چيٽيهه قسم آهن. منڇر ڍنڍ ۾ پاڻيءَ جا پکي جام هئا. انهن پکين کي ليفٽيننٽ ليچ ڏسڻ ويو هو، جن کي هن ڏاڍي ڌيان ۽ گيان سان ڏٺو. انهن مان ڪي ڏاڍا اچرج جهڙا پکي هئا، جن مان هڪ 'آڙي' به هئي. جنهن جي جهليدار پيرن ۾ ٿي سنڌا هئا، جيڪي هڪ ٻئي مٿان زره جيان چڙهيل هئا. انهن ٻن ڪنين وارن پکين جون 191 شڪليون، چوپين جانورن جو ويهه ۽ سرندڙ جانورن جون ٻارهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقڪائينديون ۽ تاڙيون وڄائينديون هوريان هوريان اڳتي سرڪنديون ٿي رهيون، تاڙين وڄائڻ ويل سندن هٿ پنهنجي مٿن ڪان مٿي ڪجهي ٿي ويا. شاديءَ ۽ عيد جي موقعن تي عورتون ۽ مرد گڏجي ناچ ڪندا آهن. عورتون گهڻو ڪري بدن ۾ ڳوريون ۽ رنگ ۾ سانوريون هيون. منجهائن خوبصورت ڪي ٿوريون هيون. سندن ڪن ۽ ڳچين وارا ڳهه تمام وڏا هئا، جيڪي ڪين اصلي ڪو نه ٿي ڏسيا.

خيرپور جي هن تماشي کان پوءِ 'جيوڻ بخش' اسان کي 'ناچ' سان وندرايو. هن 'ڇوڪريءَ جو واسطو مير صاحب جي دربار سان آهي. ناچ ڪرڻ سان گڏ هيءَ ڇوڪري مذهب ڏانهن گهڻو لڙيل آهي. مسجدين ٺهرائڻ جو گهڻو شوق اٿس. کير خيراتون به جام ڪندي آهي. طبيعت جي ڳنڀير آهي. سهڻي به ڏاڍي آهي. سندس پيرن جي بيهڪ ڏاڍي خوبصورت آهي. سندس پينر به ڏاڍيون سهڻيون آهن. اسان کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏاڍو جتن ڪري رهيون هيون. هن اگهاڙيون تلوارون ۽ بندوقون هٿن ۾ ڪري ناچ ڪيو ۽ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪيائون ٿي ته لاڄو (غيرتمند) مرد ۽ سرويچ عاشق ڪيئن هوندا آهن. ناچ ڪندي ڪندي آخر ۾ ڪِري پيون. منهنجي خيال ۾ ٿڪجي هٽجي ڪو نه ڪِريون هيون پر ڪنهن وجدان ۾ اچي هيٺ ڦهڪو ڪيو هئائون.

جنهن زماني ۾ اسان خيرپور ۾ هئاسون ته قلات جي بروهي سردار جو وفد آيو. اسان هن وفد جي معرفت قلات جي حڪمران محراب خان سان رابطو قائم ڪيو ۽ سندس پٽ جيڪو ان وقت گنداوا ۾ رهندو هو. تنهن سان له لاڳاپو پيدا ڪيوسين. هن اُسان سان پڪو وچن ڪيو ته هو اسان جي هر نموني سهائتا ڪندو. غلام نبي نالي هڪ وڪيل يا نمائندي به اسان سان ڪئمپ ۾ ملاقات ڪئي. هن ۽ سندس ماڻهن وٽان اسان اهم معلومات حاصل ڪئي. مان ڪيس ايشيا جي لباسن جون تصويرون ڏيکاريون، جن کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو. رنجيت سنگهه جي تصوير ڏسي هڪدم رڙ ڪري چيائين، "اوهان ڪوتاه نظر ۽ انڌا به آهيو، پر تنهن هوندي به اوهان سڄيءَ دنيا کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي." هن پشاور جي يوسف زئي ماڻهن متعلق ڳالهائيندي ڪاوڙ مان چيو ته، "اوهان نياڳا، سکن کان انهن جي دل ڪٽي ڏار ڇو نه ٿا ڪريو." رنجيت سنگهه جي تصوير هڪ ماڻهو جي سامهون ڪندي کيس چيائين، "هن بندري ڪافر ڏانهن ڏس. هن کي اڦٽ مار. تون سندس ايترو ويجهو وڃي ڪونه ويندين، جيترو تون هاٿي کيس ويجهو آهين؟" هن ڪاوڙ ۾ پنهنجي طاقت جو اهڙو مظاهرو ڪيو پر اسان کي کل پئي آئي.

ڏجيءَ جي سردار علي مراد خان جڏهن ڏٺو ته هو اسان کي شڪار ڪرڻ لاءِ مڃائي ڪونه سگهندو ته هو سياسي نموني بيمار ٿي پيو ۽ ڊاڪٽر لارڊ کي موڪلڻ جي گذارش ڪيائين، جيڪا مون مڃي، ڏانهس ڊاڪٽر موڪلي ڏنو. هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن مير رستم علي خان ننڍڙي ٻار جي وفات ڪري، ڏجيءَ جي سردار وٽ عذرخواهيءَ لاءِ لنگهي ويو. اسان کي بہ دعوت ملي هئي، سو اسان ڊاڪٽر لارڊ سان گڏجي 'ڏجيءَ' وياسين، جيڪا خيرپور کان چوڏهن ميلن جي فاصلي تي هئي. هتي هڪ قلعو ڏسڻ ۾ آيو جيڪو مٽيءَ (1) جو ۽ هڪ هموار ٽڪريءَ تي ٺاهيل هو. هن علائقي ۾ هيءُ واحد قلعو آهي. هي ڪوڙي ڏيکاءَ جو قلعو ۽ نالي ماتر ڪو مضبوط آهي. ٽالپر خاندان جي دولت ڏن هتي رکيل آهي. هن سردار کي سنڌ جو دولتمند امير سڏيو ويندو آهي. هن قلعي جي پرسان هڪ ننڍڙو شهر آهي، جتي نوڪر چاڪر رهندا آهن. جيسلمير ڏانهن ويندڙ ويران علائقو ڏجيءَ وٽان شروع ٿيندو آهي. ڏجيءَ جي سردار اسان جي ڏاڍي سٺي نموني آجيان ڪئي ۽ قلعي ۾ رهايائين. پنهنجي بيماريءَ کي وساري اسان کي ٻئي ڏينهن لاءِ شڪار ڪرڻ جي نينڊ ڏنائين. هن اسان کي هدايو تہ ڊاڪٽر لارڊ جي دوا ڪري هو چڱو ڀلو ٿيو آهي. انهيءَ ڊاڪٽر تہ ڪيس 'مارس چينو' نالي هڪ دوا ڏني هئي جيڪا هڪ سنڌي دوا هئي، جنهن جو پتو بہ اسان کي سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ پيو. اسان کي اهو بہ پتو ڪو نہ هو تہ اها دوا ڪهڙي مرض تي پوندي آهي. هن دوا کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو. اسان ان جو استعمال گهٽ ڪيو، پر هن جا ٿي ٻڙن وٽيڪ گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليوسين تہ جيئن غريب ماڻهن جو علاج ڪري سگهون.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽر(2) جي ڪناري سان هرڻن جو شڪار ڪرڻ لاءِ روانا ٿياسين. امير مون کي پاڻ سان گڏ اٺ تي ويهاريو. ڊاڪٽر لارڊ، مير جي سالي سان گڏ هڪ اٺ تي سوار هو، جنهن ڪري ماڻهن کي ڏاڍو اچرج ٿيو. امير علي مراد پنجويهن سالن جو ٿيندو. ڏاڍو ذهين، ڦڙت ۽ چالاڪ آهي. اخلاقي طور بہ هيءُ سگهارو ماڻهو آهي. هن مون کان سياست سان واسطو رکندڙ ڪيترائي سوال ڪيا، جنهن مان مون کي پتو پيو تہ سندس مقصد اسان کي رڳو شڪار ڪرائڻ نہ هو. اسان هرڻن جي ولرن مان هلي رهيا هئاسين. اسان انهن تان لٿاسين ۽ انهن کي اوڙو ڪري هرڻن جي بلڪل پرسان وڃي پهتاسون. انهيءَ لاءِ جيئن ڪين سولائيءَ سان ماري سگهون. مان بہ پيرا بندوق هلائي ۽ ٻئي پيرا گسي ويس. اهو ڏسي مير علي مراد فائر ڪري هڪ ٺاهوڪو هرڻ ماري وڌو ۽ رڙ ڪري پنهنجي ماڻهن کي چيائين: "اهو هرڻ برنس صاحب ماريو آهي" ۽ مون کي هڪ ماهر توپچي ظاهر ڪري ڏاڍي تعريف ڪرڻ لڳو. پنهنجي لاءِ اهي ڪوڙيون تعريفون

---

(1) هيئنيون قلعو تہ واقعي ڪچو آهي پر ٽڪريءَ تي اڏايل قلعو تمام پڪو ۽ مضبوط آهي (سنڌيڪار)

(2) ڪوٽ ڏجيءَ پرسان موجود پٽن کي هن ٽر سمجهيو آهي، جيڪي ميرواہ ۾ سان ڪوٽ ڏجي جي ڏکڻ ۾ آهن. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڏي مون کان تہ کل نکري ويئي. مان هين کي تہ نڳي سگهيس تي پر منهنجن پنهنجن ماڻهن کي منهنجي هڻ سڌائي جي پوري خبر هئي. مهاڙين ۾ شڪار لاءِ رکيل هرڻ تمام گهڻا آهن. پر جنهن نموني سان اسان کي شڪار ڪرايو ويو پئي، اهو جڻ مون کي سٺو ڪو نہ پئي پاسيو. هيءُ ان قسم جو شڪار آهي جنهن کي اسان هندستان ۾ هرڻن جو اوڙو ڪري شڪار ڪرڻ (Stalking Deer) چوندا آهيون. ٿوري وقت شڪار ڪرڻ کان پوءِ اسان هوڙن جي چانوَ ۾ اچي ويٺاسون ۽ تازي اوٺي کير مان لطف اندوز ٿيڻ لڳاسون. اسان اهو کير جتن کان ورتو، جيڪي پرواري ميدان ۾ ڏاچين جا وڳ چاري رهيا هئا. اوٺو کير تازو پيئجي تہ سٺو لڳندو آهي. ان کان پوءِ اسان ڏجيءَ موٽياسين. اتي اسان کي ونڊرائڻ لاءِ گهڻو ڪجھ موجود هو. شام جو اسان خيرپور ورياسين. مير صاحب مون کي پاڻ سان گڏ اٺ تي ويهاريو ۽ جت واري خاني ۾ ويهي اٺ ڪاهڻ لڳو. سڄو مامرو امن امان سان گذري ويو. مير رستم خان کي بہ ڪو نقصان ڪو نہ رسيو، جيڪو اسان جي سياسي ڳالھ ٻولھ جو نازڪ نقطو هو. الوداع ڪرڻ کان اڳ ۾ مير صاحب ليفٽيننٽ ليچ کي گمبٽ ۽ راڻيپور جا صنعتي علائقا ڏسڻ جي اجازت ڏني. اهي شهر مير صاحب جي حدن ۾ واقع آهن. مسٽر ليچ اهي علائقا ڏسڻ لاءِ ڏجيءَ مان سڌو اوڏانهن روانو ٿيو. ليفٽيننٽ وڊ درياھ تي موجود هو ۽ هن دعوتن ۾ شريڪ ڪو نہ ٿيو. هو پنهنجي ڪم سان واجهيل رهيو. هن سنڌوءَ جي هيٺئين پاڇي سان لاڳاپيل صحيح معلومات حاصل ڪري مون ڏانهن موڪلي ڏني. هزهاءِ نيس مير علي مراد وٽ اعليٰ قسم جا باز آهن، جن سان شڪارگاهن ڏانهن ويندي ۽ واپس اچڻ تي شڪار جو مزو ڏسندا آياسون. مون ٻڌو آهي تہ هن قسم جي شڪار جا شوقين ماڻهو بازن جي موضوع تي گهڻو ڪجھ ٻڌڻ چاهيندا آهن. مان هيٺ انهن بازن جي پنوتري ڏئي رهيو آهيان جن کان سنڌي واقف آهن:

لغڙ= مادي، جهگڙ= نر: هي سنڌ جو پکي آهي. شڪري جو وڏو قسم آهي. اکيون ڪاريون ٿينديون اٿس. هڪ رُت جو شڪار ڪري کيس ڇڏي ڏنو ويندو آهي.

باز= مادي، زُرر= نر: خراسان سان واسطو رکي ٿو. اکيون گلابي (ڦڪيون) ٿينديون اٿس. هيءُ هڪ شاندار پکي آهي.

باشو= مادي، باشين= نر: خراسان مان ايندو آهي. اکيون گلابي (ڦڪيون) ٿينديون اٿس ۽ ننڍڙو هوندو آهي.

ٻهري= مادي، ٻهري ٻچو= نر: سنڌ سان واسطو رکي ٿو. سنڌوءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي. خاص اهميت ڪو نہ ٿو رکي.

چرغ= مادي، چرغيلو= نر: ڪَٿي (Cuthee) سان واسطو رکي ٿو. اکيون ڪاريون ٿينديون اٿس. هرڻن جو شڪار ڪندو آهي. تلور بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماريندو آهي.

ڪوهي= مادي، ڪوهيلو= نر: هن کي شاهين بہ سڏيندا آهن. سنڌ جو پکي آهي. اکيون ڪاريون ٿينديون اٿس.

ترمچي= مادي، چتوي (Chatway) نر: سنڌ جو پکي آهي. اکيون ڪاريون ٿينديون اٿس. هڪ رُت جي شڪار کان پوءِ هُن کي ڇڏي ڏنو ويندو آهي.

شڪرو= مادي، چپڪ= نر: سنڌ جو پکي آهي، اکيون گلابي ٿينديون اٿس.

عقاب بہ سنڌ جو پکي آهي ۽ سيني بازن تي حملو ڪندو آهي. ڏارڻ کان پوءِ جڏهن ڪو بہ باز ڇڏي ڏنو ويندو آهي تہ پنهنجي ذات وارا پکي کيس ماريندا آهن ۽ اها ڏاڍي عجيب غريب ڳالھ آهي.

30 مارچ جو اسان خيرپور مان موڪلائي روهڙي بکر روانا ٿياسين. هتان جي رهاڪن ۾ اسان پنهنجي متعلق وڏي تبديلي ڏٺي. جڏهن اسان درياھ پار اڪرڻ جي مرضي ڏيکاري تہ اسان کي اڪارڻ ۾ دير ڪا نہ ڪيائون. وزير پنهنجي سر پاڻ اسان کي بکر جي مشهور قلعي ڏانهن وٺي ويو. هن موقعو ڏسي، اڳ ۾ ڪيل گذارشن تي نئين سر غور ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، جنهن جو مقصد اهو هو تہ سندن اطاعت تي ڀروسو ڪيو وڃي ۽ دوستيءَ کي وڌيڪ سگهارو بنايو ويو وڃي. کيس چيم تہ جيڪي ڪيو اٿم سو نيڪ نيتيءَ سان ڪيو اٿم ۽ وڌيڪ توهان ڇا ٿا چاهيو. اسان جو پاڻ ۾ باهمي اتحاد ايترو تہ پڪو آهي، جو اسان دوستن جيان بکر اندر بيٺا آهيون. هن موقعي تي مون کي ڪجھ آسرو هو تہ هلندڙ سال ناتال جي ڏهاڙي تي، مان هڪ سفير جي حيثيت ۾ هڪ معاهدي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندس، جنهن ۾ خيرپور کي برطانيا جي حفاظت ۾ ڏنو ويندو، ڇاڪاڻ تہ حالتون اچي انهيءَ جاءِ تي بيٺيون هيون. 29 جنوري 1839ع ۾ عزت مآب جنرل سر ولوبي ڪاٽن (Willoughby Cotton) سان گڏجي هتي پهتس تہ ڏٺم تہ برطانيا جو قريرو بکر تي قرڪيو ٿي ۽ سندس پاڇو سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي لُڏي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٽيون

**سکر- شڪارپور ۾ ان جي تجارتي آمدرفت- آدمشماري- ماڻهو- بازار- شڪارپور پرسان سنڌ واهه تي خوشيون- خوبصورتي- ماڻهن جو اخلاق- مزاري قبيلو، ان جو سردار- سندن قبيلي جو گيت- واڳون- سيسر- مٺڻ ڪوٽ- بهاولپور جو سردار بهاول خان- فرانس جو سياح مونس آرگائوڊ (Mons Argoud)- مسلمانن جون خانقاهون- اسان جو ڪلاڪار: ڊون جوس گونسا لويز Jose Gon- (Don salvez) رنجيت سنگهه جا لاڪڙي (ڪامورا)- وڏي آجيان- مٺڻ ڪوٽ وٽ سنڌو- ديرو غازي خان- ديره جات جا علائقا- انهن جي اهميت- لوهاني افغان سنڌن اچ وڃ جا رستا- خراسان جا لڪ- ديري غازي خان جي آمدرفت- اوسو پاسو- بازاريون.**

اسان بکر کان درياهه اڪري سکر وياسين ۽ هتي ڏينهن شڪارپور اڪاٽيوسين. اوڏانهن آسان اڳي ڪڏهن ڪو نہ ويا هئاسين. هن شهر جون بازاريون ڏکيون ۽ گنديون هيون. حيدرآباد ۽ خيرپور جا عيوضي اسان جي رهنمائي ڪري رهيا هئا. اتان جو گورنر بہ اسان سان ملڻ آيو. واپاري، پئسا مٽيندڙ ۽ هندين وارا اڪيچار ماڻهو اسان جي ڪئمپ کي گهيرو ڪري ويا. انهن وٽان اسان کي هرات ۽ قنڌار متعلق ايران جي ارادن جي سٽس پئي ۽ اسان جي ڏيان کي ڪنهن هٿي پاسي ڦرندو ڏٺائون. ڪين توقع هئي تہ اسان سنڌو درياهه ۾ سنڌ متعلق ڳالهائيندا سين، پر هن سان اسان ماڳهين هٿي اهم موضوع تي ڳالهه ٻول ڪئي هئي. آخر ۾ ڪين اهڙين تبديلين کان آگاهه ڪيوسون جن جي ڪين توقع ڪا نہ هئي. سنڌوءَ ۾ گهرڻ کان پوءِ بهاولپور جو سردار اسان سان مستقل خط و ڪتابت جو رابطو رکندو آيو، سو اسان جي ملڻ واسطي اتاولو وينو هو ۽ مون کي تڪڙي اچڻ جي گذارش ڪئي هئائين ۽ لکيو هئائين تہ وچ تي موجود جدائي جي پردي کي چاڪ ڪري ساڻس جلدي وڃي ملان. اسان سک حڪومت ۾ سنڌ جي وڏي علائقي جي وچ تي اچي پيا هئاسين. ان ڪري رنجيت سنگهه خوش نظر ڪو نہ ٿي آيو. سک سردار سنڌ جي هن علائقي کي پنهنجو شڪار سمجهيو وينو هو، پر دعوتن ڏيڻ ۾ ڏاڍو مهربان هو. سندس مخالف ڪابل جي حڪمران دوست محمد خان، قاصد موڪلي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. اسان شڪارپور ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏهه ڏينهن کن ٽڪياسين. اسان هن شهر جي تجارت متعلق معلومات حاصل ڪندا رهياسين. جنهن جو سڄي ايشيا سانُ واپارُ هلندڙ هو. پر چين ۽ ترڪيءَ سان سنڌن ڏيتي ليتي ڪانه هئي. سنڌوءَ وسيلي تجارت جي نقطهءِ نگاهه کان شڪارپور جو شهر وڏي اهميت رکي ٿو. انهيءَ ڪري نه ته هيءُ شهر ڏيهي صنعت جي واپار سبب مٽانهون آهي، پر پئسي جي ڏيتيءَ ليتيءَ ڪري ڏيساور جي وڏين منڊين سان تجارتي ناتا اٿس. هيءُ شهر سنڌ جي اتر پاسي دنگ سان واقع ۽ سنڌوءَ ۽ بکر کان اٺاويهه ميل سر اولهه طرف آهي. اتر پاسي کان سنڌ جو دنگ روجهاڻ ٿائين آهي. اهو شهر قنڌار ۽ قلات ڏانهن ويندڙ ان رستي تي آهي، جيڪو بولان جي لڪ مان لنگهندو آهي، ان ڪري واپاري سدائين شڪارپور ۽ ديري غازي خان جون ڳالهيون ڪندا ڏسبا آهن. ديرو غازي، شڪارپور کان اتر طرف آهي ۽ ’خراسان جي لڪ‘ جو نالو وٺي ڪابل جي حدن کي نرالو ڪيو ويندو آهي. هر ڏس تي ويندڙ رستا شڪارپور جي واپار سان واڳيل آهن. اهو سڄو واپار خشڪي رستي هلندو آهي. هتان جا ننڍا وڏا واپاري هن خيال سان متفق آهن ته جيڪڏهن هتان جي تجارت کي پاڻيءَ وسيلي پکيڙيو وڃي ته انهن لاءِ وڌيڪ ڪارائتو ۽ لاڀائتو ثابت ٿيندو ۽ سنڌن مفادن جو بہ وڌيڪ تحفظ ٿي سگهندو.

شڪارپور قديم شهر نه آهي، پر هن جي ڀرپاسي اهم ٿاڪ ضرور آهن. اروڙ، سکر، بکر ۽ روهڙي لاڳيتا شهر آهن. شڪارپور جو شهر لکيءَ کان پوءِ ايندو آهي. هي شهر بهاولپور جي موجوده سردار جي ابن ڏاڏن جو هڏايل آهي، جن کي اتان نادر شاهه ڪڍي ڇڏيو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هن شهر جو بنياد 1617ع ۾ پيو. اها تاريخ عربي لفظ غوڪ يعني ڏيڏر جي اکر ۾ ڏنل آهي. ابجد مطابق هن لفظ جي اکرن جو انگن ۾ حساب ڪبو ته 1026هجري وڃي بيهندو. هيءُ لفظ ان حقيقت ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿو ته هن شهر جي اوسي پاسي ڪي ڍنڍون بہ موجود هيون. هن علائقي جي زمين جو مٽاڇرو آبپاشيءَ نظام واسطي ڏاڍو موزون آهي. ان ڪري دهليءَ جي حڪمرانن سنڌوءَ مان واهُ کوٽائي هن علائقي کي آباد ڪيو آهي (1). ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌ جي ٻين شهرن کان شڪارپور ۾ وڌيڪ سستائي آهي. سرسبزيءَ ۽ شادابيءَ جي ناتي سان هن کي ’نو لکي سنڌ‘ ڪري سڏيو ويندو آهي. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته مغلي (Mughlee) نالي علائقي مان سڄيءَ سنڌ کان وڌيڪ ڀل اپڙندي آهي. شڪارپور جا رهاڪو، جيڪي هاڻي برٽش انڊيا سان تعلق رکن ٿا، تن جو چوڻ آهي ته سنڌن علائقو هيو بنگال بنجڻ جي لائق آهي. نادرشاهه حملي دوران شڪارپور ۾ آيو هو. هن ڏٺو ته شهر جي اوسي پاسي وارا علائقا ويران ۽ بيابان ٿي ويا هئا. تنهن ڪري ان زماني ۾ مشهور تجارتي مرڪز بڻجي ڪونه سگهيو.

---

(1) اهو غلط آهي. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري رهيا هئا. اسان پاڻ کي پاڳوند پئي ڀانيو. جو اسان ۾ شڪارپور جي نينگرين جي سهڻين ۽ سباجهين اکڙين ڏسڻ جو موقعو مليو هو ۽ شڪارپور کي به انهيءَ ڳالھ تي فخر هجڻ گهرجي. شڪارپوري ڏاڍا ذهين ۽ چالاڪ آهن. علم ۽ ادب تمام گهڻ آهي. سندن تعليم هٿ جي حساب ڪتاب رکڻ جيترني مس آهي. دل چوي ٿي ته جيڪر سندن دلچسپ بيان ان سهڻي انداز سان لکان. 'جيئن اناستاسيس (Anastasius) جي مصنف پنهنجي برادري سميرنا (Smyrna) جي ماڻهن لاءِ لکيو هو: هو چوي ٿو ته، "سندن دليون ڪپھ ۽ نفيس ڪپڙن ۾ ويڙهيل آهن. اهي سمجهن ٿا ته خدا کين رڳو خريد ڪرڻ ۽ وڪري ڪرڻ (واپار) لاءِ پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪو اهو ڏنڌو اختيار نه ٿو ڪري ته سمجهيو وڃي ٿو ته انهيءَ جي زندگي اجائي آهي. هو شادي به انهيءَ ڪري ڪندا آهن ته جيئن واپارين ۽ ڏن جي ڏيتيءَ ليتيءَ وارن ماڻهن جو نسل برقرار رهي سگهي."

اسان ڏهين تاريخ جو موٽي مولينو چاچڙ وٽان سنڌوءَ تي پهتاسين. جيڪو بکر کان ويهارو ميل ڪن پري هو. هتي هيڙيون اسان جي انتظار ۾ بيٺيون هيون. هيءُ علائقو اڌ پنڌ تائين گجگاھ ٻيلن سان پريو پيو هو. شڪارپور پرسان علائقو ڏاڍو ڪليل هو. اتي سنڌ واھ مان نڪرندڙ ڪڙين ڪسين کي ماڻهو صاف ڪري رهيا هئا. هن علائقي جي خوشحالي سنڌ واھ تي مدار رکي ٿي. ٿوري وقت کان پوءِ درياھ جو پاڻي سنڌ واھ ۾ داخل ٿيندو. هن موسم ۾ زمين ۾ واڪٿائيءَ قسم جي هڪ ٻوٽي نظر ٿي آئي. جيڪا هيٿر (Heather) جهڙي هئي. مون دنيا جي، ڪنهن به ملڪ ۾ ايترا گهڻا گلاب جا گل ڪو نه ڏٺا، جيترا اتر سنڌ جي هن علائقي ۾ ڏٺم، پر منجهن سڳنڌ ڪجھ گهڻ هئي. هاڻي توتن جي موسم آهي. هتان جا توت ڏاڍا سُرها ۽ وڏا آهن. هي ميوو گهڻي گرميءَ ۾ پچندو آهي. هاڻي به ڪوسائي پد 95 فارنهائيٽ آهي.

سنڌوءَ جي الهندي ڪناري سان آباد بڙدين، ٻگٽين ۽ مزارين جون ذاتيون آهن. جيڪي جٽ ۽ وحشي آهن: (1) هاڻي اسان جي چوڌاري اچي گڏ ٿيا آهن ۽ شريف ۽ فرمانبردار رهڻ جا واعدا ڪري رهيا آهن. مزارين جي ڌاڙن ۽ ڦرين کان سواءِ ٻي ڪرت ئي ڪا نه هئي، جنهن اسان جي حڪومت جا ڪن اپڙا ڪيا هئا. اسان سنڌ جي حُڪمرانن کي واضح طور ٻڌايو هو ته سندن ڪڏين ڪارروائن کي ختم ڪرائڻ جا جتن ڪن، انهيءَ لاءِ ته جيئن سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان امن امان بحال ٿي سگهي. سندن گندن ڪرتوتن کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ سڪن به سندن علائقي ۾ فوج موڪلي ڏني آهي. انهن جي ٻن ڳوٺن تي قبضو به

---

(1) انگريزن سان جن مهاڏو اٽڪايو تن کي هنن نفرت وچان وحشي، ڌاڙيل ۽ سازشي سڏيو آهي. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ورتو اٿن. سندن اهڙن افعالنْ سيني ڏرين کي خبردار ڪري ڇڏيو آهي. مزارين جو سردار بهرام خان برطانيا سرڪار آڏو پيش پيو آهي ۽ پنهنجي قبيلي جي سڀ ماڻهن سان گڏجي پنهنجي جابلو علائقي مان هلي مون سان ملڻ لاءِ خيرپور پهتو هو ۽ مون کي چيو هئائين ته، "مان انگريز قوم جا دامن جهلڻ آيو آهيان." هي سردارْ پاڻ سان پٽ وٺي آيو هو. جيئن ئي هو اسان جي ڪئمپ ۾ داخل ٿيو ته سندس بهادريءَ جا ڳيچ ڳائڻ لڳا. سندن هٿن ۾ سارنگيون هيون، جيڪي سندن آوازن سان سنگت ڪري رهيون هيون. انهن جو آواز صاف ۽ مٺو هو. سمجھ ۾ ايئن پئي آيو ته اهو آوازْ سنڌوءَ جي ڏاڙيلن جو ٿي ڪو نه ٿو سگھي. هنن جهنگلين کي جڏهن اسان پنهنجا بينڊ باجا ڏيکاريا ته وائڙا ٿي ويا. سندن سردار منجهائن ڪجھ عقلمند ماڻهو ٿي ڏٺو. اهي سيئي گھوڙين تي چڙهي آيا هئا، جيڪي سندن چواڻيءَ مطابق گھوڙن کان وڌيڪ شريف ٿينديون آهن ۽ حملن ڪرڻ وقت گھوڙن کان وڌيڪ بڪ ڏڪ سهي سگھنديون آهن. لهڻ کان پوءِ هڪ ماڻهو ڇهن سٽن گھوڙين کي جهلي بيهي سگھندو آهي. هنن ان متعلق هڪ پهاڪو به چئي ٻڌايو ته "هڪ سوار جڏهن گھوڙيءَ تي چڙهندو آهي ته جڻ گھوڙي تي سوار هوندو آهي، پر جڏهن گھوڙي تي سوار هوندو آهي ته جڻ هنو سندس مٿي تي رکيل هوندو آهي." جڏهن پٽ ڳائي رهيا هئا ته مان کائنئن پڇيو ته هو ڪهڙي موضوع تي ڳائيَ رهيا آهن. انهن جواب ۾ چيو ته "پنهنجي سردارْ جي بهادري متعلق ڳائي رهيا آهيون." سندن شاعريءَ جو آزاد ترجمو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"(دشمن جي) قلعي جي تباهيءَ واسطي اسان خدا جا شڪرگذار آهيون
هو غريبن جا ڏک ڏور ڪندو
بهرام جي التجا ڏانهن ڪن ڏجو
هو ڏاتار آهي، قلعن جو حڪمران آهي.
سندس لشڪر سمنڊ جي ويرين جيترو گھڻو آهي
ڪرمان ۽ دلدار سندس به تجربيڪار سپه سالار آهن
پيران پير جيلاني هن جي مدد ڪر
او! اُچ وارا ولي هن جي سهائتا ڪر
هن دشمن جا سو جوان قتل ڪيا.
هن جهونجهار جو ڏاڪو پري پري پکڙيل آهي.
پري رهندڙ ماڻهو هن کان ڪڏ ڇو ٿا ڪائن؟
هن سان ٻارهن هزار مزاري جوان گڏ آهن.
هن جي دربار 'مٺا' (Mitta) جهڙي آهي.
کيس عليءَ جي مدد حاصل آهي.
مٿس خدائيءَ نُور سدائين چمڪندو رهي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس گهوڙيءَ جا ڪن قلم جيان نوڪدار آهن
سندس هنُو هزار رپين جو آهي.
دنيا جاتي ٿي تہ لغاري سندس مقابلي لاءِ آيا .
هي خدا تي ڀروسو رکي ميدان ۾ ڪڏي ڪاهي پيو
غلام محمد بام سندس لشڪر جو سالار هو.
رستم مسعيد (Maseed) دشمن کي شڪست ڏني
سندن پنج سو ماڻهو قتل ٿيا
سندن مال ملڪيت ڦري لٽي ويئي
بهرام مزاري دشمن مٿان سوپارو ٿيو.

سندن علائقو اُنَ ۾ شاهوڪار آهي، پر هنن جو لباس سوٽي ۽ جوڙيءَ جي ڪپڙي مان ٺهيل هو. سامهون واري صفحي تي ڏنل تصويرون بلوچن جون آهن، جنهن لاءِ مان پنهنجي دوست ڪئپٽن هارٽ (Captain Hart) جو ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي چترڪاري ۾ سندن هوبهو شڪليون بيهاريون آهن. سنڌ جي فوج اندر سندن بهادري ڪانَ اسان پوريءَ ريت باخبر آهيون ۽ کين پرکي ڏسڻ واسطي اسان کي ڪيترا موقعا بہ مليا آهن.

اِنن ڏينهن جي هاڪارڻ کان پوءِ اسان سنڌ جون حدون ڇڏي چڪا هئاسين، ان جو ڪارڻ اهو هو تہ واءُ ڏاڍي ستائي هئي، پر ڪجھ سوائي بہ کُهلي رهي هئي، جيڪا اسان جي هيڙيءَ جو ڪوهو اڏائي ڪٽي وئي، هيو بہ ڪيترو ئي نقصان ڪيائين ۽ اسان جي حجم کي بہ ذري گهٽ ماري رکيو هئائين. جيڪو لڏن جي سٽ نہ سهي ڇيڙڪو ڪري وچي درياھ ۾ ڪريو هو. هو حاجي هو. چار ڀيرا حج ڪيو هئائين. هن ايئن پئي سمجهيو تہ هو حج ڪرڻ جي صدقي موت جي ڇنبي ڪان بچي ويو آهي. هڪ ڏينهن جيئن ئي اسان تيز رفتاريءَ سان هاڪاري رهيا هئاسين تہ مان ڏٺو تہ هڪ ماڻهو ڊوڙندو اسان ڪيڏ اچي رهيو هو. مان سندس حال ڏسي هيڙي بيهاري سندس ڳالھ ٻڌڻ جو ارادو ڪيو. هن مون کي نماڻائيءَ سان گذارش ڪئي تہ جيئن تہ ”توهان هن ملڪ جا حڪمران آهيو، ان ڪري نادر شاھ جي زماني ۾ سندس خاندان کان کسيل زمين کيس ڏياري وڃي ۽ ان زمين جا مالڪاڻا حق لکت ۾ اجا بہ وٽس موجود آهن.“ اسان کي هتان جي ديواني قانون جو ڪو پتو ڪو نہ هو تہ مامري کي ڪهڙيءَ ريت نبيرجي. هو اسان کي ورجائي چئي رهيو تہ، ”جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ اوهان کي انصاف ڪرڻ جي طاقت آهي.“ هن ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ اسان جي وس کان ٻاهر هئي. هيا تہ ڪيترائي ماڻهو اهڙي قسم جا مامرا کڻي آيا هئا، پر اسان هتان جي گهرو مامرن ۾ ٽنگ اڙائڻ ڪا نہ ٿي چاهي، پر معاهدي مطابق جيڪڏهن ڪو مامرو هجي ها تہ البت ڪجھ ڪري سگهجي ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باغن بدران هتي وڏو گاهه ۽ لَوَن جا جهنگ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اسان سوچيو ته گلن جي باغن واسطي اسان کي ڪابل ڏانهن ڏسڻ گهرجي. اسان هاڪاريندا نوشهرو رائڪ ۽ جتوئي ۽ شيروءَ جي پتڻ کان لنگهياسين. اهي ڳوٺ درياهه کان ڪجهه فاصلي تي آهن ۽ هيڙيءَ جي ڪوهي تي چڙهي ڏسي سگهبا آهن. انهن جي پرسان جيڪي وڻ هوندا آهن تن مان به معلوم ڪري سگهبو آهي ته اهي ڳوٺ آهن. هتي درياهه گهڻين شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. اسان بنا ڪنهن سونهين جي هاڪاريندا وياسين. اتان جو ڏيک هڪ جهڙو هو تنهن ڪري ڪجهه بيزار ٿي پياسين. شام جو ٻين وڳين درياهه جو ڪوسائي پد 84 ۽ هوا جو 108 هو. شام جو جڏهن اسان اتي پهتاسين ته سج لٿي کان گهٽو پوءِ ڏکڻ کان لُڪ لڳڻ لڳي، جيڪا اسان کي ساڙي رهي هئي. چادرون پسائي پُسي ڪري مس ماني کاڌي سين. ڪوسائي پد 94 کان هيٺ ڪرڻ نه لٿو. هتان جي آبهوا ڏاڍي گرم هئي. سج اڀريو ته پاڻ سان باهه جا اُلا کنيو آيو. افق کان ٿورو مٿي چڙهيو ته سمجهيوسين ته آگ جا اُلا وسائي رهيو آهي. ان ڪري اسان گهڻن کي ڏينهن لڳي ويو ۽ اچي تپ ورايو. هيڙين ۾ هڪ جاءِ تي ويهڻ ڪري اسان جا همراهه تنگ ٿي پيا هئا. مٿان وري سردارن جون دعوتون هونديون هيون ۽ هر ڪو پيو دل کولي کائيندو هو.

اهو به ضروري ٿيندو ته جنهن علائقي ۾ اسان هاڻي داخل ٿيا آهيون ان جو مختصر احوال ڏجي، جيڪو گهڻين ڳالهين ڪري ڪجهه دلچسپ به آهي. سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري، نمڪ سير کان هيٺان وڃندي ان ماڳ تائين جتي پنجاب جا درياهه سنڌوءَ سان سنگم ڪن ٿا، تنهن سڄي علائقي کي ديره جات جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن علائقي جو اهو نالو ان ڪري آهي، جو هتان جا مشهور شهر ديرن جي نالي يعني ديرو غازي خان ۽ ديرو اسماعيل خان آهن. ديره جات عربي لفظ آهي ۽ ديره جو جمع آهي. هن جي هيٺئين پاسي کي مقامي طو سنڌ سڏيو ويندو آهي ۽ مٿئين پاسي کي دامن يعني دنگ ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو! ڇاڪاڻ ته ان جي دنگ سان سليمان جبل جون قطارون آهن. زمين هموار آهي ۽ ڪٿي ڪٿي آباد آهي. خاص طور تي ديري اسماعيل ۽ ديري غازي جي پر وارو علائقو ڏاڍو سائو ڏسبو آهي. پر درياهه جي اولهه طرف ٿورن ميلن جي پنڌ تي اسان کي ڪوهه به ڏسڻ ۾ ڪونه آيا. پوکيءَ راهيءَ جو سڄو دارومدار مينهن جي ڇنڊ ڪڻين تي آهي، جيڪو ٽڪرين تان نَيَن جي شڪل ۾ هيٺ وهي ايندو آهي. هن پاڻيءَ کان سواءِ ڪنهن فصل ٿيڻ جو آسرو ڪونه هوندو آهي. هن ڪناري جي سامهون ۽ 'ليا' جي علائقي ۾ سنڌوءَ جي ٻوڏ جي پاڻيءَ جو رخ اوڀر ڏس تي هوندو آهي. زمين زرخيز آهي. فصل تمام ڀلا ٿيندا آهن. انهيءَ ايراضيءَ کي ڪچي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ليا جي پرسان ڪميريءَ جو مشهور پتڻ آهي جتان ماڻهو لهندا چڙهندا ۽ سنڌو اُڪري ديره جات واري علائقي ڏانهن پيا ايندا ويندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جابلو علائقو انُن جي قافلن سان پار ڪبو آهي، جيڪي ڪابل ۽ قندار طرف پيا ويندا رهندا آهن. هندستان کان ايندڙ قافلا اوله وچڻ کان اڳ هتي اچي گڏ ٿيندا آهن. ان ڪري ديره جات واپاري مرڪز بڻيل هوندو آهي.

• واپاري قافلا ڪلڪتي کان هلي، لکنؤ دهلي ۽ هاسنيءَ کان ٿيندا بهاولپور پهچندا آهن. بمبئي کان پالي، بيڪانير ۽ بهاولپور کان ٿيندا ملتان پهچندا آهن. امرتسر کان جنگ (Jung) ۽ ليا کان ٿيندا هتي پهچندا آهن. خود ديري غازي خان کان هلندڙ قافلا بهاولپور کان ٿيندا هتي رسندا آهن. اهي سيئي رستا، ديرابند (Dera bund) نالي هڪ ڳوٺ وٽ گڏبا آهن، جيڪو ديري اسماعيل خان کان ٽيهه ميل اوله طرف آهي. هن ماڳ وٽان هڪ مشهور رستو ڦُٽي نڪرندو آهي جيڪو گومل درياهه سان هلندو گولياري (Goolairee) لڪ مان لنگهي اڳتي روانو ٿيندو آهي ۽ هن ٽاڪ کان اڳتي لوهاڻي افغانن جا قافلا ويندا آهن. انهن مان ڪي قافلا ٽاڪ (Tak) کان اوله پاسو ڏئي اتانهين جابلو علائقي ۾ 'چيري' (Cheree) نالي هڪ ننڍي لڪ مان لنگهندا آهن. اهي سيئي رستا وري اچي ديرابند کان 45 ميل پري، هڪ جاءِ تي گڏبا آهن. لوهاڻي افغان ڏراڙ ۽ سانگي ماڻهو آهن ۽ سال ۾ هڪ ڀيرو هندستان جا وڻ به ڏسندا آهن. اها لڏپلاڻ وڻج واپار ڪارڻ ڪندا آهن ۽ گهڻو ڪري اپريل مهيني ۾ هتي اچي گڏ ٿيندا آهن. سندن مٽ مائٽ جيڪي سيارو اچي سنڌوءَ جي ڪنارن سان گذاريندا آهن، تن سان سندن ميڙائو به هتي ٿيندو آهي. تنهن کان پوءِ هو خراسان هليا ويندا آهن ۽ اونهاري جي گرمي واري موسم اتي گهاريندا آهن. هي ماڻهو ٽن يا ڪِريز (Kirees) حصن ۾ ونڊجي لڏپلاڻ ڪندا آهن. منهنجي خيال ۾ ڪريز لفظ جي معنيٰ لڏپلاڻ آهي. هن ڪريز ڪي ٽن، نصير (Nusseer)، خرائوتي (Kharoutee) ۽ ميان خيل (Meea khyl) جي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي. اهي سندن قبيلن جي شاخن جا نالا آهن، جيڪي سندن لڏپلاڻ جي اڳواٽي ڪندا آهن. پهرئين نالي وارا ماڻهو گهڻا هوندا آهن. ساڻن 50.000 يا 60.000 کن ريون هونديون آهن. پوئين نالي وارن ماڻهن سان هندو واپاري ۽ ولايتي ماڻهو سفر ڪندا آهن. سندن اچڻ وڃڻ جي گهٽائي راهداري ۽ ڪسٽم متعلق ڪتاب ۾ درج آهي، جيڪو ڏيکاري ٿو ته هن سال 5140 سامان سان لڏيل اٺ هتان لنگهيا آهن. ٻيا اٺ جيڪي ماڻهن جو سامان سڙو ۽ تنبو وغيره کڻي لنگهيا تن جو انگ 24000 آهي. نصير وارن جو انگ 17000، ميان خيل وارن جو 4000 ۽ خرائوتي وارن جو انگ 3000 آهي. جن رستن سان سندن قافلا سفر ڪندا آهن سي فقط گس هوندا آهن، جن ۾ جهاڪا ۽ هيٺ مٿانهيون هونديون آهن. گهڻو ڪري وزيري قبائلين جي علائقي مان گومل درياهه سان سفر ڪندا آهن. لوهاڻي قبيلن سان هٿيار به گڏ هوندا آهن، جن وسيلي پنهنجي ۽ مسافرن جي مال ملڪيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو تحفظ ڪندا آهن. سنڌن قافلا جون مهيني جي وچ ڌاران ڪابل ۾ قنڌار پهچندا آهن. ان ڪان پوءِ هو هرات ۽ بخارا اُسهندا آهن. آڪٽوبر مهيني ۾ جڏهن سيارو شروع ٿيڻ وارو هوندو آهي تہ هيٺ سنڌوءَ جي ميدانن ڏانهن اچڻ شروع ڪندا آهن. ساڻن ڳڏ، رنگ، ميوا ۽ ڪابل جون تيار ٿيل شيون هونديون آهن، جيڪي هنن هندستاني ۽ برطانيہ جي مال عيوض وٺيون هونديون آهن. واپار جو هيءُ رستو تمام قديم آهي. شهنشاهه بابر جو چوڻ آهي تہ هن جڏهن 1505ع ۾ ديره جات تي،هلان ڪئي هئي تہ اوچتو وچي لوهاڻي قبيلي جي واپارين مٿان پيو هو ۽ کانئن ڪپڙي، خوشبودار شين، دوائن، کنڊ، مصري ۽ گهوڙن جي ڦر ڪئي هئي. وٽن سامان تمام گهڻو هو ۽ هن ڪا بہ شيءِ ڪا نہ ڇڏي. اڄ ڪلهہ بہ اسان اهي ساڳيون شيون ڏسون ٿا، جن جو موجوده دور ۾ واپار هلندو آهي. اهو ذڪر ڪرڻ بہ لازمي ٿيندو تہ شهنشاهہ بابر ضرورت وقت هنن کي ڦريو لٽيو، پر جڏهن هن ڪابل ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ اتي پوريءَ ريت پنهنجا پير پختا ڪيا، تہ کين خلعتون بخشي وڏو مان ڏنو هئائين.

لوهاڻي قافلن جي بيان کان پوءِ اهو ضروري آهي تہ هندستان کان ڪابل ويندڙ مڙني رستن جو ذڪر ڪريان. زباني بيان ڪرڻ، مان سمجهان ٿو تہ ڪجهه مڙئي وڌيڪ ڏکيو ٿيندو. اهي مکيہ ٽي رستا آهن. هڪ لاهور ۽ اٽڪ وارو، ٻيو ديره جات وارو جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ٽيون بولان لڪ وارو جيڪو شڪارپور کان قنڌار ويندو آهي. هنن کان سواءِ وچووارڙيءَ بہ ڪي رستا آهن، جن سان فوجون وغيره اينديون رهيون آهن. هاڻي انهن رستن سان واپاري قافلا ڪو نہ گذرندا آهن. هڪ رستو ديري غازي خان کان هلي سخي سرور لڪ لنگهي بوري (Boree) کان ٿيندو قنڌار پهچندو آهي. هن رستي وسيلي ڪابل جا بادشاهہ انبن جو مزو ماڻيندا آهن. مان انهن ماڻهن سان مليو آهيان جيڪي سنڌوءَ وٽان انبن جو بار کڻي نَون ڏينهن ۾ قنڌار رسندا آهن. بوري جي آبهوا خوشگوار آهي. اهو بيان رڳو ايلفن اسٽون جو نہ آهي، پر مون هن موضوع تي هتان جي ڪيترن ماڻهن کان پڇا ڳاڇا بہ ڪئي آهي. بابر بادشاهہ بہ هيءُ رستو ڏٺي 1505ع ۾ پنهنجي لشڪر سان ڳڏ غزني پهتو هو، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. سنڌن گهوڙن کي گاهہ پاڻي نہ هجڻ ڪري سخت تڪليف آئي هئي. قافلن جي رستي هجڻ جي حيثيت ۾ هيءُ گولياري لڪ کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ڪونہ آهي. ڪجهه عرصي کان هيءُ رستو ويران آهي. هيءُ رستو هاڻي فقط قاصد استعمال ڪندا آهن جيڪي هندستان ڏانهن پيا ايندي ويندي ڏسبا آهن. هي ترت پيغام پهچائڻ وارو ننڍي ۾ ننڍو رستو آهي. ديري اسماعيل کان اتر پشاور تائين ڪابہ سڌي آمدرفت ڪا نہ آهي. هتان جا رستا گهڻو ڪري خراب ۽ ڌاڙيلن جي ور چڙهيل آهن. ڪابل ڏانهن ويندڙ سنئو رستو ڪورم (Koorum)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو ويندو آهي ته 300 سال کن اڳ هڪ بلوچ هن شهر جو بنياد رکيو هو. هن شهر کي ڪڏهن 'غازي خان' ڪڏهن 'حاجي خان' جي نالي سڏيو ويو آهي. اڳي هيءُ شهر ڪابل جي ماتحت هو. گذريل پنجويهن سالن کان سکن جي قبضي ۾ آهي. سکن هيءُ علائقو بهاول خان جي تحويل ۾ ڏنو آهي، جنهن کي هن علائقي سان ڪا به دلچسپي ڪا نه آهي. سندس لاڪڙين (آفيسرن) هتي ڦرلٽ جي هيگهي مچائي ڇڏي هئي. سن 1832ع کان سکن هيءُ علائقو پنهنجي سنڀال ۾ ورتو آهي ۽ ان کان پوءِ سندس حالت سڌري رهي آهي.

ديري غازي جي چوڌاري زمين ڏاڍي زرخيز آهي. شهر هڪ هموار ميداني علائقي ۾ سنڌوءَ کان چئن ميلن جي پنڌ تي آهي. چوطرف باغ ۽ بگها وڻ اٿس. کجيءَ جي وڻ جي گهڻائي آهي. چيو ويندو آهي ته ديري غازي خان جي چوڌاري 80.000 کجين جا وڻ آهن. انهن سيني کان وڌيڪ هتي نير جي پيدائش ٿيندي آهي، جنهن مان هن سال 2.000 مڻ اولهه ڏانهن برآمد ڪيا ويا آهن. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته هيءُ نير جي سڄي علائقي جي پيداوار آهي. سٺي قسم جي نير جي ميز جي قيمت پنجهٽ رپيا في مڻ آهي. وچولو قسم پنجاهه رپيا ۽ سادي قسم جي قيمت ٻٽيهه رپيا في مڻ آهي. هن وڻ جي برآمد مان هڪ لک رپيا اپت ٿيندي آهي. هتان جو رنگ بهاولپور کان سادي قسم جو آهي پر قيمت ۾ سهانگو آهي جيڪو ڪابل ۽ بخارا ڏانهن برآمد ڪيو ويندو آهي ۽ ٻين جي بنسبت پنڌ ۾ ڪجهه ويجهو به آهي. ديري غازي خان جي ڪپهه سٺيءَ جنس جي ۽ پٽ جهڙي نرم آهي. پيداوار 25.000 مڻ کن ٿيندي. جيڪا ٻاهر موڪلي ويندي آهي. ٿوري وقت کان وٺي هتي ٿوري گهڻي ڪمند جي پوک به ڪئي وڃي ٿي. هتي اُن گهڻو پيدا ٿيندو آهي. ڪڻڪ ۽ جوئن جي جنس تمام سٺي آهي، پر چانور ڳاڙها آهن. جيڪي جنس جي لحاظ کان گهٽ هوندا آهن. جون 1837ع مطابق ان جا اگهه هيٺ ڏجن ٿا. سڪو شجاع الملڪ جو هلندڙ آهي. اگهه گهڻو ڪري شڪارپور جي اگهن جهڙا آهن:

| جنس | قيمت |
|---|---|
| چانور چاليهه سير مڻ | 3 رپيا |
| چانور وچولي جنس | 2 کان 3/4– 1 رپيا |
| ڪڻڪ ڏيڍ مڻ | 1 رپيو |
| جوئر 70 سير | 1 رپيو |
| مهري دال ٻه مڻ | 1 رپيو |
| مگ 50 سير | 1 رپيو |
| لوڻ في مڻ | 3 3/4 رپيا |
| ڏيهي لوڻ ٻه مڻ | 1 رپيو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ڳڙ في مڻ | 3 1/2 رپيا |
| مصري ني مڻ | 16 رپيا |

ديرو غازي جڏهن ڪابل جو ڏنيرو هو، تڏهن هن ملڪ مان ٻاهرهن لڪ محصول اڳڙندو هو، پر هاڻي اهو ساڍا ڇهن يا نَوَ لک آهي. هي اپت، سنگور (Sangur)، هڙند، داجل ۽ درياهه ڪان پار ڪڇي واري علائقي مان ٿيندي آهي. محصول جو انگ ان شخص جو ٻڌل آهي، جيڪو هن وقت ملتان جو گورنر آهي. ديري غازي خان جي چوڌاري ڳوٺن جو وڏو انگ آهي، جن ۾ گهڻو ڪري مسلمان رهندا آهن. ديري غازي خان جي شهر ۾ هندن ۽ مسلمانن جو انگ هڪ جيترو آهي. منجهس هندن جا ڪل 125 مندر ۽ ننڍيون وڏيون 110 مسجديون پڻ آهن، هن انگ ۾ ننڍي وڏي مذهبي جاءِ شامل آهي. ديري غازي خان جو سڌن رستن واسطي اوسي پاسي جي سڀني ملڪن سان رابطو آهي. هن شهر سان ڳنڍيل شهرن جو جيڪڏهن ذڪر ڪبو ته اجايو ڪو نه ٿيندو. شهر هي آهن: آسني (Asnee)، هڙند، ڪڇي، گنداوا، مٺڻ ڪوٽ، شڪارپور، بهاولپور، خيرپور، الله يار، حيدرآباد، ملتان، لاهور ۽ امرتسر.

هن شهر جي بازار ۾ موجود هٽن جو وچور ڏئي، هن علائقي جو بيان هتي ختم ڪندس. مان سمجهان ٿو ته هي بيان اوهان کي شماريات جو دستاويز ڏسڻ ۾ ايندو، پر مان ان جو وچور ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

سنڌوءَ جي ڪناري تي وسندڙ شهر ديري غازي جي بازار ۾ موجود هٽن جي پنوتري:

| | |
|---|---|
| ڪپڙي جا هٽ | 113 |
| ريشمي ڪپڙي جا هٽ | 25 |
| سوٽي ڪپڙي جي ڪورين جا هٽ | 128 |
| ريشمي ڪپڙي جي ڪورين جا هٽ | 112 |
| پيجارن جا هٽ | 25 |
| ڪپهه وڪڻڻ وارن جا هٽ | 17 |
| اَنَ جا هٽ | 219 |
| جوتن جا هٽ | 55 |
| هندن جا جوتا ناهيندڙ هٽ | 25 |
| ٽوپين جا هٽ | 15 |
| درزڪا هٽ | 50 |
| ڪاسائي | 15 |
| ساين ياچين جا هٽ | 40 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ميوات جا هٽ | 32 |
| ڪير جا هٽ | 30 |
| مٺاين جا هٽ | 75 |
| نانوائي | 40 |
| حڪيمن جا هٽ | 10 |
| پساري | 30 |
| ڪاچ ۽ شيشن جا هٽ | 30 |
| لوهرن جا هٽ | 45 |
| ٺاٺارن جا هٽ | 25 |
| سونارن جا هٽ | 60 |
| ڇرين ڪاتين ۽ چاقن جا هٽ | 12 |
| جنبيءَ وارن جا هٽ | 9 |
| صرافن جا هٽ | 30 |
| گهوڙن جي سنجن جا هٽ | 20 |
| ڌوٻين جا هٽ | 50 |
| رنگ وارن جا هٽ | 15 |
| تماڪ جا هٽ ۽ ڀنگ جا گتا | 30 |
| نڙن جا هٽ | 18 |
| ڪاغذ جا هٽ | 18 |
| بند ٿيل هٽ، جن جي بند ٿيڻ جو سبب معلوم نہ آهي. | 165 |
| ڪل جوڙ | 1597 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com